# سنڌ جي معلومات

(سوالن جوابن ۾)

محمد صالح کھڙو

روشني

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944
Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/kutabkhano

وڌايل ۽ سنواريل نئون ڇاپو

# سنڌ جي معلومات

[موضوع وار سوال ۽ انهن جا جواب]

محمد صالح کهڙو

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري

سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي مفت وٺڻ جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات

١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
٤. مصروفيت
٥. تصوير

ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو جو فيسبڪ گروپ جوائن ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano

گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2017ع

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# فهرست


- پنهنجي پاران 11
- مهاڳ 13

باب پهريون

سنڌ جي تاريخ 15

باب ٻيو

سنڌ جي جاگرافي 37

باب ٽيون

سنڌو درياءُ 43

باب چوٿون

سنڌ جا بئراج 50

- سکر بئراج 50
- ڪوٽڙي بئراج 51
- گڊو بئراج 52

باب پنجون

سنڌ جا جبل ۽ جبلن جون چوٽيون 54

باب ڇهون

سنڌ جون ڍنڍون 61


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب ستون

سنڌ جا پيلا 68

باب اٺون

سنڌ جا مشهور ڪوٽ ۽ قلعا 71

- انڙ ڪوٽ 71
- دليل ڪوٽ 72
- حيدرآباد جو پڪو قلعو 73
- جانڪي بندر جو ڪوٽ 74
- عمرڪوٽ 75
- رتوڪوٽ 76
- راڻوڪوٽ 77
- رني ڪوٽ 78
- سيوهڻ جو قلعو 80
- منوڙي جو قلعو 81
- نئون ڪوٽ 82
- ننڊڪوٽ 83
- نيرون ڪوٽ 84
- ڪچو قلعو 85
- ڪلان ڪوٽ 86
- ڪوٽ ڏجي قلعو 88

باب نائون

سنڌ جا مشهور بندر 90

- الهيو بندر 90
- اور ماڙ بندر 90

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


• اورنگا بندر 91

• بن قاسم 92

• پنيور جو بندر 92

• دبيل بندر 94

• جاڪي بندر 96

• علي بندر 97

• رهمڪي بندر 98

• شاهه بندر 99

• لاهري بندر 100

• ڪراچي بندر 102

**باب ڏهون**

ٿر ۽ پارڪر 105

**باب يارهون**

سنڌ جا مشهور دڙا 110

• موهن جو دڙو 110

• ڪاهوءَ جو دڙو 111

• جهڪر جو دڙو 112

• آمريءَ جو دڙو 113

• چانهون‌ءَ جو دڙو 114

• متفرق دڙا 115

**باب ٻارهون**

سنڌي ادب ۽ ٻولي 116


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب تيرهون


سنڌ جون عظيم شخصيتون 157

- استاد بخاري 157
- امر جليل 158
- آغا سليم 161
- فقير قادر بخش بيدلؒ 163
- ذوالفقار علي ڀٽو 164
- حيدر بخش خان جتوئي "حيدر" 166
- حسام الدين راشدي 167
- جنرل هوش محمد شيدي شهيد 170
- سيد غلام مرتضيٰ شاهه (سائين جي ايم سيد) 171
- ڊاڪٽر غلام علي الانا 174
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 176
- عبدالرحيم گرهوڙيؒ 179
- محمد ابراهيم جويو 180
- مولوي حاجي احمد ملاحؒ 183
- مولانا سيد تاج محمود امروٽيؒ 185
- مولانا دين محمد وفائيؒ 186
- مولانا عبيدالله سنڌيؒ 187
- مير معصوم شاهه بکريؒ 188
- مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ 190
- سيد صبغت الله شاهه راشديؒ 192
- سچل سرمستؒ 193
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ 195
- شاهه عنايت شهيدؒ 197


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

• شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ 119
• شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ 200
• شيخ اياز 202

باب چوڏهون
سنڌ جا پکي، جانور ۽ بلائون 205

باب پندرهون
سنڌ جي معدنيات ۽ صنعت 210

باب سورهون
سنڌ جا اهم تعليمي ادارا 213

باب سترهون
سنڌ جون اهم رانديون 216
• ملهه 216
• ٻيلهاڙو 219
• پيجري ڪٽڻ 220
• چنبي ڇڏائڻ 220
• متفرق رانديون 221

باب ارڙهون
سنڌ جا شوق ۽ شڪار 224

باب اوڻيهون
سنڌ جا لباس، سينگار ۽ ڪاڏا 225

باب ويهون
سنڌ جون ريتون ۽ رسمون 228

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


**باب ايڪويهون**

سنڌ جي ڪچهري 231

**باب ٻاويهون**

سنڌ ۾ ڳالهايون ويندڙ مشهور زبانون 233

**باب ٽيويهون**

سنڌ جا هنر 236

**باب چوويهون**

سنڌ جون ذاتيون ۽ قبيلا 250

**باب پنجويهون**

سنڌ جون ڊويزنون ضلعا ۽ تعلقا 259

- مددي ڪتابن جي فهرست 263



ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري

سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي
مفت ونڊ جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گھربل معلومات

١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
٤. مصروفيت
٥. تصوير

ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽
برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو
جو فيسبڪ گروپ جوائن
ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano

گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# پنهنجي پاران

جنهن ديس ۾ اسان رهون ٿا، انهيءَ کي "سنڌ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اها هڪ حقيقت آهي تہ "سنڌ" نالي پرڳڻو قديم دؤر کان پنهنجي الڳ تاريخ ۽ سڃاڻپ رکي ٿو. ڪڏهن تہ هيءُ پرڳڻو ۽ ملڪ دنيا ۾ تمام وڏي حيثيت رکندڙ هو ليڪن ڌارين جي ڪاهن ۽ حملن ۽ پنهنجن جي غداريءَ سبب، هن جون سرحدون سوڙهيون ٿينديون رهيون. تواريخ جي مطالعي منجهان پتو پوندو تہ اڪثر هي پرڳڻو ڌارين جي ڪاهن جي نشاني تي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هي قديم وقت کان هڪ سرسبز ۽ شاداب علائقو رهيو آهي ۽ هتان جا رهواسي امن پسند ۽ صوفيانہ مزاج رکندڙ رهيا آهن. هن وقت هي پرڳڻو پاڪستان جو هڪ صوبو آهي، ليڪن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان ايراضيءَ ۽ آدمشماريءَ جي لحاظ کان وڏو آهي. جيئن تہ هي منهنجو وطن آهي، ان ڪري مون پاڻ تي لازم ڄاتو تہ ان بابت ڪجھ لکان. هونئن تہ سنڌ سونهاريءَ متعلق محترم جي ايم سيد، سيد حسام الدين راشديءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب ۽ ٻين سنڌ جي سڄاڻ محققن ۽ دانشورن ڪافي ڪجھ لکيو آهي، ليڪن هن ناچيز ۽ ڪم علم بہ پنهنجي مٿان فرض ڄاڻي هي رنڊا روڙيا آهن.

هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن جي سهوليت خاطر، ڪتاب کي 25 بابن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر هڪ باب ۾ مختصر پر جامع معلومات ڏني وئي آهي. ڪافي غلطين ۽ ڪوتاهين کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ليڪن انسان خاطي آهي، ان ڪري ڪي غلطيون ۽ ڪوتاهيون ڪتاب ۾ رهجي بہ ويون هونديون. پڙهندڙ دوستن کي گذارش آهي تہ جيڪي غلطيون سندن نظر مان گذرن، تہ مهرباني ڪري انهن غلطين

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



وقت دل ۾ اهائي آس هئي ته، ڪاش اهڙو ڪو مجاهد جوان/ادارو پيدا ٿئي، جيڪو هن ڪم کي اڳتي وڌائي ۽ پايهءِ تڪميل تي پهچائي. اڄ جڏهن سنڌ جي نامور اديب ۽ محقق برادرم محمد صالح کهڙي جي لکيل، (سنڌ بابت معلومات” سوالن جوابن تي مشتمل هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ، مسودو منهنجي آڏو آيو ته نه صرف خوشيءَ سان منهنجي دل ٽمٽار ٿي وئي، پر 20_ 25 سال اڳ پوکيل منهنجو ٻوٽو به هڪ ڦلدائڪ وڻ جي صورت ۾ نظر آيو ۽ پنهنجو خواب ساڀيان ٿيندي محسوس ٿيو.

سنڌ متعلق ترتيب ڏنل هن ڪتاب جو سهڙيندڙ محترم محمد صالح کهڙو سنڌ واسين لاءِ ڪو نئون نالو ناهي، هن دوست جا هن کان اڳ به مختلف موضوعن تي ڪافي ڪتاب ڇپجي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. هن ڪتاب ۾ فاضل ليکڪ 25 بابن ۾ سنڌ متعلق جامع معلومات ڏني آهي، جيڪا ڪتاب جي فهرست ڏسڻ سان ئي پڌري ٿي پوي ٿي. وڏي جاکوڙ محنت، تحقيق ۽ محبت سان هن ڪتاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ سان واسطو رکندڙ احباب لاءِ ۽ خاص طور سنڌ جي نوجوانن لاءِ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو.

غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ
صدر سنڌي ساهت سوسائٽي
شڪارپور _ لاڙڪاڻو

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري
سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي مفت وٽس جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات
١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
٤. مصروفيت
٥. تصوير
ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو جو فيسبڪ گروپ جوائن ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano
گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب پهريون

# سنڌ جي تاريخ

## (قديم دوُر کان جديد دوُر تائين)

س: قديم دور ۾ سنڌ جي حدن بابت ڇا ٿا ڄاڻو؟

ج: قديم دور ۾ "سنڌ شهناهيت" جون حدون سڄي ننڍي کنڊ تائين پکڙيل هيون. وچين دور ۾ به سنڌ ملڪ, سنڌي کنڊ جي وڏي حصي تائين پکڙيل هو. ان جون حدون اتر ۾ ڪشمير, ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ اوڀر ۾ راجستان ۽ اولهه ۾ مڪران ۽ ڪرمان تائين پکڙيل هيون.

س: سنڌ جون حدون راءِ سهاسيءَ جي وقت ڪيستائين هيون؟

ج: چچ نامي مطابق اوڀر کان ڪشمير تائين, اولهه کان مڪران تائين, ڏکڻ کان سمنڊ جي ڪناري تائين ۽ اتر کان ڪردن جي جبل ۽ ڪيڪانان جبل تائين.

س: موجوده سنڌ جون سرحدون ڪيستائين آهن؟

ج: اتر طرف صوبو پنجاب, ڏکڻ طرف عربي ۽ هندي وڏو سمنڊ, اوڀر طرف وارياسا رڻ پٽ ۽ الهندي طرف ڪيرٿر ۽ ان سان لاڳاپيل جبلن جو نظارو.

س: سنڌ جي نالي بابت ڪهڙيون مشهور روايتون آهن؟

ج: پهرين روايت: هن خطي تي سنڌ نالو حام بن نوح عليه السلام جي پٽ جي نالي پوئيان پيو. ٻي روايت: سنڌو سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي, جنهن جي معنيٰ آهي وڏو درياءَ يا سمنڊ.

س: يونان جي ڪهڙي مورخ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جو يوناني ٻوليءَ ۾ ڇا نالو ڏنو آهي؟

ج: يوناني تاريخ دان ٽالمي پنهنجي ڪتاب "ڳاڙهي سمنڊ جي سياحت" ۾ سنڌ جو يوناني اُچار "سنٿس" طور ڪيو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪهڙي عرب مورخ سنڌ ۽ هند جا نالا حضرت نوحؑ جي ٽڙ پوٽي طور ڄاڻايا آهن؟

ج: ياقوت حمويءَ پنهنجي ڪتاب "مجمع البلدان" ۾ لکيو آهي ته "سنڌ" ۽ "هند" پاڻ ۾ ڀائر هئا. اهي ٻئي توقير بن يقطان بن حام بن نوحؑ جا پٽ هئا. يعني حضرت نوحؑ جا ٽڙ پوٽا.

س: سنڌ جي سرزمين تي "سنڌ" نالي بابت ڪهڙي روايت درست سمجهي وڃي ٿي؟

ج: سنڌو نديءَ جي ڪري پيل نالي واري روايت کي معتبر ۽ درست سمجهيو وڃي ٿو.

س: سنڌ بابت لکيل اوائلي ڄاڻ ڪهڙن ڪتابن مان ملي ٿي؟

ج: هندن جي ويدن، براهمن، گرنٿن، پراڻن، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم وارن پستڪن مان سنڌ بابت ڄاڻ ملي ٿي.

س: سنڌ جو تاريخي دؤر ڪڏهن کان شروع ٿئي ٿو؟

ج: يونانين جي مورخ هيرو ڊوٽس کان، جنهن کي تاريخ جو ابو سڏيو وڃي ٿو.

س: ڪهڙي سن کان هيروڊوٽس جو دؤر شروع ٿيو؟

ج: 450 ق. م کان.

س: چچ نامي کانسواءِ سنڌ بابت ٻيا ڪهڙا تاريخي ڪتاب بنيادي ماخذ ڳڻيا وڃن ٿا؟

ج: تاريخ معصومي، بيگلار نامو، تاريخ طاهري ۽ تحفته الاڪرام.

س: قديم ايرانين جڏهن سنڌو ماٿريءَ کي فتح ڪيو ته پوءِ انهيءَ جو نالو ڇا رکيائون؟

ج: سيني علائقن کي گڏي انهن جو نالو "هندو" رکيائون.

س: قديم ايراني "هندو" ڪهڙي تلفظ کي سڏيندا هئا؟

ج: ايراني 'س' کي 'هه' ۾ تبديل ڪندا هئا ۽ "سنڌو" کي "هندو" سڏيندا هئا.

س: مشهور مورخ سيد سليمان ندوي اهل فارس پاران 'سنڌ کي 'هند' سڏڻ لاءِ ڇا ٻڌايو آهي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: ناميارِي مورخ سيد سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب ”عرب و هند ڪي تعلقات“ ۾ لکيو آهي تہ اهل فارس سنڌ تي پراڻي فارسي زبان ۾ ”س“ ۽ ”ھ“ پاڻ ۾ مٽجن ٿا. ان ڪري اهل فارس وارن ’سنڌ‘ کي ’هند‘ سڏيو.

س: سنڌوءَ منجهہ بہ ڪهڙي لفظي تبديلي آئي؟

ج: لفظ ’س‘ کي ’ا‘ ۾ بدليو ويو ۽ پوءِ اچار ”سنڌو“ مان ”انڊو“ بنجي ويو.

س: ”سنڌوءَ“ ۾ انڊو کانپوءِ ڪهڙيون تبديليون آيون؟

ج: انڊوس، انڊيڪا، انڊيڪوس، انڊس ۽ پوءِ انڊيا.

س: هندستان جي اصل معنيٰ ڇا هئي؟

ج: سنڌستان، يعني سنڌوءَ ڪناري رهندڙن جو آستان يا سنڌين جو آستان.

س: ايرانين کي سنڌ جي خبر ڪنهن کان پئي؟

ج: آرين کان.

س: ايرانين کانپوءِ سنڌ جي خبر ڪنهن ڪنهن کي پئي؟

ج: يونانين کي ۽ ان بعد وري عربن کي.

س: ڪهڙن عرب تاريخدانن پنهنجي تاريخن ۾ سنڌ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي؟

ج: مشهور عرب تاريخدانن بلاذريءَ پنهنجي ڪتاب ”فتوح البلدان“ ۾، احمد يعقوبيءَ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ اليعقوبي“ ۾، محمد طبريءَ ”تاريخ طبريءَ“ ۾، احمد ينوري پنهنجي ڪتاب ”اخبار الطوال“ ۾، ابن نديم ”الفهرست“ ۾ ۽ البيرونيءَ پنهنجي لکيل ڪتاب ”ڪتاب الهند“ ۾.

س: سنڌ جي تهذيب گهڻو پراڻي آهي؟

ج: 35000 ق. م کان 25000 ق. م تائين

س: ماهرن جي راءِ موجب موهن جو دڙو ڪيترو پراڻو آهي؟

ج: 3600 ق. م.

س: موهن جو دڙو موجوده سنڌ جي ڪهڙي ضلعي ۾ واقع آهي؟

ج: ضلعي لاڙڪاڻي جي ڏوڪريءَ تعلقي ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: موهن جو دڙو وانگر سنڌ جا ٻيا پراڻا شهر ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

ج: سيوهڻ، ٺٽو، ڪوٽڏيجي، آمري، الوريا اروڙ،جهڪر جو دڙو ۽ ڪاهوءَ جو دڙو.

س: مرزا قليچ بيگ مطابق عربن جي فتح وقت موجوده پنجاب جا ڪهڙا شهر سنڌ ۾ هئا؟

ج: ملتان، اُچ، بهاولپور سميت لڳ ڀڳ سڄو موجوده پنجاب سنڌ ۾ شامل هو.

س: سنڌ جا پراڻا مشهور شهر ڪهڙا ڪهڙا هئا؟

ج: ملتان، اُچ، بکر، سکر، الوريا اروڙ بڪار، گهوٽڪي، اوباوڙو، سيوي، سيوستان يعني سيوهڻ، لڪعلوي يا لکي، پاٽ، تلتي، بوبڪ، چانڊڪو خدا آباد، انڙپور، کهڙا، هالاڻي، ڀلاڻي، دربيلو، هالا ڪنڊي، ياٽوٽ، خاٽوٽ، اڏيرو لال (جهيجا)، نصرپور، بکيرا، ڪاتيار، مٽياري (متعلوي)، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)، ننگر پارڪر، لاڙيون، ميرپور ساڪرو، ڀنيور، ڪولاچي، ديبل بندر، ڪلان ڪوٽ، ٻنورو، لاهري بندر يا لوهاڻي بندر، ڏاراجا بندر، ساموئي، مڪلي، ٺٽو ديپالپور، سبزل ڪوٽ، شاهه بندر، ماڻيلو محمود آباد، محمد پور، منصوره، نصرپور، شڪاربور ۽ نوشهرو ابڙو وغيره.

س: سنڌ جا پراڻا رهاڪو ڪير هئا؟

ج: سنٿال، ڀيل، منڊلوڪ، ڪولهي، مينگهواڙ، اوڊ، مهاٽا ۽ دراوڙ نسل جا ٻيا انيڪ قبيلا ۽ ماڻهو.

س: مٿيون قومون سنڌ تي حملن بعد ڌارين حڪمران جي ظلم سبب ڪيڏانهن لڏي ويون؟

ج: اڪثر اتر هندستان ڏانهن.

س: ڪيئن سمجهجي ته اهي قومون سنڌ ۾ رهنديون هيون؟

ج: موهن جو دڙو ۽ سيوهڻ لڳ آمريءَ جي آثارن منجهان انهن ماڻهن جون ڪوپڙيون لڌيون ويون آهن، جن جي آڌار تي ٿيل کوجنا مان مٿين ڄاڻ ملي.

س: اهي کوپڙيون ڪڏهن لڌيون ويون؟

ج: 1923ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: دراوڙ ڪٿان ڪان آيل هئا؟

ج: دراوڙن لاءِ مکيہ ٻہ رويتون آهن: (1) دراوڙ اصل ڏکڻ هندستان جا رهاڪو آهن. (2) يونوچ سمنڊ جي پاسي کان آيا.

س: يونوچ سمنڊ جي طرف کان انهن کي ڪنهن لڏايو؟

ج: عربن ۽ سيپٽڪ قوم وارن.

س: ڪهڙي روايت درست سمجهي وڃي ٿي؟

ج: دراوڙ اصل ۾ ڏکڻ هندستان، يعني نندي کنڊ جا رهاڪو آهن.

س: دراوڙن جي پيڙهہ موجوده وقت ۾ ڪهڙي قوم سان ڪري سگهجي ٿي؟

ج: ٻروهي قوم سان.

س: بروهين ۽ دراوڙن لاءِ ڇا چيو وڃي ٿو؟

ج: اڪثر دراوڙ قبيلا اترئين هندستان ڏانهن هليا ويا ۽ بروهي بلوچستان ۽ سنڌ ۾ رهي پيا ۽ گهڻو پوءِ هن خطي ۾ اسلام اچڻ تي اسلام قبول ڪيائون.

س: پٿر جو دور ڪهڙي دور کي سڏيو وڃي ٿو ۽ ڇو؟

ج: انهيءَ دور کي جنهن دور ۾ انساني استعمال جي هر هڪ شيءِ پٿر مان ٺاهي ويندي هئي.

س: دراوڙن لاءِ ٻيو ڇا چيو وڃي ٿو؟

ج: دراوڙ اصل سنڌ جا هئا ۽ پوءِ يونوچ سمنڊ ڏانهن ويا.

س: جڏهن دراوڙ سنڌ ۾ آباد هئا تہ اهو ڪهڙو دور سڏجي ٿو؟

ج: پٿر جو دور.

س: دراوڙن کانپوءِ سنڌ ۾ ڪير آيا؟

ج: آريا.

س: آريا ڪٿان آيا؟

ج: آرين لاءِ ٻہ روايتون مشهور آهن: (1) هي وچ ايشيا کان آيا هئا ۽ ٻيو اتر قطب جي ميرو پربت ۽ سائبيريا کان.

س: آريا ڪڏهن سنڌ ۾ آيا؟

ج: عيسوي سن کان اٽڪل 6 هزار سال اڳ.

س: آرين ڇا جي ڪري سنڌ ڏانهن رخ ڪيو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: سنڌ کي سرسبز ڏسي ڌاڙي حملي لاءِ سنڌ ڏانهن رُخ ڪيائون، سنڌ جي امن پسند اصلوڪن رهاڪن تي ڪهڙي ڪاروايون ڪندي وڏا ظلم ڪيائون ۽ اهڙي طرح هن امن پسند ڌرتيءَ سنڌ تي قابض ٿي ويا.

س: آرين اصلوڪن سنڌ واسين سان ڪهڙو سلوڪ رکيو؟

ج: سنڌ جي اصلوڪن رهندڙن سان جنگيون جوٽيائون ۽ فتح ڪري انهن تي هر طرح جا ظلم ڪيائون. ڪن محققن جو خيال آهي ته سنڌ جي اصل رهاڪن کي ڏکين ۽ اڙانگن علائقن ڏانهن ڌڪي ڇڏيائون، پر ياد رهي ته اُهي پاڻ هنن جي ظلم کان تنگ ٿي سر بچائي وڃي اڙانگن علائقن ۾ آباد ٿيا ته جيئن ايندڙ دور ۾ حملن کان بچي سگهن.

س: آرين ڪيترن دريائن وارن علائقن تي پنهنجو قبضو ڪيو؟

ج: ستن دريائن جي علائقن تي.

س: انهيءَ وقت سنڌ کي ڇا سڏيو ويندو هو؟

ج: "سپت سنڌو"، يعني ستن دريائن وارو ملڪ.

س: اهي ست نديون ڪهڙيون هيون؟

ج: موجوده پنجاب جون پنج نديون: ستلج، چناب، جهلم، ابياس، راوي ۽ تنهن کانسواءِ سرسوتي ۽ سنڌو ندي.

س: سڀ کان وڏي ندي ڪهڙي هئي؟

ج: سنڌو ندي.

س: سيني ندين جو ڇوڙ ڪهڙيءَ نديءَ ۾ ٿيندو هو؟

ج: سنڌو نديءَ ۾.

س: سنڌ بابت لکيل تاريخي احوال ڪڏهن کان ملي ٿو؟

ج: سنڌ ۾ آرين جي اچڻ کانپوءِ.

س: تاريخ منجهان سنڌ ڏانهن ميري اک رکندڙ ڪهڙي ايراني حاڪم بابت ڄاڻ ملي ٿي؟

ج: دارا اعظم.

س: دارا اعظم ڪڏهن سنڌ ۾ تي حملي آور ٿيو؟

ج: 327 ق. م ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: دارا اعظم جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان هو؟
ج: ايران سان.
س: دارا اعظم ڪهڙي شخص کي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو هو ته اهو سنڌ درياءَ جي سروي ڪري؟
ج: اسڪائيليڪس (Skylax) کي.
س: يوناني سنڌ ۾ ڪڏهن داخل ٿيا؟
ج: 325 ق. م ۾.
س: يونانين جو ڪهڙو دنيا جو وڏو فاتح، سنڌ جي فتح وقت سندن اڳواڻ هو؟
ج: سڪندر اعظم.
س: سڪندر اعظم ڪهڙو درياءَ لنگهي پنهنجي فوج سميت سنڌ ۾ داخل ٿيو هو؟
ج: سنڌو درياءَ.
س: سڪندر اعظم سنڌ پرڳڻي جي ڪهڙن ميدانن کي لتاڙي اڳتي ڪاهيندو آيو؟
ج: موجوده پنجاب جي ميدانن کي.
س: سڪندر اعظم جي اچڻ وقت سنڌ جي موجوده پنجاب واري پرڳڻي تي ڪير حڪومت ڪري رهيو هو؟
ج: راجا پورس.
س: سڪندر اعظم جي اچڻ وقت سنڌ جي پرڳڻي الور ۾ ڪير حڪومت ڪري رهيو هو؟
ج: سڪياس.
س: سنڌ جي سيوهڻ پرڳڻي ۾ ڪير حڪومت ڪري رهيو هو؟
ج: سابس.
س: سڪندراعظم جو مقابلو سڀ کان وڏو ڪنهن سان ٿيو؟
ج: راجا پورس سان.
س: سڪندر اعظم ڪيتري وقت تائين سنڌ ۾ رهيو؟
ج: ٻن سالن تائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سنڌ ۾ رهڻ کانپوءِ سڪندر اعظم ڪيڏانهن ويو؟
ج: يونان ڏانهن.
س: سڪندراعظم يونان ڏانهن ڪهڙي رستي ويو؟
ج: خشڪيءَ رستي.
س: سڪندر اعظم يونان ۾ ڪڏهن پهتو؟
ج: هو يونان ڪونه پهتو بلڪ رستي ۾ئي سندس انتقال ٿيو.
س: سڪندر اعظم جو ڪهڙي شهر ۾ انتقال ٿيو؟
ج: موجوده عراق ۾ واقع بابل ۾.
س: سنڌ ۾ سڪندر اعظم جي وڃڻ کانپوءِ ڪهڙي خاندان جي حڪومت قائم ٿي، اهو خاندان ڪهڙي علائقي جو هو؟
ج: موريا خاندان جي ۽ اهو خاندان بهادر جو رهاڪو هو.
س: موريا خاندان جي ڪهڙي مشهور راجا يونانين کي سنڌ منجهان ٻاهر تڙي ڪڍيو؟
ج: چندر گپت موريا.
س: موريا خاندان جي وقت ۾ سنڌ ۾ ڪهڙو مذهب رائج هو؟
ج: ٻڌ مذهب.
س: موريا خاندان جي ڪهڙي حڪمران جي وقت سنڌ ۾ ترقي ٿي؟
ج: اشوڪ اعظم جي دور ۾.
س: موريا خاندان جي زوال کانپوءِ سنڌ تي ڪير حڪمران بنيا؟
ج: يوناني ٻيو دفعو 200 ق. م ۾.
س: گپت گهراڻو ڪڏهن سنڌ تي قبضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو؟
ج: 322 ق. م ۾.
س: ڇا توهان گپت خاندان جي مشهور راجائن مان ڪجهه جا نالا ٻڌائي سگهو ٿا؟
ج: بلڪل، وڪروماجيت، پرٿوي ۽ هريچند.
س: گپت گهراڻي جي وقت ۾ ڪهڙي راجا سيوهڻ ۾ جلاوطنيءَ جا ڏينهن گذاريا؟
ج: راجا پرٿوي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: گپت گهراڻي جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ ڪهڙو مشهور چيني سياح، ٻڌ مت جا مکيہ مرڪز ڏسڻ آيو؟
ج: فاهيان.
س: سنڌ تي گپت خاندان ڪانپوءِ ڪنهن حڪومت قائم ڪئي؟
ج: يونانين، ٽيون دفعو.
س: راءِ گهراڻي ڪڏهن سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي؟
ج: پنجين صدي عيسويءَ ۾.
س: راءِ گهراڻي جي آخري حڪمران جو نالو ٻڌايو؟
ج: راءِ سهاسي.
س: راءِ سگهاسيءَ ڪانپوءِ سنڌ جو حڪمران ڪير بڻيو؟
ج: چچ پٽ سيلائج.
س: چچ ۽ راءِ سهاسيءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو هو؟
ج: چچ ڪمانڊر هو ۽ راءِ سهاسي سنڌ جو حڪمران.
س: چچ اصل ڪٿان جو رهاڪو هو؟
ج: ڪشمير جو.
س: چچ جو هندن جي ڪهڙي خاندان سان تعلق هو؟
ج: برهمڻ خاندان سان.
س: چچ سنڌ ۾ ڪهڙي مذهب جو بنياد قائم ڪيو؟
ج: هندو ڌرم جو.
س: چچ ڪنهن سان شادي ڪئي؟
ج: راءِ سهاسيءَ جي زال سان.
س: چچ راءِ سهاسيءَ جي زال سان ڪڏهن شادي ڪئي؟
ج: راءِ سهاسيءَ جي موت ڪانپوءِ.
س: چچ جي وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪهڙي شهر ۾ هو؟
ج: اروڙ يا الور ۾، جيڪو موجود شهر روهڙي جي پر ۾ واقع هو.
س: چچ جي وفات ڪانپوءِ سنڌ جو حڪمران ڪير ٿيو؟
ج: راجا چندر پٽ سيلائج.
س: چچ سنڌ جي مٿان ڪيترو وقت حڪومت ڪئي؟
ج: اٽڪل 40 سال.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: چندر پٽ سيلائج سنڌ تي گهڻا سال حڪومت ڪئي؟

ج: ست سال.

س: چندر پٽ سيلائج کانپوءِ سنڌ تي ڪير حڪمران ٿيو؟

ج: چچ جو پٽ راجا ڏاهر.

س: جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو ان وقت مسلمانن جي ڪهڙي گهراڻي جي حڪومت هئي؟

ج: بنيو اُميه گهراڻي جي.

س: سنڌ تي حملي وقت بنو اُميه جي خاندان جو ڪهڙو خليفو حڪومت ڪري رهيو هو؟

ج: وليد بن عبدالملڪ بن مروان.

س: وليد بن عبدالملڪ جو خاص گورنر ڪير هو؟

ج: حجاج بن يوسف.

س: حجاج سنڌ تي حملي وقت ڪٿي جو گورنر هو؟

ج: عرق جو.

س: عربن سنڌ تي ڇو حملو ڪيو؟

ج: سبب اهو ڄاڻايو ويو ته سنڌ جي ڏاڙيلن عربن جي ٻيڙين کي ڦريو آهي.

س: ان بابت ٻي به ڪا راءِ آهي؟

ج: سنڌ واسين جي راءِ آهي ته اصل ۾ عربن جي گهڻي عرصي کان خوشحال سنڌ تي اک هئي، ان کان اڳ انهن سنڌ تي ڪاهون ڪيون، جن ۾ هو ناڪام ٿيا. هن ڀيري به سندن اصل مقصد سنڌ کي محڪوم بڻائي ڦرڻ لٽڻ ۽ حڪمراني قائم ڪرڻ هو ان لاءِ هي سبب بنايو ويو.

س: سنڌ بابت جامع تاريخ جو پهريون ڪتاب ڪهڙو ملي ٿو؟

ج: چچ نامو.

س: چچ نامي جو مصنف ڪير آهي؟

ج: علي بن حامد ڪوفي.

س: ڪتاب چچ نامو اصل ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي؟

ج: فارسي زبان ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هن ڪتاب ۾ ڪهڙي دؤر کان سنڌ بابت ڄاڻ ملي ٿي؟
ج: راءِ گهراڻي کان محمد بن قاسم تائين.
س: چچ نامي موجب عربن جون ڪيترئيون ٻيڙيون ديبل بندر وٽ ڦريون ويون؟
ج: اٺ ٻيڙيون.
س: اهي ٻيڙيون ڪٿان ڪان اچي رهيون هيون؟
ج: سيرانديپ کان.
س: اهي ٻيڙيون ڇا سان ڀريل هيون؟
ج: قيمتي شين، جواهرن ۽ ماڻهن سان، جن ۾ عورتون ۽ ٻار به هئا.
س: عرب مسلمانن انهن ماڻهن کي ڇڏائڻ لاءِ پهريائين ڪهڙو قدم کنيو؟
ج: راجا ڏاهر ڏانهن خط لکيو ويو ته، ماڻهو آزاد ڪراءِ يا ڏوهي اسان جي حوالي ڪر.
س: راجا ڏاهر کين ڪهڙو جواب ڏنو؟
ج: راجا ڏاهر قيدين کي آزاد ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ کان اهو چئي انڪار ڪيو ته اهي اسان جي دسترس ۾ نه آهن.
س: اهي ٻيڙيون ڪٿي ڦريون ويون هيون؟
ج: ديبل بندر وٽ.
س: عربن محمد بن قسم کان پهريون ڪهڙي سپهه سالار کي سنڌ ڏانهن موڪليو هو؟
ج: بديل کي.
س: بديل جو مقابلو نيرون ڪوٽ ۾ ڪنهن سان ٿيو؟
ج: راجا ڏاهر جي پٽ جيسيه سان.
س: ان لڙائيءَ جو نتيجو ڇا نڪتو؟
ج: بديل قتل ٿي ويو.
س: بديل کانپوءِ ڪنهن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو؟
ج: محمد بن قاسم کي.
س: محمد بن قاسم سنڌ تي ڪڏهن حملو ڪيو؟
ج: 93 هجري سن 712عيسوي ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: محمد بن قاسم جي ان وقت عمر ڪيتري هئي؟
ج: سترهن سال.
س: ديبل جي فتح وقت محمد بن قاسم سان ڪيترو لشڪر ساڻ هو؟
ج: اٽڪل پندرهن هزار.
س: محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف سان ڪهڙو تعلق هو؟
ج: حجاج جو ڀائيٽو هو ٻيءَ روايت مطابق سؤٽ هو.
س: محمد بن قاسم جو مقابلو راجا ڏاهر سان ڪٿي ٿيو؟
ج: اروڙ وٽ.
س: هي سڄو احوال ڪنهن جو لکيل آهي؟
ج: عرب مورخ علي بن حامد ڪوفيءَ جو.
س: اهو سڄو احوال علي بن حامد ڪوفيءَ ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيو آهي؟
ج: چچ نامي ۾.
س: ٻڌايو ته عربن سنڌ تي گهڻو وقت حڪومت ڪئي؟
ج: اٽڪل 125 سال.
س: عربن جي حڪومت وقت سنڌ ۾ ڪهڙا ڪهڙا شهر دارالحڪومت هئا؟
ج: اروڙ منصوره ۽ ٺٽو.
س: محمد بن قاسم جي فتح ڪرڻ سان سنڌ ۾ ڪهڙي خاندان جي حڪومت قائم ٿي؟
ج: بنيو اُميه خاندان جي.
س: بنو اُميه خاندان جي حڪومت جي خاتمي بعد سنڌ ۾ ڇا تبديلي آئي؟
ج: بنو اميه جي زوال کانپوءِ عرب گورنرن الڳ الڳ سنڌ ۾ ننڍيون ننڍيون رياستون قائم ڪيون.
س: بنو اميه خاندان جي حڪومت سنڌ تي گهڻا سال رهي؟
ج: 93 هجري کان 133 هجري تائين. اٽڪل 40 سال.
س: محمد بن قاسم جڏهن اروڙ فتح ڪيو. ته ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙو سن هو؟
ج: 10 رمضان المبارڪ 93 هجري ۽ 24 جون 712عيسوي
س: اروڙ کانپوءِ محمد بن قاسم سنڌ جا ڪهڙا مشهور شهر فتح ڪيا؟
ج: بابيه، اسڪلنده، سڪندرا ۽ ملتان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: محمد بن قاسم کي خليفي طرفان ڪڏهن گرفتار ڪيو ويو؟

ج: ماهه جمادي الثاني 94 هجري ۾.

س: عربن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت قائم ٿي؟

ج: هبارين جي.

س: هباري خاندان جي حڪومت جو بنياد سنڌ ۾ ڪنهن وڌو؟

ج: عمر هباري.

س: انهيءَ وقت سنڌ کي گهڻين رياستن سان ملايو ويو هو؟

ج: ڇهن رياستن سان.

س: اهي ڪهڙيون رياستون هيون؟

ج: ملتان، سنڌ، مڪران، مشڪي، ٻڌ ۽ طوران.

س: هباري خاندان سنڌ تي ڪيترو وقت حڪومت ڪئي؟

ج: اٽڪل ڏيڍ سؤ سال.

س: هباري خاندان کانپوءِ سنڌ جا حڪمران ڪير بڻيا؟

ج: اسماعيلي فرقي وارا، جيڪي قرامطي هئا.

س: اسماعيلين جي وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪهڙو هو؟

ج: منصوره.

س: اسماعيلين گهڻو وقت سنڌ تي حڪومت ڪئي؟

ج: 375 هجري کان 416 هجري تائين اٽڪل 41 سال.

س: اسماعيلين کانپوءِ سنڌ جا حڪمران ڪير ٿيا؟

ج: سومرا.

س: سومرا گهراڻي جي سردار، ملتان کي ڪڏهن دارالحڪومت بڻايو؟

ج: 950ع ۾.

س: سومرا گهراڻي جي مشهور حڪمران جو نالو ٻڌايو جنهن کي سنڌ جو عوام اڄ به دل سان مردانگيءَ جي علامت سمجهي ٿو؟

ج: سنڌ جو سورهيه سرويچ دودو سومرو.

س: سلطان محمود غزنوي سنڌ تي ڪڏهن حملو ڪيو ۽ ان وقت سنڌ تي ڪهڙي گهراڻي جي حڪومت هئي؟

ج: 1026ع ۾ ۽ ان وقت سنڌ تي سومرا گهراڻي جي حڪومت هئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سلطان شهاب الدين غوري سنڌ تي ڪڏهن ۽ ڪيترا دفعا حملو ڪيو ۽ ان وقت سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟

ج: ٻه ڀيرا 1032ع ۽ 1040ع ۾ ۽ ان وقت سنڌ تي سومرن جي حڪومت هئي

س: سومرن پنهنجو دارالحڪومت ڪهڙن شهرن کي بنايو؟

ج: پهرين عمرڪوٽ ۽ پوءِ اروڙ کي.

س: هڪ روايت مطابق علاوالدين خلجيءَ طرفان ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ويو؟

ج: 1226ع ۾.

س: انهيءَ جنگ ۾ سنڌ جو ڪهڙو مشهور بهادر مارجي ويو؟

ج: هن جنگ ۾ دودي سومري کي شهيد ڪيو ويو.

س: سلطان شمس الدين التمش جي وزير نظام الملڪ ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو؟

ج: 1227ع ۾.

س: سومرن جي حڪومت جو آغاز سنڌ ۾ ڪڏهن کان شروع ٿيو؟

ج: 441 هجريءَ کان.

س: سومرن جي پهرين حڪمران جو نالو ڇا هو؟

ج: سومرو.

س: سومرن جي آخري حڪمران جو نالو ڇا هو؟

ج: همير سومرو.

س: سومرن ڪيترو وقت سنڌ تي حڪومت ڪئي؟

ج: 441 هجري کان 843 هجري تائين اٽڪل 402 سال.

س: سومرن جا ڪل ڪيترا حڪمران ٿي گذريا آهن؟

ج: 21 حڪمران.

س: سومرن جڏهن سنڌ جي حڪومت حاصل ڪئي، ان وقت هندستان تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟

ج: سلطان محمود غزنويءَ جي پٽ سلطان عبدالرشيد جي.

س: سومرن جي ڪجهه مشهور حڪمرانن جا نالا ٻڌايو؟

ج: پونگر، دودو، سنگهار، چنيسر، عمر ۽ همير.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سومرن جي حڪومت ۾ ڪهڙو مشهور رومانوي قصو مشهور آهي؟
ج: عمر مارئيءَ جو.
س: سومرن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪومت ڪئي؟
ج: سمن.
س: سمہ گهراڻي جي حڪومت جو ڪنهن بنياد وڌو؟
ج: ڄام انڙ بن بابينو.
س: سمہ قوم جي مشهور حاڪمن جا نالا ٻڌايو؟
ج: ڄام بابينو ڄام نظام الدين ۽ ڄام تماچي.
س: سلطان علاالدين خلجي سمہ دور ۾ سنڌ تي حملو ڪري، ڪهڙي حڪمران کي قيدي بنائي دهليءَ ڏانهن ڪٽي ويو؟
ج: ڄام تماچيءَ کي.
س: هندستان جي مشهور بادشاهہ محمد شاهہ تغلق ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو هو ۽ پوءِ بکر جي جي ويجهو وفات ڪري ويو؟
ج: 1361ع ۾.
س: 1362ع ۾ سنڌ تي ڪنهن حملو ڪيو؟
ج: فيروز شاهہ تغلق.
س: ڄام نظام الدين يعني ڄام نندو ڪڏهن تخت تي ويٺو ۽ هندستان جي ڪهڙي بادشاهہ کان سنڌ جي حڪومت حاصل ڪيائين؟
ج: 1440ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ انهيءَ سال هندستان جي بادشاهہ فيروز شاهہ تغلق کان سنڌ جي حڪومت حاصل ڪيائين.
س: سنڌ جي ڪهڙي سورهيہ جرنيل، مرزا شاهہ بيگ ارغون کي پڇائي ڪڍيو؟
ج: سنڌ جي جنگي جرنيل دولهہ دريا خان.
س: مرزا شاهہ بيگ ارغون ڪٿان جو حڪمران هو؟
ج: قنڌار جو.
س: مرزا شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي ڪڏهن حملو ڪيو؟
ج: 1521ع ۾.
س: سمہ گهراڻي جي حڪومت ۾ مراڪش جو ڪهڙو مشهور سياح سنڌ ۾ آيو؟
ج: ابن بطوطہ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ابن بطوطہ ڪڏهن سنڌ ۾ آيو؟
ج: 1434ع ۾.
س: سمہ گهراڻي جي حڪمرانن پنهنجو دارالحڪومت سنڌ جي ڪهڙن شهرن کي بنايو؟
ج: پهريائين ٺٽوءِ پوءِ نصرپور کي.
س: سمن کانپوءِ سنڌ جا حڪمران ڪير ٿيا؟
ج: ارغون.
س: همايون ڪڏهن سنڌ ۾ آيو؟
ج: 42ـ 1541ع ۾.
س: همايون ڪنهن کان شڪست کائي سنڌ ۾ آيو؟
ج: شير شاهہ سوريءَ کان.
س: همايون جي وقت ۾ سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت ڪئي؟
ج: ارغون حاڪم مرزا شاهہ بيگ جي پٽ مرزا شاهہ حسن جي.
س: ارغونن کانپوءِ ڪنهن سنڌ تي حڪومت ڪئي؟
ج: ترخانن
س: ارغونن کان ترخانن ڪڏهن حڪومت کسي؟
ج: 1554ع ۾.
س: ترخان گهراڻي جي حڪومت جو بنياد ڪنهن وڌو؟
ج: مرزا عيسيٰ ترخان.
س: 1589ع ۾ سنڌ تي ڪنهن حملو ڪيو؟
ج: اڪبر بادشاهہ جي سپهہ سالار مرزا عبدالرحيم خان خانان.
س: انهيءَ وقت سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟
ج: مرزا جاني بيگ ترخان جي.
س: شاهجهان پنهنجي پٽ اورنگزيب کي سنڌ جي جاگير ڪڏهن عطا ڪئي؟
ج: 1649ع ۾.
س: ارغونن ۽ ترخانن، سنڌ جي ڪهڙي شهر کي پنهنجو دارالحڪومت بنايو؟
ج: ٺٽي کي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ارغونن ۽ ترخانن جي وقت سنڌ جي سرڪاري زبان ڪهڙي هئي؟
ج: فارسي.
س: اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ سنڌ جا ڪهڙا ٻه وڏا عالم هئا؟
ج: ابوالفضل ۽ ملان فيضي.
س: ابوالفضل ۽ ملان فيضيءَ جو تعلق سنڌ جي ڪهڙي شهر سان هو؟
ج: سيوهڻ سان.
س: هندستان جي شهزادي دارا شڪوه سنڌ ۾ ڪڏهن پناهه حاصل ڪئي؟
ج: اپريل 1659ع ۾.
س: ترخانن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت قائم ٿي ۽ سنڌ تي سندن حڪمراني جو طريقو ڇا هو؟
ج: مغل بادشاهن جي، جن طرفان سنڌ لاءِ نواب نامزد ٿيندا هئا.
س: دائود پوٽن ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو؟
ج: 1617ع ۾.
س: دائود پوٽن سنڌ جي ڪهڙي شهر کي آباد ڪري دارالحڪومت بڻايو؟
ج: شڪارپور کي.
س: ميان نور محمد ڪلهوڙي دائود پوٽن کي ڪڏهن شڪست ڏني؟
ج: 1719ع ۾.
س: سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو بنياد ڪنهن وڌو؟
ج: ميان يار محمد ڪلهوڙي
س: ميان يار محمد ڪلهوڙي ڪهڙو شهر آباد ڪيو ۽ ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو؟
ج: خدا آباد.
س: نادر شاهه ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو؟
ج: 1739ع ۾.
س: نادر شاهه کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن حملو ڪيو؟
ج: احمد شاهه ابدالي.
س: احمد شاهه ابدالي ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو؟
ج: 1747ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي حيدرآباد کي ڪڏهن دارالحڪومت بڻايو؟
ج: 1766ع ۾.
س: ميان سرفراز ڪلهوڙي پنهنجن ٻن ڪهڙن جرنيلن کي مارايو؟
ج: مير بهرام خان ۽ ان جي پٽ مير عبدالله خان کي.
س: ميان عبدالنبي ڪلهوڙي، جوڌپور جي راجا سان گڏجي، ڪهڙي جرنيل کي مارايو؟
ج: مير بجار خان کي.
س: مدد خان ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ان وقت سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟
ج: 1781ع ۾ ان وقت سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت هئي.
س: مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ ڇا ڪيو؟
ج: هن سنڌ جا سيئي شهر ڦريا لٽيا ۽ برباد ڪيا ۽ عام ماڻهن جو قتل عام ڪيو.
س: مدد خان جي حملي کانپوءِ سنڌ ۾ ڪهڙيون چوڻيون وجود ۾ آيون؟
ج: 'گهل ڙي گهلِ' گهوڙا ڙي گهوڙا'.
س: سنڌ جي ڪهڙي جرنيل مدد خان کي سنڌ منجهان تڙي ڪڍيو؟
ج: ڪلهوڙن جي جنرل مير فتح علي خان ٽالپر.
س: ڪلهوڙن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪومت قائم ڪئي؟
ج: ميرن (ٽالپرن).
س: ڪلهوڙن سنڌ تي گهڻو عرصو حڪومت ڪئي؟
ج: اٽڪل اسي سال.
س: ڪلهوڙن جي حڪومت کانپوءِ ميرن سنڌ کي گهڻن حصن ۾ ورهايو؟
ج: سنڌ کي ستن حصن ۾ ورهايائون: چار حصا مير فتح علي خان ۽ ان جي ڀائرن کي، ٻه حصا مير سهراب خان کي ۽ هڪ حصو مير ٺاري خان کي مليو.
س: ميرن ڪهڙن ڪهڙن شهرن کي پنهنجو دارالحڪومت بڻايو؟
ج: مير فتح علي خان حيدرآباد کي، مير سهراب خان خيرپور کي ۽ مير ٺاري خان ميرپورخاص کي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سنڌ مٿان ميرن جي گڏيل حڪومت جي گڏجاڻيءَ کي ڇا سڏيو ويندو هو؟

ج: چؤياري

س: 1803ع ۾ ڪهڙي قنڌار جي حاڪم سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ان وقت سنڌ تي ڪنهن جي حڪومت هئي؟

ج: شاهه شجاع الملڪ ۽ ان وقت سنڌ تي ميرن جي حڪومت هئي.

س: انگريزن ڪنهن سان سنڌ ۾ ڪاروبار ڪرڻ جو عهد نامو ڪيو؟

ج: مير غلام علي خان سان.

س: انگريزن سنڌ سان ڪاروباري عهد نامو ڪڏهن ڪيو؟

ج: 1809ع ۾.

س: مشهور سک جرنيل رنجيت سنگهه ڪڏهن سنڌ تي حملو ڪيو؟

ج: 1817ع ۾ ان وقت سنڌ تي ميرن جي حڪومت هئي.

س: ميرن ڪيترو وقت سنڌ تي حڪومت ڪئي؟

ج: سٺ سال.

س: پوئين وقت ۾ سنڌ اندر ميرن جي گاديءَ جا هنڌ ڪهڙا هئا؟

ج: حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ خيرپور ميرس.

س: ميرن ڪڏهن انگريزن کي سفر ڪرڻ جي سنڌ ۾ موڪل ڏني؟

ج: 1832ع ۾.

س: انگريزن انهيءَ معاهدي جي خلاف ورزي ڪڏهن ڪئي؟

ج: 1832ع ۾ (افغانستان جي جنگ وقت).

س: ٽالپور حڪمرانن ۽ انگريزن جي وچ ۾ ڪهڙو معاهدو ٿيو هو؟

ج: ٽالپور حڪمران فوجي امداد لاءِ انگريزن کي ٽي لک ساليانو ڏيندا.

س: انگريزن ڪڏهن سنڌ فتح ڪئي؟

ج: 1843ع ۾.

س: انهيءَ وقت ميرن جا سنڌ جي الڳ الڳ حصن تي ڪهڙا حڪمران هئا؟

ج: خيرپور ۾ مير علي مراد خان، حيدرآباد ۾ مير رستم خان ۽ ميرپور خاص ۾ مير شير محمد خان.

س: ميرن ڪانپوءِ سنڌ تي ڪنهن حڪومت ڪئي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: انگريزن.
س: انگريزن ڪنهن جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ کي فتح ڪيو؟
ج: سرچارلس نيپيئر جي اڳواڻيءَ ۾.
س: سر چارلس نيپيئر جي ڪمان ۾ ڪيترا فوجي هئا؟
ج: ٽي هزار.
س: ٽالپرن جي لشڪر ۾ ڪيترا ماڻهو هئا؟
ج: ٻاويهه هزار.
س: انگريزن ٽالپر حڪمرانن کان سڀ کان آخر ۾ ڪهڙو شهر کسيو؟
ج: ميرپورخاص.
س: انگريزن فتح ڪانپوءِ ميرن کي ڪيڏانهن قيد ڪري موڪليو هو؟
ج: ڪلڪتي ڏانهن.
س: مير ڪلڪتي ۾ ڪيترو وقت قيد رهيا؟
ج: 1843ع کان 1863ع تائين، 20 سال.
س: سرچارلس نيپيئر پهريون دفعو ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن آيو؟
ج: 1842ع ۾.
س: سرچارلس نيپيئر حيدرآباد کان اڳ سنڌ جو ڪهڙو شهر قبضي ۾ آندو؟
ج: خيرپور ميرس.
س: خيرپور ميرس کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ انگريزن جو مقابلو ڪنهن سان ٿيو؟
ج: مير رستم خان سان.
س: سکر تي انگريزن ڪڏهن قبضو ڪيو؟
ج: 1839ع ۾.
س: سنڌ سان غداري ڪهڙي حڪمرا ڪئي؟
ج: خيرپور جي مير علي مراد خان.
س: مياڻيءَ جي مشهور جنگ ڪهڙيءَ تاريخ تي لڳي؟
ج: 17 فيبروري 1843ع.
س: ڏٻي واري جنگ ۾ سنڌ جي طرفان ڪهڙو جرنيل بهادريءَ سان وڙهيو؟
ج: جرنيل هوش محمد شيدي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ پهريون گورنر ڪنهن کي بنايو؟

ج: سر چارلس نيپئر کي ۽ هو 1843ع کان 1847ع تائين سنڌ جو گورنر رهيو.

س: 1847ع نيپئر کان پوءِ سنڌ جو گورنر ڪير ٿيو؟

ج: 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي سان ملائي ڪمشنري طور شامل رکيو ويو.

س: بمبئي سان ملائڻ بعد سنڌ جو پهريون ڪمشنر ڪير مقرر ٿيو؟

ج: مسٽر پرنگل. هو 1850ع تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو.

س: ان کان پوءِ سنڌ جو ڪمشنر ڪير مقرر ٿيو؟

ج: سر بارٽل فريئر.

س: ان بعد سنڌ جا ڪمشنر ڪهڙا انگريز رهيا؟

ج: جان جيڪب، انوار ريٽي، مسٽر ايس مينسفيلڊ، مسٽر هيولاڪ، سر وليم ميري ويدر، ايف ڊي ميلول، اين جني ارسڪين، سرچارلس پرچرڊ، مسٽر ترپور، مسٽر جيمس، مسٽر رابرٽ گاس، مسٽر اي ڪومائن، ايچ سي ميوس، ڊبليو مور ميڪنزي، ڊبليو تي مارس، اي ڊي سنڊ، ڊبليو اي ليوڪس، ايچ ايس لارنس، پي آر ڪيڊل، اين هڊسن، جي اي ٿامس ۽ آر گبسن.

س: سنڌ کي بمبئيءَ جي ماتحت ڪڏهن ڪيو ويو؟

ج: 1847ع ۾.

س: سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪنهن ڪيو؟

ج: هر چند راءِ وشنداس.

س: بمبئي کان علحدگيءَ جو مطالبو هر چند راءِ وشنداس ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪيو؟

ج: ڊسمبر 1913ع ۾ ڪراچيءَ جي آل انڊيا ڪانگريس جي ساليانى اجلاس ۾.

س: قائداعظم سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ لاءِ ڪڏهن اجلاس سڏايو؟

ج: 25 مارچ 1927ع ۾.

س: ڪڏهن سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪيو ويو؟

ج: پهرين اپريل 1936ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪري ڪانپوءِ پهريون گورنر ڪنهن کي مقرر ڪيو ويو؟
ج: سر لينسلاٽ گراهم کي.
س: انگريزن سنڌ تي ڪيترو وقت حڪومت ڪئي؟
ج: هڪ سؤ چار سال.
س: پاڪستان جو سڀ کان وڏو بندرگاهہ ڪهڙي شهر ۾ آهي؟
ج: سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾.
س: انگريزن شروعاتي دؤر ۾ سنڌ کي ڪهڙي نالي سان سڏيو؟
ج: نئين مصر.
س: برصغير جو ڪهڙو علائقو انگريزن سڀ کان پوءِ فتح ڪيو؟
ج: سنڌ.
س: ايشيا کنڊ جو باغ ڪنهن سڏيو ويجي ٿو؟
ج: سنڌ کي.
س: انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ سنڌ پنهنجي آزاد حيثيت وڃائي، ڪڏهن ۽ ڪهڙي ملڪ ۾ صوبي طور شامل ٿي؟
ج: نئين ملڪ پاڪستان ۾، 14 آگسٽ 1947ع تي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب ٻيون

# سنڌ جي جاگرافي

س: قديم جاگرافيءَ جي ورهاست جي لحاظ کان دنيا کي ڪيترن حصن ۾ ورهايو ويو آهي؟

ج: ستن حصن ۾.

س: انهن ستن حصن کي ڇا چيو ويندو آهي؟

ج: هفت اقليم.

س: سنڌ انهن حصن منجهان ڪهڙي نمبر تي هئي؟

ج: ٻئي نمبر تي.

س: عربستان ڪهڙي حصي ۾ هو؟

ج: سنڌ جي حصي ۾.

س: جاگرافيائي بيهڪ موجب سنڌ متعلق ڇا ڄاڻو ٿا؟

ج: اپکنڊ (سنڌ تاسر "Indian plate" جي ڏکڻ ڪنڊ وارو اهو زميني حصو آهي، جيڪو اتر ويڪرائي ڦاڪ جي 23 ۽ 28 درجن ۽ اوير ڊگهائي ڦاڪ جي 66 ۽ 71 درجن جي وچ ۾ موجود آهي. ان جي اتر کان ڏکڻ تائين ڊيگهه 360 ميل ۽ ويڪر 170 ميل آهي. ان جي وچان وهندڙ سنڌو ندي ڪيس ٻن ڦاڪن ۾ ورهائي ٿي ۽ ان نديءَ ئي پنهنجي لٽ سان سنڌ جو ميداني علائقو لکين بلڪ ڪروڙين سالن دوران جوڙيو آهي.

س: قديم دؤر ۾ سنڌ حڪومت جون حدون ڪيستائين هيون؟

ج: قديم دؤر ۾ سنڌ حڪومت جون حدون اتر ۾ درياءَ جهلم، ڪشمير جا ڪجهه حصا، اتر اولهه ۾ درياءَ هيلمند. ڏکڻ اولهندي ۾ مڪران جي اولهندي نور منشور تائين. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ ڏکڻ اوير ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير رياستن تائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: قديم دؤر ۾ سنڌ جي طبعي حالت ڪيئن هئي؟

ج: قديم دؤر ۾ سنڌ جي چوڌاري سمنڊ هوڻ ڪري هي خطو هڪ ٻيٽ هوندو هو.

س: سنڌ جي ٻيٽ هجڻ لاءِ اسان وٽ ڪهڙو ثبوت آهي؟

ج: سانير جي ڍنڍ، اتر ۾ خزد جو سمنڊ ۽ ارل جي ڍنڍ، سيستان ۾ هامون جي ڍنڍ ۽ مڪران جون ڍنڍون وڏا ثبوت آهن.

س: سنڌ جڏهن ٻيٽ جي صورت ۾ هئي، ته هن کي ڇا سڏبو هو؟

ج: مڪاديپ.

س: سنڌ جو مڪران وارو ٻيٽ، جيڪو هن وقت استالو سڏجي ٿو انهيءَ وقت ڇا سڏبو هو؟

ج: سناديپ.

س: انهيءَ وقت سنڌ ۾ برساتن جو مقدار ڪيترو هو؟

ج: تمام گهڻو.

س: گهڻين برساتن پوڻ جو اسان وٽ ڪهڙو ثبوت آهي؟

ج: موهن جي دڙي جي پڪين سرن منجهان ۽ مڪران منجهان ڪوڏن ۽ سنڪن جا زيور.

س: جيڪڏهن سنڌ جو ملڪ ٻيٽ هو ته پوءِ موجوده صورت ڪيئن اختيار ڪيائين؟

ج: دريائن جي ٻوڏ جي مٽيءَ ڪري ۽ وقت بوقت زلزلن جي ڪري سمنڊ پٺتي هٽندو ويو ۽ سڪندو ويو ۽ راجپوتان ۽ ٿر وارو حصو واريا سو بڻجي ويو.

س: ڪهڙي مشهور عرب جاگرافيدان پهريون سنڌ جو نقشو تيار ڪيو؟

ج: ابن حوقل بغدادي.

س: هن سنڌ تي ڪهڙو ناولو رکيو؟

ج: اشڪال البلاد.

س: ابن حوقل گجرات تي ڪهڙو نالو رکيو؟

ج: زين البلاد.

س: موجودده دؤر ۾ سنڌ کي ايراضيءَ جي لحاظ کان گهڻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ اهي ڪهڙا آهن؟

ج: پنجن حصن ۾: سرو وچولو لاڙ ٿر ۽ ڪوهستان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سنڌ جون پراڻيون حدون ڪهڙيون آهن؟

ج: قديم دؤر ۾ موجوده پاڪستان، ڪشمير، جيسلمير جو ريگستان، قنڌار ۽ هندوستان جو ڪافي حصو سنڌ ۾ شامل هو.

س: جيئن مصر ملڪ قدرتي طور ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، تيئن سنڌ ڪيترن ۽ ڪهڙن حصن ۾ ورهايل آهي؟

ج: ٻن حصن ۾: لاڙ يعني هيٺاهون حصو ۽ سرو معنيٰ مٿاهون حصو.

س: لاڙ ۽ سرو علائقا ڪهڙين حدن تائين پکڙيل آهن؟

ج: لاڙ جون حدون ڏکڻ ۾ سمنڊ ۽ اتر ۾ سيوهڻ تائين، سرو يعني اتر وارو حصو لڪيءَ جي جبلن کان اتر سنڌ جي ٽڪرين تائين.

س: سنڌ جو علائقو اتر کان ڏکڻ ۽ اوبر کان اولهه تائين ڪيترن ميلن ۾ آهي؟

ج: وادي سنڌ اتر کان سمنڊ تائين ڊيگهه ۾ اٽڪل 600 ڪلوميٽر ۽ ويڪر ۾ ايرندي وارين ٿر جي پٽن کان وٺي الهندي جبلن تائين 350 ڪلوميٽر تي مشتمل آهي.

س: سنڌ جي اتر واري علائقي کي "سرو" ڇو سڏيو ويو؟

ج: اهو علائقو مٿاهينءَ ۽ پڪيءَ زمين جي هئڻ ڪري سرو سڏجي ٿو.

س: سنڌ جي ڏاکڻين حصي کي لاڙ ڇو سڏيو ويو؟

ج: زمين هيٺاهين ۽ لڙيل آهي، ان ڪري لاڙ سڏجي ٿي.

س: سرو جي علائقي جي زمين ڪيئن آهي؟

ج: هيءَ زمين آبادي جي لحاظ کان چڱي آهي.

س: موجوده سنڌ جون سرحدون ڪهڙيون آهن؟

ج: اوير ۾ پنجاب ۽ انڊيا، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ، اولهه ۾ عربي سمنڊ ۽ مڪران ۽ بلوچستان جو جابلو علائقو ۽ اتر ۾ بلوچستان ۽ پنجاب جا ڪجهه علائقا.

س: هن وقت سنڌ جي پکيڙ ڪيتري آهي؟

ج: 160914 چورس ڪلوميٽر.

س: ٿر جي پکيڙ بابت ڇا ٿا ڄاڻو؟

ج: ٿر جي پکيڙ 23000 هـ چورس ڪلوميٽر آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: جاگرافيائي بيهڪ موجب ٿر بابت ڇا ڄاڻو؟
ج: هي علائقو 280 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 670 کان 710 اوير ڊگهائي ڦاڪ جي وچ تي واقع آهي.
س: ڪوهستان جي پکيڙ ڪيتري آهي؟
ج: ڪوهستان جي پکيڙ لڳ ڀڳ 2300 هم چورس ڪلوميٽر آهي.
س: سنڌ جي زمين ڪل ڪيترن ايڪڙن تي مشتمل آهي؟
ج: ٽي ڪروڙ پنجاهه لک ايڪڙن تي.
س: سنڌ جي آباد زمين ڪيتري آهي؟
ج: هڪ ڪروڙ 38 لک 70 هزار ايڪڙ.
س: سنڌ جي زمين گهڻي ڀاڱي ڪهڙي قسم جي آهي؟
ج: ريتيلي يا وارياسي.
س: لاڙ جي علائقي جي زمين ڪيئن آهي؟
ج: ڪلراٺي.
س: لاڙ ۽ سري جي وچ واري حصي کي ڇا سڏجي ٿو؟
ج: وچولو.
س: وچولي علائقي جي زمين ڪيئن آهي؟
ج: هتان جي زمين سڄي سنڌ منجهان سنوت واري ۽ سٺي آهي.
س: سنڌ جي اولهه واري علائقي کي ڇا ٿو سڏجي؟
ج: ڪوهستان، ڇاڪاڻ ته هي علائقو جابلو آهي.
س: سنڌ جي اوير واري حصي کي ڇا سڏجي ٿو؟
ج: ٿر يا ريگستان، ڇاڪاڻ ته هي علائقو وارياسو آهي.
س: پاڪستان جو سڀ کان وڏو ريگستان ڪهڙو ۽ ڪٿي واقع آهي؟
ج: سنڌ ۾ ٿر وارو علائقو.
س: ٿر دنيا جي وڏن ريگستانن منجهان ڪهڙي نمبر تي آهي؟
ج: نائين نمبر تي.
س: سنڌ جي سري جي آبهوا ڪيئن آهي؟
ج: هي علائقو سمنڊ کان پري آهي ۽ اولهه پاسي کان ويران ٽڪريون اٿس، تنهن ڪري هتان جي آبهوا اونهاري ۾ تمام گرم ۽ سياري ۾ تمام سرد آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سنڌ جي لاڙواري حصي جي آبهوا ڪيئن آهي؟
ج: هي علائقو سمنڊ جي ويجهو آهي، زمين هيٺاهين آهي، تنهن ڪري هن علائقي جي آبهوا اڪثر ڪري گهميل آهي.
س: پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ گرمي ڪهڙن شهرن ۾ ٿئي ٿي؟
ج: سنڌ جي شهرن جيڪب آباد، نوابشاهه، سکر ۽ سيوهڻ ۾.
س: سنڌ جي آبهوا ڪهڙي قسم جي آهي؟
ج: سنڌ جي آبهوا گرم به آهي ۽ سرد به.
س: سنڌ جي ساموندي علائقن جي آبهوا ڪهڙي قسم جي آهي؟
ج: گهميل.
س: سنڌ جي وچولي حصي جي آبهوا ڪيئن آهي؟
ج: هتان جي آبهوا وڻندڙ ۽ فرحت بخش آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌو درياءَ جو گذر گذڙندڙ اٿس ۽ سمنڊ جون هوائون به هت پهچن ٿيون.
س: ٿر جي علائقي جي آبهوا ڪيئن آهي؟
ج: هتي اونهاري ۾ سخت گرمي ۽ سياري ۾ سخت سردي پوي ٿي، ڇاڪاڻ ته واريءَ جا وڏا دڙا آهن ۽ درياءَ ڪونه اٿس.
س: ڪوهستان جي علائقي جي آبهوا ڪيئن آهي؟
ج: ڪوهستان جي آبهوا ٻن قسمن جي ٿئي ٿي: ڏاکڻي حصي جي آبهوا وڻندڙ ڇاڪاڻ ته سمنڊ ويجهو اٿس ۽ اترين حصي جي گرم، ڇاڪاڻ ته سمنڊ ويجهو نه اٿس ۽ پرسان ٽڪريون اٿس.
س: سنڌ ۾ برسات ڪيتري پوي ٿي؟
ج: سنڌ ۾ برسات تمام گهٽ پوي ٿي، ڇاڪاڻ ته اوچا جبل نه آهن، جيڪي ڪڪرن کي روڪي سگهن.
س: سنڌ جي مٿين حصي ۾ گرمي ڪيترو وقت رهي ٿي؟
ج: اٽڪل ست مهينا.
س: سنڌ طبعي لحاظ کان ڪيترن حصن ۾ ورهايل آهي؟
ج: ڏکڻائي ڦاڪ وارن ٻن حصن ۾.
س: اهي ٻئي حصا ڪهڙا آهن؟
ج: جابلو ۽ واريا سو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ کي ڪيترن حصن ۾ ورهايو ويو آهي؟

ج: ٽن حصن ۾: جابلو ريگستاني ۽ ميداني علائقو.

س: سنڌ جي سامونڊي ڪناري جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: اٽڪل 310 ڪلوميٽر.

س: سنڌوءَ جي علائقي ۾ سامونڊي هير جو آخري حصو ڪيستائين پهچي ٿو؟

ج: نوشهري فيروز ضلعي ۾ واقع، پڊعيدن شهر تائين.

س: سنڌوءَ ۾ سامونڊي هير اڪثر ڪري گهڻو وقت هلي ٿي؟

ج: گرميءَ جا چار مهينا: جون کان سيپٽمبر مهيني تائين.

س: اتر سنڌ ۾ گرمي ڪيترو وقت هلي ٿي؟

ج: اٽڪل ست مهينا: اپريل کان آڪٽوبر مهيني تائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب ٽيون

# سنڌو درياءَ

س: سنڌو درياءَ کي قديم دؤر کان اڄ جي جديد دؤر تائين گهڻن نالن سان سڏيو ويندو آهي ۽ اهي نالا ڪهڙا آهن؟

ج: ستن نالن سان ۽ اُهي آهن: اٽڪ، حب، مهراڻ، سنڌ ساگر، سنڌو، سيحون ۽ انڊس.

س: سنڌوندي ڪٿان شروع ٿئي ٿي؟

ج: اولهه ٿبيٽ (Tibet) جي ڪيلاش جبل کان جيڪو هَنڌ ڌرتيءَ جي سطح کان 1700 فٽ اوچائي تي آهي.

س: ٿبيٽ جا ماڻهواُتي هن کي ڪهڙي نالي سان سڏين ٿا؟

ج: اُهي پنهنجي ٻولي ۾ ڪيس "سنگي سَمبو"، يعني "شينهن درياءَ" سڏين ٿا. جنهن هنڌان هي ندي نڪري ٿي ان کي "سنگهي-ڪا-باب"، يعني "شينهن جو منهن" سڏجي ٿو.

س: سنڌو نديءَ جي شروعات بابت قديم روايت ڪهڙي مشهور آهي؟

ج: ڪيلاش جبل جي اوچيءَ ماٿريءَ ۾ مانسرور ۽ راڪاس تال نالي ٻه وڏيون ڍنڍيون موجود آهن. هتان چار وڏا عظيم درياءَ نڪرن ٿا. جن مان سنڌو ندي، پنجاب ۽ سنڌ جو رخ ڪري ٿي.

س: سنڌو نديءَ بابت الهامي ڪتابن ۽ ٻين مقدس مذهبي ڪتابن مان ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟

ج: الهامي ڪتابن ۾ سنڌو نديءَ جو ذڪر "سيعون" "سين" "ستبت" ۽ "سين" وغيره نالن سان ملي ٿو.

س: اپکنڊ جي ديومالائي داستانن ۾ سنڌو نديءَ جو ذڪر ڪهڙي طرح ملي ٿو؟

ج: اپکنڊ جي ديوامالائي داستانن ۾ سنڌو نديءَ جو ذڪر ٻين چئن مقدس درياهن طور ملي ٿو جيڪي مانسرور ڍنڍ مان نڪرن ٿا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



انهن ۾ اُتر کان "شينهن جي وات" مان "سنڌو ندي"، اولهه ڏس کان "هاٿيءَ جي وات" مان "ستلج ندي"، ڏکڻ پاسي "مور جي چهنب" مان "ڪرنالي ندي" ۽ اوڀر ڏس ڏانهن "گهوڙي جي وات مان "برهمپترا"، جن مان ڪرنالي ندي اڳتي هلي گنگا نديءَ جو روپ ڌاري ٿي.

س: سنڌو ندي بابت هندو مت ۾ ٻين ڪي روايتون ملن ٿيون؟

ج: هندو مت ۾ هڪ روايت موجب ڪرشن مهاراج جو هڪ نانگ سان مقابلو ٿيو ۽ هن نانگ کي جيئدان ڏئي سمنڊ ۾ وڃڻ جو حڪم ڪيو. ان ريت نانگ جيڪو رستو ڏئي سمنڊ ۾ داخل ٿيو سو سنڌو نديءَ جو گس بڻيو. رگ ويد ۾ چيل آهي ته "سنڌوءَ جي وات ورڻ ديوتا جوڙي آهي".

س: رگ ويد جي اشلوڪن ۾ "سنڌوءَ" جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: سنڌوءَ جو نالو 176 ڀيرا اڪيلو ۽ 95 ڀيرا گڏيل طور آيو آهي، ڪل ملائي 271 ڀيرا.

س: رگ ويد ۾ سنڌو نديءَ جي ساراهه ۾ ڪيترا اشلوڪ چيل آهن؟

ج: 9 (نو)، جنهن ۾ سنڌو نديءَ کي هڪ ديويءَ جو روپ ڏنل آهي.

س: بارفائي يا گليسرائي اپياس موجب سنڌو نديءَ جو بنياد ڪڏهن پيو؟

ج: ڇهه ڪروڙ پنجاهه لک ورهيه اڳ، ڌرتيءَ جي ٽئين دور ۾ نئين جيوت واري جڳ جي پهرئين زماني ۾، جڏهن ٿڻائتا جانور ۽ گلن وارا ٻوٽا ۽ وڻ ڦولارجي رهيا هئا.

س: سنڌو نديءَ جو جنم ڪيئن ممڪن بڻيو؟

ج: جڏهن سنڌ جڙيل تاسر مڊگاسڪر کان الڳ ٿي ته، سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌو نديءَ جو جنم جڙيل تاسرين جي حرڪت ڪري ئي ممڪن بڻيو.

س: قديم دؤر ۾ سنڌ جي ماڻهن کي سون ڪٿان ليندو هو؟

ج: سنڌو درياءَ منجهان.

س: سنڌو درياءَ جو شمار دنيا جي وڏن دريائن منجهان ڪهڙي نمبر تي آهي؟

ج: ايڪيهين نمبر تي، جڏهن ته ٻيگهه جي حساب سان چوويهون نمبر اٿس.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سنڌو درياءَ جي وهڪري جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: 2897 ڪلوميٽر.

س: سنڌو درياءَ جي وهڪري جي ڊيگهه موجوده سنڌ منجهه ڪيتري آهي؟

ج: 483 ڪلوميٽر.

س: سنڌو درياءَ جو پاڻي ڪيتري زرعي زمين سيراب ڪري ٿو؟

ج: 165000 چورس ڪلوميٽر.

س: هن درياءَ جي پاڻيءَ جي ساليانو وهڪ/موڪ ڪيتري آهي؟

ج: سنڌو درياءَ جي ساليانو وهڪ/موڪ 207 ڪيوبڪ ڪلوميٽر آهي.

س: سنڌو درياءَ جو پاڻي ڪيتري پکيڙ تائين پهچي ٿو؟

ج: ڇهه لک پنجاهه هزار چورس ڪلوميٽرن ۾.

س: سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪائين پتي لٽ جي هوندي آهي؟

ج: 327 هين پتي.

س: سنڌو درياءَ ٻوڏ جي ڏينهن ۾ ڪيترو لَٽُ سمنڊ ڏانهن ڪڻي وڃي ٿو؟

ج: 11 ڪروڙ 90 لک مڪعب وال.

س: ميداني علائقي ۾ سنڌو درياءَ جي سمنڊ طرف لاهي ڪيتري آهي؟

ج: في ميل 9 انچ.

س: پاڪستان ۾ سڀ کان گهڻا بئراج ڪهڙي درياءَ مٿان آهن؟

ج: سنڌو درياءَ مٿان.

س: سنڌوءَ مٿان سنڌ ۾ ڪهڙا بئراج آهن؟

ج: گڊو بئراج، سکر بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج.

س: ديري اسماعيل خان وٽ ڪهڙو درياءُ سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو؟

ج: درياءَ ژااسڪرڪس.

س: سنڌو درياءُ ڪهڙن ٻن صوبن جي وچ ۾ سرحد جو ڪم ڏئي ٿو؟

ج: صوبي سرحد ۽ صوبي پنجاب وچ ۾.

س: سنڌو درياءَ جو جيڪو حصو صوبي سرحد ۾ آهي، ان کي ڇا چيو وڃي ٿو؟

ج: درياءَ اباسين.

س: اٽڪ شهر وٽ ڪهڙو درياءُ سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو؟

ج: ڪابل درياءُ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: هاڪڙي درياءَ جي جاءِ تي ڏيڍ سئو سال اڳ ڪهڙو وڏو واهه کوٽايو ويو هو؟

ج: نارو واهه.

س: نارو واهه هاڪڙي واهه جا ڪيترا ميل ڪٽي ويو آهي؟

ج: اٽڪل 200 ميل.

س: نار واهه جو بعد ۾ ڪتان منهن ڪڍيو ويو؟

ج: سکر بئراج منجهان.

س: قديم دؤر ۾ سنڌو درياءَ ڪانسواءِ سنڌ ۾ ٻيو ڪهڙو درياءَ وهندو هو؟

ج: هاڪڙو درياءُ.

س: مشهور انگريز محقق راورٽي هاڪڙي درياهه کي ڪهڙي نالي سان سڏيو آهي ۽ ان جو وهڪرو ڪٿان ڇاڻايو اٿس؟

ج: راورٽي هاڪڙي کي "مهراڻ" قرار ڏنو آهي ۽ هن جي چوڻ موجب، هي "ڪنڊرا" وٽان وهندو هو.

س: هاڪڙي درياءَ جا ٻيا نالا ڪهڙا آهن؟

ج: مهراڻ، سرسوتي، گهاگهرو، نارو ۽ ريتي.

س: جڏهن ڪڇ جو رڻ سمنڊ هو ته، ان ۾ سنڌ جو ڪهڙو درياءَ ڇوڙ ڪندو هو؟

ج: هاڪڙو درياءَ.

س: هاڪڙي درياءَ جو وهڪرو 4000 ق.م کان 300 ق. م تائين ڪيستائين هوندو هو؟

ج: ملتان کان دهليءَ تائين.

س: هاڪڙي درياءَ جي ٻنهي طرفن کان هن وقت تائين ڪيترا قديم ڳوٺ لڌا ويا آهن؟

ج: 407 ڳوٺ.

س: هندستان ۾ هن درياءَ کي ڇا چيو ويجي ٿو؟

ج: سر سوتي ۽ گهاگهرو.

س: پنجاب جي وهڪري ۾ هن درياءَ کي ڇا سڏيو ويجي ٿو؟

ج: هاڪڙو درياءُ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/kutabkhano



س: سنڌ ۾ داخل ٿيڻ سان هن وقت هن درياءَ کي ڇا چيو وڃي ٿو؟
ج: نارو واهه.
س: سر وڏيل ستن ماموئي فقيرن، هاڪڙي بابت ڇا چيو آهي؟
ج: هاڪ وهندو هاڪڙو پڃندي پنڌ اروڙ.
بهه مڇي ۾ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي.
س: ڪهڙي سال زبردست زلزلي جي ڪري هي درياءَ سڪي ويو هو؟
ج: 1819ع ۾ آيل زلزلي سبب.
س: سنڌو درياءَ ڪهڙيءَ جاءِ تان پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿو؟
ج: چيلاس وٽان.
س: سنڌو درياءَ ڪهڙيءَ جاءِ کان پنهنجو ڊيلٽا ٺاهي ٿو؟
ج: ٺٽي کان.
س: پاڪستان جي نيل ندي ڪهڙي درياءَ کي چيو وڃي ٿو؟
ج: سنڌو درياءَ کي.
س: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءَ ڪهڙو آهي؟
ج: سنڌو درياءُ.
س: تربيلا ڊيم ڪهڙي درياءَ جي مٿان آهي؟
ج: سنڌو درياءَ مٿان.
سوال: ڪهڙي وقت کان سنڌ جي ماڻهن جا سامونڊي جهازن وسيلي واپار ڪرڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا؟
ج: ويدڪ دور کان.
س: سومرا گهراڻي جي حڪومت سنڌ ۾ زوال جو منهن ڇو ڏٺو؟
ج: جڏهن سنڌو درياءَ پنهنجو رخ تبديل ڪيو.
س: عرب هن درياءَ کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا آهن؟
ج: مهراڻ جي نالي سان.
س: هڪ ڏند ڪٿا موجب، الور جي راجا دلوراءِ جي ڏينهن ۾ ڪنهن سنڌو درياءَ کي بند ٻڌي، ان جو رخ بکر ۾ لڪيءَ ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو؟
ج: سوداگر سيف الملوڪ.
س: ان ڏند ڪٿا موجب سوداگر سيف الملوڪ جو سنڌو درياءَ کي بند ٻڌڻ وارو واقعو ڪهڙي سن ۾ ٿيو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: 335 هجري مطابق 946ع ۾.

س: سيف الملوڪ درياءَ جو منهن ڇو بدلايو هو؟

ج: ظالم راجا دلوراءِ جي ڪري

س: راجا دلوراءِ مٿس ڪهڙو ظلم ڪرڻ ٿي چاهيو؟

ج: راجا سندس سهڻي زال بديع الجمال کسڻ پيو چاهي.

س: سيف الملوڪ جان ڇڏائڻ لاءِ ڪهڙو مطالبو ڪيو؟

ج: سيف الملوڪ ٽن ڏينهن جي موڪل ملڻ واري شرط تي بادشاهه جو چيو مڃڻ لاءِ آماده ٿيو.

س: ٽي ڏينهن موڪل ملڻ تي سيف الملوڪ پوءِ ڇا ڪيو؟

ج: سيف الملوڪ راجا طرفان ٽن ڏينهن جي موڪل تي ڏينهن رات مزدورن ۽ ڪاريگرن سان سخت محنت ڪري، درياءَ جو منهن بدلائي ڇڏيو ۽ ان جو وهڪرو سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ڏانهن ڦيرايائين. اهڙيءَ طرح سندس مقصد پورو ٿيو ۽ راجا ناڪام ٿيو.

س: پنجاب جا پنج درياءَ، ستلج، پياس، چناب، راوي ۽ جهلم سنڌو درياءَ ۾ ڪٿي ڇوڙ ڪن ٿا؟

ج: اُڇ شريف سامهون.

س: سنڌ جي مشهور پراڻي درياءَ هاڪڙي کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟

ج: هاڪڙو واهندا، سنڌ ساگر ۽ ڇٽنگ.

س: پنجاب جي پنجن ندين کانسواءِ ٻيون ڪهڙيون نديون سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون؟

ج: سوات، ڪابل ندي ۽ زائڪرس درياء.

س: مانسره ڍنڍ ڪٿي واقع آهي؟

ج: نيپال جي اولهه واري ڪنڌ جي اتر ۾، تبت جي سرحدن اندر واقع آهي.

س: هماليه جبل کانپوءِ سنڌو ندي ڪهڙي جبل وٽ پهچي ٿي؟

ج: اٽڪ جبل وٽ.

س: اٽڪ وٽ ڪهڙي نموني جي پل ٺهيل آهي؟

ج: ٻن منزلن سان لوهه جي پل ٺهيل آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ساڌ ٻيلو جو ٻيٽ ڇاجي ڪري مشهور آهي؟
ج: هندو ڌرم جو آڳاٽو مشهور مندر هن ٻيٽ تي واقع آهي، جنهن ۾ لائبريري، ڪانفرنس هال، طعام گاهه، ياترين لاءِ رهائشگاهه موجود آهي.
س: ساڌ ٻيلي لڳ، درياءَ جي ڪناري سنڌ جا ڪهڙا مشهور شهر واقع آهن؟
ج: ڏکڻ طرف روهڙيءَ جو تاريخي شهر ۽ اتر طرف سکر جو شهر.
س: سنڌو درياءَ جي وچ ۾ سکر جي ڀرسان هڪ ٻيٽ آهي، ٻڌايو ته ان کي ڇا چيو ويجي ٿو؟
ج: ساڌ ٻيلو.
س: سنڌ جي خيرپور ضلعي ۾ درياءَ تي ڪهڙا پتڻ آهن؟
ج: گهمرا، صادق ڪوٽ، گلو سيال، ملان اسماعيل کهڙي جو پتڻ، حاجي دائود مهتاڻي ۽ رسول آباد.
س: حيدرآباد ضلعي ۾ سنڌو درياءَ جي مٿان ڪهڙا ڪهڙا مشهور پتڻ آهن، جن تان ماڻهو ٻيڙين وسيلي درياءُ پار ڪندا آهن؟
ج: نور ڪيتي جو پتڻ، ڀاٽوٽ جو پتڻ، هالا پراڻا جو پتڻ ۽ مٽياريءَ جو پتڻ ۽ ٻيا ڪيترائي پتڻ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب چوٿون

# سنڌ جا بئراج

### سکر بئراج

س: سکر بئراج جي رٿا ڪڏهن ۽ ڪنهن جي دور ۾ شروع ٿي؟
ج: 1923ع ۾ هن رٿا تي ڪم شروع ٿيو ۽ اهو انگريز گورنر لارڊ لائيڊ جو دور هو.
س: سکر بئراج جو اصل نالو ڇا آهي؟
ج: هن بئراج جو نالو "لائيڊ بئراج" آهي، پر اهو مشهور "سکر بئراج" جي نالي سان آهي.
س: پاڪستان ۾ سنڌ جو سڀ کان وڏو بئراج ڪهڙو آهي، ان بابت بيو ڇا ڪجهه ڄاڻو ٿا؟
ج: سکر بئراج، جيڪو سکر وٽ 4725 فٽ، يعني هڪ ميل ڊگهو پٿرن سان جوڙيو ويو ان کي 66 لوهي در آهن.
س: سکر بئراج جو افتتاح ڪڏهن ٿيو؟
ج: ان جو 13 جنوري 1932ع ۾ افتتاح ڪيو ويو.
س: سکر بئراج جي مٿان انهيءَ وقت ڪيتري لاڳت آئي؟
ج: ٽيويهه ڪروڙ ويهه لک.
س: سکر بئراج ٺاهڻ جي نگراني ڪنهن ڪئي؟
ج: مسٽر انولڊ متوجي.
س: سکر بئراج جو ڪم ڪڏهن کان شروع ڪيو ويو هو؟
ج: 1923ع کان.
س: سکر بئراج جي پل جي ڊيگهه گهڻا فوٽ آهي؟
ج: 4725 فوٽ.
س: سکر بئراج کي ڪيترا دروازا آهن، اهي ڇا جا ٺهيل آهن ۽ انهن جي هر هڪ دروازي جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟
ج: سکر بئراج کي 66 لوهي دروازا آهن ۽ انهن مان هر هڪ جي ڊيگهه 60 فوٽ آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سکر بئراج کان اڳ سنڌو درياءَ منجهان سنڌ جي گهٽ ۾ گهٽ ايراضيءَ کي پاڻي ڏنو ويندو هو؟

ج: ويهه لک ٽيهه هزار ايڪڙ زمين کي.

سوال: موجوده وقت سکر بئراج منجهان ڪيترا ايڪڙ زمين کي پاڻي ڏنو وڃي ٿو؟

ج: اسي لک ايڪڙ زمين کي.

س: سکر بئراج جو ٻيهريون نالو ڇا هو؟

ج: لائيڊ بئراج.

س: سکر بئراج جي هر هڪ دروازي جو وزن ڪيترو آهي؟

ج: 50 ٽن.

س: سکر بئراج جا لوهي دروزا ڪٿي ٺاهيا ويا هئا؟

ج: انگلينڊ ۾.

س: سکر بئراج جو افتتاح ڪنهن ڪيو؟

ج: وائسراءِ هندلارڊ ويلنگسٽن.

س: سکر بئراج ۾ ڪيترا دروازا آهن؟

ج: 66 دروازا.

س: سکر بئراج وٽان ڪيترا ۽ ڪهڙا واهه کوٽايا ويا آهن؟

ج: ڪل ست: ٽي ساڄي پاسي کان ۽ چار کاٻي پاسي کان. ۽ اُهي آهن، کاٻي پاسي: روهڙي ڪئنال، اولهه ۽ اوپر فيڊر ڪئنال، خيرپور ڪئنال ۽ ايرندو نارو. ساڄي پاسي: اتر- اولهه ڪئنال، رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال.

س: هنن واهن جي ڊيگهه ڪيتري آهي ۽ اهي ڪيترا ايڪڙ زمين آباد ڪن ٿا؟

ج: هنن واهن جي ڊيگهه 6400 ميل آهي ۽ اهي اندازن 55 لک ايڪڙ سنڌ جي زرعي زمين آباد ڪن ٿا.

## ڪوٽڙي بئراج

س: ڪوٽڙي بئراج جو پراڻو نالو ڇا آهي؟

ج: غلام محمد بئراج.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪوٽڙي بئراج ٺاهڻ ۾ سڀ کان وڏو هٿ ڪنهن جو آهي؟

ج: پاڪستان جي ٽئين گورنر جنرل غلام محمد خان جو.

س: ڪوٽڙي بئراج جي پل جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: 2984 فوٽ.

س: ڪوٽڙي بئراج ٺهڻ تي ان وقت ڪيتري لاڳت آئي هئي؟

ج: 24 ڪروڙ.

س: ڪوٽڙي بئراج ڪڏهن تيار ٿيو؟

ج: 1955ع ۾.

س: ڪوٽڙي بئراج جو ڪڏهن افتتاح ڪيو ويو؟

ج: 13 مارچ 1955ع.

س: ڪوٽڙي بئراج مان ڪيترا ۽ ڪهڙا واهه نڪرن ٿا؟

ج: هن مان 4 واهه نڪرن ٿا. جنهن سان پڇاري ۽ لائيڊ چئنل ذريعي سنڌ جي وسيع ايراضي سيراب ڪن ٿا. جڏهن ته قليلي ذريعي حيدرآباد ۽ ڪراچي ڪئنال الهندي پاسي کي آباد ڪري ٿو.

## گڊو بئراج

س: گڊو بئراج ڪٿي واقع آهي؟

ج: ڪشمور لڳ سنڌ ۽ پنجاب جي سرحد تي.

س: سنڌو نديءَ تي گڊو بئراج جي رٿا ڪڏهن سامهون آئي؟

ج: سنڌو نديءَ تي گڊو بئراج جوڙڻ جي رٿا انگريز دور ۾ 1942ع ۾ سامهون آئي، پر ڪن سببن ڪري ان دور ۾ ٺهي نه سگهيو ۽ پوءِ جلد 1947ع ۾ پاڪستان ٺهي ويو.

س: پاڪستان ٺهڻ بعد گڊو بئراج جو ڪڏهن افتتاح ڪيو ويو؟

ج: ڦيرين مارچ 1963ع ۾.

س: گڊو بئراج جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: 4445 فوٽ.

س: گڊو بئراج کي ڪل ڪيترا دروازا آهن؟

ج: 64 دروازا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هر هڪ دروازي جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: 50 فوٽ.

س: گڊو بئراج مان نڪرندڙ واهن ۽ شاخن جي ڪل ڊيگهه ڪيتري آهي؟

ج: 2444 ميل.

س: گڊو بئراج کان سکر بئراج جي وچ وارو فاصلو ڪيترو آهي؟

ج: 80 ميل.

س: هن بئراج تي سنڌ جي ڪيتري زمين آباد ٿئي ٿي؟

ج: هن بئراج تحت 27 ملين ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي.

س: سنڌو درياءَ جي مٿان مشهور پليون ڪهڙيون آهن؟

ج: اٽڪ واري لوهي پل، خوشحال ڳڙهه پل، چشما بئراج پل، تونسه بئراج مٿان پل، ڪالاباغ پل، منڊ ڪوٽ واري پل، گڊو بئراج پل. سکر لڳ بکر جي قلعي وٽ پل، سکر بئراج جي مٿان پراڻي پل، سکر بئراج تي نئين پل، خيرپور لارڪاڻو پل، مورو ۽ دادو واري پل، قاضي احمد آمري پل، حيدرآباد ڄامشورو پل، حيدرآباد باءِ پاس وٽ نئين پل، ڪوٽري پل.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: کير ٿر جبل گهڻن حصن ۾ ورهايل آهي؟
ج: ڇئن حصن ۾: پب جبل، ڏاڙهيارو جبل، سورجان جبل ۽ ڪارو جبل.
س: کير ٿر جبل ڪٿان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪٿي ختم ٿئي ٿو؟
ج: شهدادڪوٽ ۽ قمبر ضلعي جي قمبر تعلقي کان ڪراچيءَ جي ويجهو راس مونزه تائين.
س: کير ٿر جبل جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟
ج: 315 ڪلوميٽر.
س: کير ٿر جبل تي مکيه چوٽي ڪهڙي آهي؟
ج: کيرٿر جبل جي چوٽي ڪتي جي قبر ۽ گورک، جنهن جي اوچائي 7200 فٽ آهي.
س: هالار جبل جي ٽڪريءَ کي ڪهڙن ملڪن جي ٽڪرين سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي؟
ج: برما ۽ آسام (هندستان) جي ٽڪرين سان.
س: کيرٿر جابلو سلسلو ڪيترن الڳ الڳ جابلو حصن ۾ ورهايل آهي؟
ج: کير ٿر جابلو سلسلو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي: 1. ڪڪريو 2. ڪارو ۽ 3. پيٽارو.
س: کير ٿر جي اتر ايرندي واريءَ ڪنڊ تي ڪهڙا چشما آهن؟
ج: پير لاڪي جا چشما.
س: سنڌ ۾ بيا ڪهڙا مشهور چشما آهن ۽ ڪٿي آهن؟
ج: منگهي پير (ڪراچي ۾)، جهمپير (ضلعي ٺٽي ۾) ۽ لڪيءَ وارا چشما (سيوهڻ ويجهو).
س: مٿين چشمن منجهان ڪهڙو فائدو حاصل ڪيو وڃي ٿو؟
ج: ٿنن ۾ ڦرڙين وارا مريض وهنجڻ بعد شفاياب ٿين ٿا.
س: ڪتي جي قبر، سمنڊ جي سطح کان ڪيترو اوچي آهي؟
ج: 5 هزار فوٽ.
س: کيرٿر جبل مٿان زراعت جي قابل گهٽا پٽ آهن ۽ اهي ڪهڙا آهن؟
ج: ٻه. دادو: جيڪو سمنڊ جي مٿاڇري کان 5 هزار فوٽ اوچو آهي ۽ رانا بوج مٿاهون پٽ. جيڪو سمنڊ جي مٿاڇري کان ساڍا 4 هزار فوٽ اوچو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انهن پٽن مٿان ڪيتري زمين آباديءَ لائق آهي؟
ج: اٽڪل هر هڪ پٽ مٿان هڪ هزار ايڪڙ زمين آباديءَ لائق آهي.
س: ڪير ٿر جبل جا مکيہ لڪ ڪهڙا آهن؟
ج: بولان لڪ، مولهہ لڪ ۽ مشڪوٽ لڪ.
س: ڏاڙهياري جبل تي تلاءُ ڪنهن کوٽرايو هو؟
ج: سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ايس مينسفيلڊ.
س: ڏاڙهياري جبل وارو تلاءُ ڪڏهن کوٽايو ويو هو؟
ج: 1862ع ۾.
س: سنڌ ۾ ننڍيون ننڍيون ٽڪريون ڪهڙي ڪهڙي هنڌ واقع آهن؟
ج: روهڙي، سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾.
س: سنڌ جو ٽيون وڏو مشهور جبل ڪهڙو آهي؟
ج: پٻ جبل.
س: پٻ جبل ڪٿان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪٿي ختم ٿئي ٿو؟
ج: ڪوهيار (جهالاوان) کان راس مونزي تائين.
س: ماهرن پٻ جبل جي عمر جو ڪاٿو ڪهڙو لڳايو آهي؟
ج: هي جبل 7 ڪروڙ 20 لک ورهيہ پراڻو آهي.
س: پٻ جبل ڪيترن ميلن ۾ پکڙيل آهي؟
ج: هڪ سؤ سٺ ڪلوميٽرن ۾.
س: پٻ جبل جي چوٽيءَ جو نالو ڇا آهي؟
ج: فرانس.
س: پٻ جبل جي چوٽيءَ تي ڪهڙي پوک ٿئي ٿي؟
ج: چوپائي مال لاءِ سائو گاهہ.
س: پٻ جبل جون شاخون ڪهڙيون آهن؟
ج: مور پٻ، جيتل، لڪي ٽڪريون ۽ ڪرو.
س: پٻ جبل ۾ لس بيلي واري سرحد وٽ ڪهڙي مشهور زيارت گاهہ آهي؟
ج: شاهہ بلال (لاهوت لامڪان).
س: شاهہ لطيفؒ پنهنجي رسالي جي ڪهڙي سر ۾ پٻ جبل جو ذڪر ڪيو آهي؟
ج: سر سسئي ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: پب جبل ڪٿان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪٿي ختم ٿئي ٿو؟

ج: ڪوهياري ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ راس مونزي وٽ ختم ٿئي ٿو.

س: پب جبل جون ننڍيون شاخون ڪهڙيون آهن؟

ج: سهڪڻ، مور، انڍڙ مور پب، جيتل، لڪي ٽڪريون ۽ ڪرو.

س: روهڙيءَ جون ڏکڻ واريون ٽڪريون ڪيتريءَ ايراضيءَ تي پکڙيل آهن؟

ج: 28 ڪلوميٽر روهڙي تعلقي ۾ ۽ 48 ڪلوميٽر خيرپور ۾.

س: روهڙيءَ ۽ خيرپور جي ٽڪرين جي اوچائي سمنڊ جي مٿاڇري کان ڪيتري مٿي آهي؟

ج: 4500 فوٽ.

س: انهن ٽڪرين جا نالا ٻڌايو جن جي مٿان مشهور قبرستان موجود آهن؟

ج: آدم شاهه ٽڪري سکر ۾، گنجو ٽڪر حيدرآباد ۾، مڪليءَ جون ٽڪريون ٺٽي ۾، ڪارونجهر جي ٽڪري ننگر پارڪر ۾ ۽ روهڙيءَ واري ٽڪري.

س: پاڪستان جو وڏو قبرستان سنڌ جي ڪهڙيءَ ٽڪريءَ تي واقع آهي؟

ج: ضلعي ٺٽي ۾، مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي.

س: سنڌ جي ڪوهستان جي خاص ڳالهه ڪهڙي آهي؟

ج: ڪوهستان ۾ گندرف جي گرم چشمن جي گهڻائي آهي.

س: ڪراچيءَ جو ڪُن ڪٿي آهي؟

ج: ڪراچيءَ ۾ ڪامياڙيءَ ويجهو.

س: سون مياڻي کان ڏهه ڪلوميٽر پري هنگلاج جي واٽ تي هڪ رڻ آهي، ان کي ڇا سڏيو وڃي ٿو؟

ج: گرو چيلي جو رڻ.

س: هنگلاج جو آستان ڪٿي واقع آهي؟

ج: هاڙي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار ۾.

س: ڪارونجهر جبل ڪٿي واقع آهي؟

ج: ڪارونجهر جبل ٿر جي ريگستان ۾ ڏکڻ اوير ڪنڊ وٽ واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪارونجهر جبل جي اوچائي ڪيتري آهي؟

ج: 1000 فوٽ.

س: هن جبل جي ويڪر ڪيتري آهي؟

ج: 12 ميل (لڳ ڀڳ 19 ڪلوميٽر).

س: هن جبل بابت ماهر ڪهڙي راءِ رکن ٿا؟

ج: ماهرن جي راءِ آهي ته، ڪارونجهر جبل راجستان جي پهاڙي سلسلي جو ڇيڇي ڌار ٽيل حصو آهي.

س: ڪارونجهر جبل جي عمر ڪيتري ٻڌائي وڃي ٿي ۽ اها عمر سنڌ جي ڪهڙي ماهر ڪٿي آهي؟

ج: ڪارونجهر جبلجي عمر 4 ارب 70 ڪروڙ سال ٻڌائي وئي آهي ۽ هن جبل جي اها عمر سنڌ جي ماهر بدر ابڙي ڪٿي آهي.

س: مارئيءَ وارو ملير ڪٿي واقع آهي؟

ج: ننگر پارڪر شهر کان 20 ڪلوميٽر پري.

س: سارو ڏڙي جو آستان ڪٿي واقع آهي؟

ج: ننگر پارڪر شهر جي ڏکڻ ۽ الهندي طرف ڇئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هڪ ٽڪريءَ تي.

س: گئو مکيءَ جو آستان ڪٿي واقع آهي؟

ج: سارو ڏڙي کان ڏکڻ طرف ڏيڍ ڪلوميٽر تي.

س: گئو مکيءَ جي آستان جي خاص ڳالهه ڪهڙي آهي؟

ج: پٿر جي ڳئون ٺهيل آهي، جنهن جي ٿڻن مان پاڻي وهي چشمي ۾ پوي ٿو.

س: گئو مکيءَ کان اتر پاسي 25 وکن تي پاڻيءَ جو هڪ کُن آهي، ان جو نالو ٻڌايو؟

ج: ٻج جو کُن.

## سنڌ جي جبلن جون چوٽيون

س: هندن جي مشهور ڪتاب رامائڻ ۾ سنڌ جي جابلو چوٽين بابت ڇا لکيل آهي؟

ج: سنڌ هڪ سؤ چوٽين وارو ملڪ آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: کيرٿر سلسلي جون چوٽيون ڪيتريون پراڻيون آهن؟
ج: ماهرن مطابق کيرٿر جبل جون چوٽيون ”پربت جيڏن ۽ ريڙهيون پائيندڙ جاورن جي زماني“ جون آهن.
س: کيرٿر سلسلي جون کهڙيون ۽ ڪيتريون چوٽيون مشهور آهن؟
ج: ڪارو ڪڪريو ۽ پيتارو واريون ٽي چوٽيون.
س: سنڌ ۾ ڪتي جي قبر جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟
ج: 6872 فوٽ.
س: ڪتي جي قبر ڪٿي واقع آهي؟
ج: وارهه شهر کان اولهه طرف ضلعي دادو ۾.
س: کهر جي جوڙي جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟
ج: 6900 فوٽ.
س: کهرجي جوڙي جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟
ج: ميهڙ کان اتر اولهه طرف ضلع دادوءَ ۾ واقع آهي.
س: بارغ جي چوٽي سمنڊ جي سطح کان ڪيترو مٿي آهي؟
ج: 7850 فوٽ.
س: بارغ جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟
ج: ميهڙ کان اولهه طرف ضلع دادوءَ ۾ واقع آهي.
س: پريڪي جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟
ج: خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ جي وچ کان اولهه طرف ضلع دادوءَ ۾ واقع آهي.
س: پريڪي جي چوٽي ڪيترو مٿي واقع آهي؟
ج: 7221 فوٽ.
س: ڀنڊو سالارٽيءَ جي چوٽي سمنڊ جي سطح کان ڪيترو مٿي آهي؟
ج: 6775 فوٽ.
س: ڀنڊو سالارٽيءَ جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟
ج: خيرپور ناٿن شاهه جي اولهه طرف، ضلع دادوءَ ۾ واقع آهي.
س: ڪچرڪ جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟
ج: 6000 فوٽ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪچرڪ جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟

ج: خانپور جوٽيجي جي سامهون اولهه طرف ضلعي دادوءَ ۾ واقع آهي

س:گورک جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟

ج: 5889 فوٽ.

س: گورک جي چوٽي ڪٿي واقع آهي؟

ج: ڪڪڙ۾ جوهيءَ سامهون اولهه طرف ضلعي دادوءَ ۾ واقع آهي.

س: پب جبل جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟

ج: 3000 فوٽ.

س: ڪارونجهر جبل جي چوٽي ڪيترو مٿي آهي؟

ج: 10000 فوٽ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب ڇهون

# سنڌ جون ڊنڍون

س: ڊنڍ ڇا کي ٿو چئجي؟

ج: ڊنڍن جو جڙڻ، هڪ قدرتي عمل آهي. زمين تي مينهن، درياهه يا سمنڊ جي پاڻيءَ جي ڪنهن وڏي جڙيل وهڪري واري هنڌ يا پاڙ، جنهن جي چوڌاري خشڪ ۽ سُڪي زمين هجي، تنهن کي "ڊنڍ" چئبو آهي.

س: سنڌ ۾ ڊنڍن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن؟

ج: سنڌ ۾ ڊنڍن جا چار قسم آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. **منهن ڇوڙ ڊنڍ:** هن طرح جي ڊنڍ جو منهن درياهه طرف کليل هوندو آهي. درياهه جي چاڙهه سبب ان ۾ پاڻي ڀربو آهي.
2. **پراڻ ڊنڍ:** جڏهن سنڌو درياهه گس مٽائي نئين واٽ وٺندو هو ته، پراڻو وهڪرو به درياهي روپ ۾ آبڪلاڻيءَ ۾ مينهوڳيءَ سان ڀرپور تي اصلي نياڻ ۾ وهندو هو. ان طرح اهو آڳاٽو ڊورو "پراڻ ڊنڍ" سڏبو آهي.
3. **ٻٽ ڊنڍ:** هن قسم جي ڊنڍ ۾ ڪنهن به طرف کان درياهي پاڻي داخل ٿي نه سگهندو آهي. عام طور هن ۾ مينهن جو پاڻي بيٺل هوندو آهي.
4. **ڪولاب ڊنڍ:** هن قسم جي ڊنڍ ۾ دريا جا ڇيچ، چاڙهه سبب وهڻ جي صورت ۾ وهندا آهن. سنڌ ۾ به ڪولاب آهن: 1. جيئل ڪولاب ۽ 2. سيال ڪولاب.

س: ڊنڍون ڪيترن قسمن جون آهن؟

ج: ڊنڍون 8 قسمن جون ٿين ٿيون: 1. جوالائي ڊنڍون 2. واءَ جڙيل ڊنڍون 3. برفاني ڇڇن ذريعي جڙيل ڊنڍون 4. ڏارن مان جڙيل ڊنڍون

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


5. رياهي ڍنڍون 6. جابلو تراين ۾ جڙيل ڍنڍون 7. هٿرادو ڍنڍون ۽
8. اتفاقي ڍنڍون.
س: ڪينجهر ڍنڍ سنڌ جي ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟
ج: ٺٽي ضلعي ۾.
س: نوري ڄام تماچيءَ جي قصي جو تعلق سنڌ جي ڪهڙيءَ ڍنڍ سان منسوب آهي؟
ج: ڪينجهر ڍنڍ سان.
س: ڄام تماچي ڪهڙيءَ ٽڪريءَ تي عاليشان ماڙي ٺهرائي هئي؟
ج: هيلايا ٽڪريءَ تي.
س: ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ ڪهڙي بزرگ جي مزار آهي؟
ج: هوندل شاھ جي.
س: سنڌ جي ڪِين خاص ڍنڍن جا نالا ٻڌايو؟
ج: منڇر ڍنڍ نئين گاج ڍنڍ، سونهري ڍنڍ، سومري ڍنڍ، ڪاناهي ڍنڊ مکي ڍنڍ. ڪارڻ ڍنڍ ۽ ڍليار ڍنڍ وغيره.
س: نئين گاج ڍنڍ ڪٿي واقع آهي؟
ج: کير ٿر جبل جي ڪمالون لڪ وٽ.
س: 1931ع ۾ ٿر ۾ ننڍين، وڏين ڍنڍن جو تعداد ڪيترو هو؟
ج: اٽڪل چار هزار.
س: سنڌ ۾ کاري پاڻيءَ جي سڀ کان وڏي ڍنڍ ڪهڙي آهي؟
ج: ڏيپلي تعلقي ۾ "سارڻ ڍنڍ".
س: ٿرپارڪر جي واريءَ جي دڙن کي ڏسڻ سان انهيءَ جي ڪهڙي آڳاٽي حالت جي خبر پوي ٿي؟
ج: ڪنهن وقت هي علائقو سمنڊ هو.
س: سارڻ ڍنڍ منجهان ڇا حاصل ڪيو ويندو آهي؟
ج: لوڻ.
س: سنڌ ۾ ڍليار ڍنڍ ڪٿي آهي؟
ج: سانگھڙ ضلعي جي ڪپري تعلقي ۾.
س: سنڌ جي مشهور ڍنڍ منڇر ڪٿي واقع آهي؟
ج: دادو ضلعي جي تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: منڇر ڍنڍ ۾ پاڻي ڪٿان اچي جمع ٿئي ٿو؟

ج: برسات جي مند ۾ جبل جو پاڻي، نئين گاج کان ٿيندو منڇر ۾ اچي ٿو پوي.

س: منڇر جي ڀرجڻ بعد ان جو واڌو پاڻي ڇا ۾ ڇوڙ ڪري ٿو؟

ج: سنڌ درياءَ ۾.

س: سنڌ ۾ ٽوٽل ڪيتريون ڍنڍون آهن؟

ج: اٽڪل ٻارهن سؤ کان مٿي.

س: مٿين ڍنڍن کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيون مشهور ڍنڍون ڪهڙيون آهن؟

ج: اڇ ڍنڍ- جيڪا شاهه ڪريم بلڙي تعلقي ۾ آهي.

امير پير جي ڍنڍ- دادوءَ ضلعي ۾ آهي.

لاکاٽي ڍنڍ- تعلقي سيوهڻ ۾ آهي.

ابڙائون ڍنڍ- ضلعي سانگهڙ ۾ آهي.

اميناڻي ڍنڍ - ضلعي دادوءَ ۾ آهي.

انيتي ڍنڍ - خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ آهي.

الهه اوبايو ڍنڍ - ضلعي ۽ تعلقي دادوءَ ۾ آهي.

آرڙجي ڍنڍ - دادوءَ ضلعي جي ميهڙ تعلقي ۾ آهي.

آڍائي ڍنڍ - دادوءَ ضلعي جي ميهڙ تعلقي ۾ آهي.

آباد ڍنڍ -تعلقي سيوهڻ ۾ آهي.

آمري ڍنڍ -تعلقي سيوهڻ ۾ آهي.

اتڻ ڍنڍ- قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ آهي.

بقار ڍنڍ- ضلعي سانگهڙ ۾ آهي.

بڊام ڍنڍ- قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي غيبي ديري ۾ واقع آهي.

بازار ڍنڍ- ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ واقع آهي.

بخاري ڍنڍ- تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي.

بوبڪ ڍنڍ- ضلعي ڄامشوري جي تعلقي سيوهڻ ۾ آهي.

بلاولپور ڍنڍ- ضلعي ڄامشوري جي تعلقي ڄامشوري ۾ واقع آهي.

بگري ڍنڍ- عمرڪوٽ ضلعي جي عمرڪوٽ تعلقي ۾ واقع آهي.

ٻورڙي ڍنڍ- ضلعي دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي تاريخي ڳوٺ ٻورڙي ويجهو واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


سرائي شوڪت عليءَ واري ڍنڍ ـ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ واقع آهي.
ساماره ڍنڍ ـ ضلعي عمرڪوٽ جي تعلقي سامارو ۾ واقع آهي.
سومري ڍنڍ ـضلعي عمرڪوٽ جي تعلقي عمرڪوٽ ۾ واقع آهي.
ساوڙي ڍنڍ ـضلعي شهيد بينظير آباد (اڳوڻو ضلعو نواب شاهه) ۾ واقع آهي.
سن ڍنڍ ـضلعي شهيد بينظير آباد تعلقي نوابشاهه ۾ واقع آهي.
شڪر ڍنڍ ـضلعي شهيد بينظير آباد جي تعلقي سڪرنڊ ۾ واقع آهي.
شورن واري ڍنڍ ـضلعي حيدرآباد جي تعلقي حيدآباد ۾ واقع آهي.
شاهه مراد واري ڍنڍ ـضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
صدوري ڍنڍ ـ ضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
جاڪپاري ڍنڍ ـضلعي دادوءَ جي تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي.
جهان خان ڍنڍ ـضلعي سجاول جي چوهڙ جماليءَ ۾ واقع آهي.
چڪڻ ڍنڍ ـضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي تعلقي قمبر ۾ واقع آهي.
چاري ڍنڍ ـضلعي ٽنڊو محمد خان جي تعلقي شاهه ڪريم بلڙي ۾ واقع آهي.
چاڙ ڍنڍ ـ ضلعي سجاول جي تعلقي شاهبندر ۾ واقع آهي.
ڇڇر ڍنڍ ـ ضلعي ڄامشوري جي تعلقي مانجهند ۾ واقع آهي.
ڇتي ڍنڍ ـ ضلعي دادوءَ جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
حمل ڍنڍ ـ دادو، لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن ۾ واقع آهن. ايراضي جي لحاظ کان منڇر کانپوءِ ٻئي نمبر تي آهي.
حاجي اسماعيل پير ڍنڍ ـضلعي ۽ تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
دڙي ڍنڍ ـضلعي ۽ تعلقي بدين ۾ واقع آهي.
دريديرو ڍنڍ ـضلعي ڄامشوري جي تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي.
ڏوٿلهريون ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
ڏاوچ ڍنڍ ـضلعي ۽ تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
ڏيپارچا ڍنڍ ـضلعي ۽ تعلقي نوشهرو فيروز ۾ واقع آهي.
ٻرگهه ڍنڍ ـلاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي ضلعن ۾ واقع آهي.
ٻَنءِ ڍنڍ ـضلعي دادوءَ جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


راهني ڍنڍ ـ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي تعلقي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ ۾ واقع آهي.
رتڙائون ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
رحماني ڍنڍ ـضلعي دادوءَ جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
راوت لغاري ڍنڍـ ضلعي دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
راڄڙي ڍنڍ ـضلعي ڄامشوري جي تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي.
ڪاڪاهو ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
ڪاري ڍنڍـ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي تعلقي شاهه عبدالڪريم بلڙي ۾ واقع آهي.
ڪلاچ ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
ڪندي چڪيءَ جي ڍنڍ ـضلعي دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
ڪري ڍنڍـ ضلعي دادوءَ تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
ڪلري ڍنڍ ـضلعي حيدرآباد ۾ واقع آهي.
ڪنڌياري ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
ڪڪڙ ڍنڍ ـضلعي دادوءَ جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
ڪير واري ڍنڍ ـضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
ڪاٽوٽ ڍنڍ ـ ضلعي ڄامشوري ۾ واقع آهي.
ڪوڪرن واري ڍنڍ ـضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
ڪرل ڍنڍ ـضلعي دادو جي تعلقي دادو ۾ واقع آهي.
گچيرو ڍنڍ ـضلعي دادو ۾ واقع آهي.
گنجا ٽوڙها ڍنڍـ ضلعي دادوءَ جي تعلقي ميهڙ ۾ واقع واقع آهي.
گوپانگ ڍنڍـ ضلعي ڄامشوري جي تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ واقع آهي.
گائنچا ڍنڍ ـضلعي ڄامشوري جي تعلقي ڪوٽڙي ۾ واقع آهي.
ڳموري ڍنڍ ـعمرڪوٽ ضلعي جي تعلقي عمرڪوٽ ۾ واقع آهي.
گهڙو ڍنڍـ ضلعي دادوءَ جي تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي.
گهنهر ڍنڍـضلعي دادوءَ جي تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي.
گهارو ڍنڍ ـضلعي نوشهرو فيروز ۾ جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


ڄهانگهري ڍنڍ –ضلعي سانگهڙ ۾ واقع آهي.
لنگهه ڍنڍ – لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع آهي.
راکن جي ڍنڍ –ضلعي دادوءَ جي تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
لهور جي ڍنڍ –ضلعي ۽ تعلقي قمبر ۾ واقع آهي.
لغارين جي ڍنڍ – نوشهرو فيروز ضلعي جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
ماڙين واري ڍنڍ – ضلعي سانگهڙ جي چوٽيارين ۾ واقع آهي.
ميان موٺ ڍنڍ –ضلعي ڄامشورو جي تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي.
مان ڳڻ واري ڍنڍ – ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ واقع آهي.
ملڪاڻي ڍنڍ – ضلعي دادوءَ ۾ واقع آهي.
ميان ٻگهئي واري ڍنڍ –ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي
مائي ڦاپان ٻگهياڻي واري ڍنڍ – ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
مصري ڍنڍ –ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
مستي خان جتوئي ڍنڍ –ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي.
ناٺ ڍنڍ – دادوءَ ضلعي جي تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي.
ناصراڻي ڍنڍ –دادوءَ ضلعي جي تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
تونگهٽيون ڍنڍ –ضلعي خيرپور جي تعلقي نارو ۾ واقع آهي.
نورجا بند ڍنڍ – ضلعي دادوءَ جي تعلقي دادوءَ ۾ واقع آهي.
نريڙي ڍنڍ – بدين ضلعي ۾ واقع آهي.
نظر علي ڪورائي ڍنڍ –ضلعي نوشهرو فيروز جي تعلقي مورو ۾ واقع آهي
وندرن واري ڍنڍ –ضلعي دادوءَ ۾ واقع آهي.
ويڇي ڍنڍ – ضلعي دادوءَ جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي.
ونهيل واري ڍنڍ – خيرپور ضلعي جي تعلقي نارو ۾ واقع آهي.
وندير ڍنڍ –ضلعي دادوءَ واقع آهي.
هاليجي ڍنڍ – ضلعي ٺٽي ۾ واقع آهي.
هاڙهه جي ڍنڍ – هيءَ ڍنڍ ضلعي عمرڪوٽ جي تعلقي عمرڪوٽ ۾ واقع آهي.
هاسو ڍنڍ –ضلعي ۽ تعلقي قمبر ۾ واقع آهي.
هريرو ڍنڍ –ٺٽي ضلعي ۾ واقع آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب ستون

# سنڌ جا ٻيلا

س: سنڌ جي ٻيلن کي گهڻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي؟

ج: سنڌ جي ٻيلن کي پنجن حصن ۾ ورهايو ويو آهي تو: ڪچي وارا يا دريائي ٻيلا، پڪي واري علائقي ۾ قدرتي ٻيلا، نهري پاڻيءَ تي هٿرادو پوکيل ٻيلا، ڊيلٽائي علائقي وارا تمر جا ٻيلا ۽ برساتي ٻيلا، جيڪي جابلو ماڻرين ۾ برساتن ڪانپوءِ پيدا ٿين.

س: هن وقت دريائي ٻيلن جي ٽوٽل پکيڙ ڪيتري آهي؟

ج: پنج لک اٺونجاهه هزار ايڪڙ.

س: وڻن جي تعداد جي لحاظ کان سنڌ ۾ سڀ کان گهڻو وڻ ڪهڙو آهي؟

ج: سنڌ ۾ ٻٻر جو وڻ، جيڪو سيني وڻن جو 33 سيڪڙو آهي.

س: جيڪب آباد ضلعي ۾ ڪچي واري علائقي جا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟

ج: گهل پور، گونڊڪ، ڳنڊير مڪڙ، نئون ڪبلو رونتي ۽ جهانپور.

س: سنڌ ۾ سکر ضلعي ۾ ڪچي واري علائقي جا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟

ج: واحد پور، سڏوجا، وهاب خان ٻيلو شاهپور، ڪيتي آباد، عزيز پور، پنهواري، شاهه ٻيلو قادر پور ۽ ٻنڊي ڏاريجا.

س: شڪارپور ضلعي جي ڪچي وارا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟

ج: مدئجي ٻيلو باگڙجي ٻيلو ڪيتي باگڙجي ۽ آندل دل وارو ٻيلو.

س: سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪچي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟

ج: شريف پور، آگاڻي ٻيلو شاهه بيگ ٻيلو حسن واهڻ، گاجي ديرو ٻيلو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سنڌ جي خيرپور ضلعي جي ڪچي واري علائقي جا مشهوردرياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: فريد آباد، رحمت مگريو مهلاڻي، مالي شاهاڻي، راضي ديرو ياڳن، نواڙو ڇتو ۽ چنو ٻيلو.
س: نوشهري فيروز جي ڪچي واري علائقي جا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: محب ديرو پونئر، ڪمالديرو پورني، مٺياڻي ۽ دليپوٽا.
س: دادو ضلعي جي ڪچي واري علائقي جا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا ڪهڙا آهن؟
ج: مگسي ٻيلو ڪمال ديرو، سونا ٻنڌي، ٻنڌ ماڙي، ڪيٽي الهه آباد، خيرو ديرو ڪنداهه ٻيلو ڪرمپور ٻيلو آمري، لاڪاٽ، مڏ ناصري، مريد رئيس، مٽياري ٻيلو مياڻي، ڪٽڙ، ڪانڙي ۽ انڙپور.
س: ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وارا مشهور درياهي ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: ڪارو کهو حاجي پور، ڪوڪر ٻيلو هلايہ لنڊ، حيات چنو ڪانوڙ ۽ گهوڙا ٻاري ٻيلو ٻڏڪا، جراڙ سورجاڻي، ٻهاولپور ۽ ٻڊاڻي.
س: سکر ضلعي ۾ پڪي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: ميرپور، سرحد، عادلپور ۽ سلطان پور ٻيلو.
س: شڪارپور ضلعي ۾ پڪي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: موروائي ۽ ڳڙهي ياسين وارا ٻيلا.
س: خيرپور ضلعي ۾ پڪي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: پير قاسم، لالو ڳوٺ ۽ ميراٿو وارا ٻيلا.
س: لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پڪي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: ٻهڻ، گانگرڪو گاجي ديرو حسن واهڻ، ٻڊو ديرو وارا ٻيلا.
س: نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعي ۾ پڪي واري علائقي جا مشهور ٻيلا ڪهڙا آهن؟
ج: سوئي، قاسم شاهه، ناري، ڪنڊي، باغبان، پان سعيد آباد، ڪلو گهوري، آباد ۽ گدڙجي وارا ٻيلا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


## تمر جا ٻيلا

س: پاڪستان جو سامونڊي ڪنارو ڪيترو ڊگهو آهي؟

ج: 1050 ڪلوميٽر.

س: سنڌ جو سامونڊي ڪنارو ڪيترو ڊگهو آهي.

ج: 350 ڪلوميٽر.

س: سنڌ ۾ تمر جا ٻيلا ڪيتريءَ سامونڊي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن؟

ج: تمر جا ٻيلا انڊس ڊيلٽا ۾ 600000 هيڪٽرن ۾، ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي ۾ پکڙيل آهن.

س: تمر جا ٻيلا سنڌ جي ڪهڙي هنڌ واقع آهن؟

ج: اتر ۾ ڪراچيءَ جي علائقي ڪورنگيءَ کان، ڏکڻ طرف ٺٽي ضلعي جي سر ڪريڪ تائين.

س: تمر جي ٻيلن جو ڪهڙو فائدو آهي؟

ج: انهن جو خاص قدرتي فائدو ته سمنڊ جي پاوڪ يا ڪاڏ کي روڪڻ آهي، جڏهن ته عام طور انهن مان ڪاٺ پڻ ملي ٿو.

س: انڊس ڊيلٽا ۾ تمر جون ڪيتريون جنسون ٿين ٿيون؟

ج: چار: 1. اويسينيا مئرين 2. ايجيسپرس ڪارنيڪيو لئٽم 3. سيريو پس ٽئگل ۽ 4. رائزو فورا مڪروٽئٽا جنسون.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب اٺون

# سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا

## اڻڙ ڪوٽ

س: اڻڙ ڪوٽ ڪنهن جو نهيل آهي؟
ج: سنڌ جي حاڪم ڄام اڻڙ جو.
س: ڄام اڻڙ سنڌ ۾ ڪهڙيءَ سلطنت جو بنياد وڌو؟
ج: سما سلطنت جو.
س: اڻڙ ڪوٽ سنڌ جي ڪهڙي علائقي ۾ واقع آهي.
ج: بدين ضلعي جي گولاڙچي تعلقي ۾.
س: اڻڙڪوٽ جا موجوده ڪنڊر زمين کان گهٽو مٿي آهي؟
ج: پندرهن فوٽ.
س: اڻڙ ڪوٽ تي گهڻا برج آهن؟
ج: 28 برج.
س: اڻڙڪوٽ جي ديوار ڪيتري ويڪري آهي؟
ج: 8 فوٽ.
س: اڻڙ ڪوٽ جي قلعي جي هر هڪ ديوار ڪيتري ڊگهي آهي؟
ج: 800 فوٽ.
س: اڻڙڪوٽ کي گهڻا دروزا آهن؟
ج: ٻه دروازا.
س: اڻڙ ڪوٽ جو قلعو ڇا جو نهيل آهي؟
ج: پڪين سرن جو.
س: اڻڙ ڪوٽ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟
ج: ڪيريٽن ڪوٽ جي نالي سان.
س: ڪيريٽن ڪوٽ جو نالو هن ڪوٽ جي مٿان ڇاجي ڪري پيو؟
ج: مائي ڪيريٽن جي نالي جي ڪري.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هڪ ڏند ڪٿا مطابق انڙ ڪوٽ جي اڏڻ لاءِ ڪهڙو شرط رکيو ويو هو؟

ج: جيڪو ماڻهو پٿرن سان هن کي اڏيندو انهيءَ سان اها مائي کيريٽن شادي ڪندي

س: اها ڳالهه ٻڌي انهيءَ ڪوٽ کي اڏڻ لاءِ ڪير اُٿيو؟

ج: چتي نالي هڪ جوان.

س: انهيءَ جوان ڪوٽ اڏڻ لاءِ ڪهڙو ڪارنامو انجام ڏنو؟

ج: چتي، گنجي ٽڪر مان پٿر ٽڪي، هڪ ڏڳي تي ڍوئي، قلعو اڏيو.

س: چتي جي نالي تي هتان جا رهاڪن ۾ ڪهڙو پهاڪو مشهور آهي؟

ج: "چتو ڳاڙهو ڪوٽ اڏيندي اڃو تي ويو پر شادي نه ٿيس".

## دليل ڪوٽ

س: دليل ڪوٽ ڪٿي واقع آهي؟

ج: سڪرنڊ کان نوابشاهه ويندڙ شاهراهه تي.

س: دليل ڪوٽ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟

ج: دهليل ڪوٽ جي نالي سان.

س: دليل ڪوٽ سڪرنڊ شهر کان ڪيترو پري آهي؟

ج: اٽڪل 7 ڪلوميٽر.

ج: دليل ڪوٽ جو گهيرو ڪيترو آهي؟

ج: هن ڪوٽ جو گهيرو 2768 فوٽ آهي.

س: هڪ روايت موجب، دليل ڪوٽ وارو قلعو ڪڏهن جوڙايو ويو؟

ج: راجا راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾.

س: سنڌ ۾ راءِ سهاسيءَ جي وقت ۾ ٻيا ڪهڙا ڪهڙا قلعا تعمير ڪرايا ويا هئا؟

ج: اروڙ اُچ، سيوستان، ماٿيلي، ماڙي ۽ سوري قلعا.

س: راجا راءِ سهاسيءَ ڪانسواءِ دليل ڪوٽ تعمير ڪرائڻ لاءِ ٻي ڪهڙي روايت مشهور آهي؟

ج: دليل قلعو ٽالپرن جي حڪومت ۾ نواب مير دليل خان تعمير ڪرايو هو ۽ اهائي روايت صحيح مڃي وڃي ٿي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: دليل ڪوٽ جي شڪل ڪيئن آهي؟
ج: دليل قلعي جي شڪل گول آهي.
س: ديوار جي مضبوطي لاءِ پڪين سرن کانسواءِ ڇا استعمال ڪيو ويو آهي؟
ج: ڪاٺ استعمال ڪيو ويو آهي.
س: دليل ڪوٽ تي گهڻا برج رکيا ويا آهن؟
ج: ٻارنهن برج.

## حيدرآباد جو پڪو قلعو

س: حيدرآباد جي پڪي تلعي جو بنياد ڪنهن وڌو؟
ج: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي.
س: پڪو قلعو ڪيتريءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي؟
ج: ٽن ڪلوميٽرن ۾.
س: پڪي قلعي جي ديوار جي بلندي ڪيتري آهي؟
ج: 40 فوٽ.
س: پڪو قلعو ڪنهن جي مٿان اڏيل آهي؟
ج: ٽڪريءَ جي مٿان.
س: پڪي قلعي جو ڪم ڪڏهن شروع ٿيو؟
ج: 1182 هجري مطابق 1769ع ۾.
س: پڪو قلعو حيدرآباد شهر ۾ ڪٿي واقع آهي؟
ج: حيدرآباد جي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾.
س: پڪو قلعو ڪڏهن جڙي راس ٿيو؟
ج: 1772ع ۾.
س: پڪو قلعو ڇا سان ٺهيل آهي؟
ج: پڪين سرن سان.
س: پڪي قلعي جو ڪم ڪيترو وقت هليو؟
ج: اٽڪل ٽي سال.
س: قلعي جي ديوارن ۾ سوراخ ڇا لاءِ رکيا ويا آهن؟
ج: حملي ٿيڻ تي جوابي طور بندوقن جي استعمال ڪرڻ لاءِ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: قلعي جي ٽڪريءَ جي بلندي ڪيتري آهي؟

ج: پنجاھہ فوٽ.

س: پڪي قلعي جي پرسان خلفاءِ راشدين مان ڪهڙي خليفي جي قدم جو نشان زيارت لاءِ رکيل آهي؟

ج: حضرت عليؓ جي قدم جو.

س: حضرت عليؓ جو قدم گاھہ ڪٿي آهي؟

ج: پڪي قلعي پرسان.

س: حضرت عليؓ جا قدم مبارڪ ڪنهن آڻي زيارت لاءِ ان هنڌ رکيا؟

ج: مير ڪرم علي ٽالپر.

س: مير ڪرم علي ٽالپر کي اهي قدم مبارڪ ڪنهن ڏنا؟

ج: ڪيس اهو آملھہ تحفو ايران جي بادشاھہ فتح علي شاھہ قاچار ڏنو.

## جاڻڪي بندر جو ڪوٽ

س: جاڻڪي بندر ڪٿي واقع آهي؟

ج: ٺٽي ضلعي ۾.

س: جاڻڪي بندر کي ٻين ڪهڙن نالن سان سڏيو ويندو هو؟

ج: جونا شاھہ بندر يا ڪيپي بندر.

س: جاڻڪي بندر جتي ختم ٿئي ٿو اتان کان ٻيو ڪهڙو بندر شروع ٿئي ٿو؟

ج: لاهري بندر.

س: جاڻڪي بندر ڪراچيءَ کان ڪيترو پري آهي؟

ج: ڪراچيءَ کان ڏکڻ اوڀر ۾ 60 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي.

س: جاڻڪي بندر جي بيهڪ ٻڌايو؟

ج: اولھہ اتر کان پورٽ قاسم، اتر ۾ ڪڏي ڪاري، اتر اوڀر ۾ گهارو ۽ پنيور ۽ ڏکڻ ۾ پيٽياڻي ڪريڪ آهن.

س: جاڻڪي بندر جو ڪوٽ ڪيترو وڏو آهي؟

ج: 320 فوٽ ڊگهو ۽ 320 فوٽ ويڪرو.

س: ڪوٽ جي ڏنل پٽ، ڪيتري ويڪري آهي؟

ج: نوَ فوٽ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: جاڪي بندر جي ڪوٽ کي گهڻا برج آهن؟

ج: 12 برج.

س: جاڪي بندر جي ڪوٽ جي دروازي جي ويڪر ڪيتري آهي؟

ج: 15 فوٽ.

## عمر ڪوٽ

س: عمرڪوٽ سنڌ ۾ ڪتي ۽ ڪهڙي علائقي ۾ آهي؟

ج: ٿر جي علائقي جي عمرڪوٽ شهر ۾.

س: عمرڪوٽ ڪنهن جي نالي تي ٺهرايو ويو هو ۽ اهو ڪوٽ ڪنهن جوڙايو؟

ج: عمر سومري جي نالي تي ٺهرايو ويو جيڪو سنڌ جو حڪمران هو ۽ ان پاڻ ئي جوڙايو.

س: عمرڪوٽ جي قلعي جي بيهڪ ٻڌايو؟

ج: هي قلعو ريگستان جي ڇيڙي تي، جوڌپور کان حيدرآباد ويندڙ مکيہ شاهراهہ تي واقع آهي.

س: قلعي جي ديوار ڪيتري ويڪري آهي؟

ج: ڏهہ فوٽ.

س: قلعي جي وچين برج جو قطر ڪيترو آهي؟

ج: 56 فوٽ.

س: قلعي جي ديوار جي اوچائي ڪيتري آهي؟

ج: 52 فوٽ.

س: قلعي جي وچين برج تي ڪيتريون توبون نهيل آهن؟

ج: ست توبون.

س: اوير ۽ اتر برج جو قطر ڪيترو آهي؟

ج: 24 فوٽ.

س: هن برج جي اوچائي ڪيتري آهي؟

ج: 30 فوٽ.

س: قلعي ۾ ڪل ڪيترا برج آهن؟

ج: پنج برج.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: اولهہ ڏکڻ برج جو قطر ڪيترو آهي؟

ج: 35 فوٽ

س: هن جي بلندي ڪيتري آهي؟

ج: 40 فوٽ

س: موجوده وقت ۾ قلعي جي اندر ڇا ڇا رکيل آهي؟

ج: قلمي نسخا، سِڪا، تصويرون، هٿيار، خطاطي، خوش نويسي جا شاهي دستاويز وغيره.

س: هندستان جو ڪهڙو مشهور مغل بادشاهہ عمرڪوٽ جي ويجهو ڄائو؟

ج: اڪبر بادشاهہ

س: مير شير محمد ٽالپر کي "ستاره هند" جو تمغو ڪٿي ڏنو ويو هو؟

ج: عمرڪوٽ ۾.

س: راڻي وڪٽوريا جي تخت نشينيءَ جي "گولڊن جوبلي" ڪٿي ملهائي وئي هئي؟

ج :عمرڪوٽ جي قلعي ۾.

س: عمرڪوٽ جي قلعي جي پکيڙ ڪيتري آهي؟

ج: چوڏهن چورس ڪلوميٽر.

## رتو ڪوٽ

س: رتوڪوٽ ڪٿي واقع آهي؟

ج: ڀنڀور ڏانهن ويندڙ گهارو ڪاري تي آهي.

س: رتوڪوٽ ڪراچيءَ کان ڪيترو پري آهي؟

ج: اٽڪل 27 ڪلوميٽر.

س: رتيڪوٽ تي رتو ڪوٽ نالو ڇا جي ڪري پيو؟

ج: رت جي گهڻي وهڻ ڪري

س: اهو رت ڇو وهايو ويو؟

ج: رتو ڪوٽ ۾ بلوچن اوچتو حملو ڪري ماڻهن جو قتل عام ڪيو. جنهن سبب هي ڪوٽ هتي جي ماڻهن جي رت سان رڱجي ويو. ان ڪري هن ڪوٽ تي "رتوڪوٽ" نالو پيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هن حملي ۾ بلوچ حملا آورن، ماڻهن جو ڪيترو قتل عام ڪيو ويو؟

ج: بلوچ حملا آورن جي قتل عام بابت هن مان اندازو لڳايو جو پينگهي ۾ ستل ٻار به قتل ڪيا ويا.

س: انهيءَ قتل واري رات ان قلعي ۾ ڪيتريون شاديون ٿيڻ واريون هيون؟

ج: 120 جوڙن جون شاديون ٿيڻ واريون هيون.

س: رتو ڪوٽ ڪڏهن جو ٺهيل آهي؟

ج: ائين يا نائين عيسوي صديءَ جو.

س: هن ڪوٽ جي آثارن کي برباد ڪرڻ ۾ قدرتي طور ڇا جو هٿ آهي؟

ج: ساموندي ڇولين جو.

س: رتوڪوٽ ڪهڙي ٻيٽ جي مٿان ٺهيل آهي؟

ج: محيق ٻيٽ مٿان.

س: رتوڪوٽ، محيق ٻيٽ جي ڪيتريءَ ايراضيءَ تي پکڙيل آهي؟

ج: 35 ايڪڙن تي ۾.

س: رتوڪوٽ جون ڀتيون ڪيتريون بلند هيون؟

ج: ڏهه فوٽ.

س: رتي ڪوٽ جي ڀت جي ويڪر ڪيتري هئي؟

ج: ساڍا 7 فوٽ.

س: رتي ڪوٽ ۾ ڪل ڪيترا برج هئا؟

ج: 25 برج.

س: محيق ٻيٽ جي پکيڙ بابت ٻڌايو؟

ج: اولهه کان اوڀر 9 ڪلوميٽر ۽ اتر کان ڏکڻ 5 ڪلوميٽر ۾.

## راڻو ڪوٽ

س: راڻو ڪوٽ ڪٿي آهي؟

ج: لاڙ جي مشهور شهر ميرپور ساڪري جي ديهه ڏونديءَ ۾ واقع آهي.

س: راڻوڪوٽ ۾ گهڻا برج آهن؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سيوهڻ جو قلعو ڪهڙيءَ صورت ۾ ٺهيل هو؟
ج: بيضوي شڪل ۾.
س: سيوهڻ جو قلعو ڇا سان ٺهيل هو؟
ج: پڪين سرن سان.
س: هن وقت اهو ڏڙو ڪيتريءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي؟
ج: هن وقت اهو ڏڙو 1200 فوٽ ڊيگهه ۽ 600 فوٽ ويڪر ۾ پکڙيل آهي.
س: هي ڏڙو گهٽ ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي؟
ج: 16 ايڪڙن ۾.
س: سيوهڻ جي قلعي جي شڪل دنيا جي ڪهڙي قلعي سان ملي ٿي؟
ج: بابل جي مليهي قلعي سان.

## منهوڙي جو قلعو

س: منهوڙي جو قلعو ڪنهن ٺهرايو هو؟
ج: ٽالپر حاڪم مير ڪرم علي خان.
س: منهوڙي جو قلعو ڪٿي واقع آهي؟
ج: ڪراچيءَ لڳ منهوڙي وٽ.
س: منهوڙي جو قلعو ڇو ٺاهيو ويو هو؟
ج: ڪراچي شهر ۽ ڪراچيءَ بندر جي حفاظت لاءِ.
س: منهوڙي جي قلعي کي ڪڏهن مڪمل ڪيو ويو هو؟
ج: 1797ع ۾.
س: منهوڙي جي قلعي جي جاگرافيائي بيهڪ ٻڌايو؟
ج: ڏکڻ اوڀر، ڏکڻ، اولهه ۽ اولهه- اتر پاسي کان سمنڊ اٿس.
س: منهوڙي جو قلعو ڪٿي واقع هو؟
ج: هڪ بلند ٽڪريءَ مٿان.
س: منهوڙي جي قلعي جي ٽڪريءَ جي چوٽي ڪيترو بلند آهي؟
ج: هڪ سئو فوٽ.
س: منهوڙي جي قلعي مٿان ڪيتريون توبون رکيل هونديون هيون؟
ج: اٺ توبون.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انگريزن جي حملي وقت منهوڙي جي قلعي اندر ٽالپر لشڪر جا ڪيترا سپاهي موجود هئا؟

س: ڪن روايتن ۾ 16 ته ڪن ۾ 20 ته ڪن ۾ وري 30 سپاهي قلعي اندر موجود هئا.

ج: منهوڙي جي قلعي کي برباد ڪرڻ کانپوءِ انگريزن ڇا ڪيو؟

س: انهيءَ جاءِ تي هڪ ٻيو نئون قلعو منهوڙي جي نالي سان 1890ع ۾ ٺهرايائون.

س: ڪراچيءَ جي بندر کي عروج تي ڪنهن پهچايو؟

ج: انگريز سرڪار.

س: ڪراچي بندر کي اول درجي جو بندر ڪڏهن قرار ڏنو ويو؟

ج: انگريز دور منجهه 1907ع ۾.

## نئون ڪوٽ

س: نئون ڪوٽ ڪٿي واقع آهي؟

ج: ٿر جي وارياسي علائقي ۾.

س: نئون ڪوٽ ڪنهن ٺهرايو هو؟

ج: ٽالپر حڪمران مير ڪرم علي خان.

س: نئون ڪوٽ قلعو ڪڏهن ناهيو ويو؟

ج: 1814ع ۾.

س: نئين ڪوٽ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟

ج: فتح ڳڙهه.

س: نئون ڪوٽ جي ديوار ڪيتري ويڪري آهي؟

ج: اٽڪل 12 فوٽ.

س: نئون ڪوٽ جي ديوار ڪيتري اوچي آهي؟

ج: اٽڪل 38 فوٽ.

س: نئون ڪوٽ ڪٿي واقع آهي؟

جواب: ميرپورخاص کان 63 ڪلوميٽر ڏکڻ اوير طرف.

س: نئون ڪوٽ جي اڏاوت تي گهڻو خرچ آيو؟

ج: اٺ لک روپيه.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ننڊڪوٽ ڪهڙيءَ شڪل ۾ ٺهيل آهي؟
ج: مستطيل شڪل ۾.
س: ننڊڪوٽ ڇا تي ٺهيل آهي؟
ج: هي ڪوٽ ميداني علائقي تي ٺهيل آهي.
س: ننڊ ڪوٽ جي ديوارن جو مختصر احوال ڏيو؟
ج: ڏکڻ واري ديوار جي ڪل ڊيگهه 1710 فوٽ آهي، جنهن ۾ 18 برج آهن. اوڀر واري ديوار جي ڪل ڊيگهه 717 فوٽ آهي، جنهن تي 8 برج آهن. اولهه پاسي واري ديوار جي ڊيگهه 1377 فوٽ آهي ۽ اتر پاسي واري ديوار جو ڪافي حصو ختم ٿي چڪو آهي.
س: ننڊڪوٽ ۾ اٽڪل گهڻا برج آهن؟
ج: اٽڪل پنجاهه برج آهن، جن منجهان هن وقت بہ 30 برج ظاهر بيٺا آهن.
س: ننڊڪوٽ کي گهڻا دروازا آهن؟
ج: چار دروازا.
س: ننڊ ڪوٽ درياءَ جي ڪهڙي طرف واقع هو؟
ج: ڏاکڻين طرف.
س: ننڊڪوٽ ڇا جي اڏاوت ڇا سان ٺيل آهي؟
ج: پڪين سرن سان.

## نيرون ڪوٽ

س: نيرون ڪوٽ ڪيترا سال پراڻو آهي؟
ج: هي ڪوٽ 400 ق. م کان اڳ قائم ٿيو.
س: ڪهڙي ڪتاب ۾ نيرون ڪوٽ لاءِ راءِ چند هريجن لکيو آهي، تہ هي قلعو 4000 ق. م کان اڳ قائم ٿيو؟
ج: تاريخ ريگستان ۾.
س: نيرون شهر ڪٿي واقع هو؟
ج: موجوده حيدرآباد جي اوس پاس.
س: نيرون شهر جي بنياد لاءِ محب الله بکري ڇا لکيو آهي؟
ج: نيرون ڪوٽ شهر جو بنياد نبوت ۽ هجرت جي وچ وارن سالن ۾ پيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944
Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: راجا راءِ سهيرس پنهنجيءَ حڪومت کي ڇئن صوبن ۾ ورهايو انهن جا نالا ٻڌايو؟

ج: برهمڻ آباد، سيوستان، اسڪلنده ۽ ملتان.

س: برهمڻ آباد صوبي جا ڪهڙا مشهور شهر هئا؟

ج: نيرون ڪوٽ، ديبل بندر، لوهاڻا، لاکا ۽ سما.

س: سيوستان صوبي جا ڪهڙا مشهور شهر هئا؟

ج: جنڪان، رونجهاڻ ۽ ڪوهه پايه.

س: سڪلنده صوبي ۾ ڪهڙا مشهور شهر هئا؟

ج: پاٿيه، تلواڙ، ڇڇر پور ۽ ديوه پور.

س: ملتان صوبي جا ڪهڙا مشهور شهر هئا؟

ج: مرڪ، برهه پور، ڪرور ۽ اشهار.

س: نيرڪوٽ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيووڃي ٿو؟

ج: بيرون ڪوٽ.

س: مسلمانن جي ڪهڙي مشهور فلڪيات، فلسفي، جاگرافي دان ۽ رياضي دان لاءِ چيو وڃي ٿو ته هتي پيدا ٿيو؟

ج: ابو ريحان البيروني، جيڪا هڪ ڏند ڪٿا آهي.

س: نيرون ڪوٽ ڪٿي واقع هو؟

ج: حيدرآباد کان ٿتي ويندڙ شاهراهه تي.

س: نيرون نالو ڪنهن ڏانهن منسوب آهي؟

ج: هڪ هندو راجا ڏانهن جيڪو حضرت عليؓ جي خلافت واري وقت نيرون تي حڪومت ڪندو هو.

## ڪچو قلعو

س: سنڌ ۾ "ڪچو قلعو" جي نالي سان قلعو ڪٿي واقع آهي؟

ج: حيدرآباد شهر ۾.

س: ڪچو قلعو ڪنهن جي مٿان ٺهيل آهي؟

ج: هڪ ٽڪريءَ مٿان

س: ڪچي قلعي مٿان گهٽا برج هئا؟

ج: نَوَ برج.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ڪلان ڪوٽ متعلق ڪتاب "تحفته الڪرام" ۾ ڪهڙي ڏند ڪٿان بيان ڪئي وئي آهي؟
ج: ڪلان ڪوٽ ۾ هڪ نانگ رهندو هو جنهن جو سر ڪلان ڪوٽ ۾ ۽ پڇڙي هندوستان ۾ هوندي هئي. جيستائين سر ڪلان ڪوٽ ۾ رهيو ايستائين سنڌ تي سنڌ واسين جي ماتحت رهيو ۽ جڏهن نانگ جو سر ڦري هندستان ڏانهن ۽ پڇڙي ڦري ڪلان ڪوٽ ڏانهن ٿي، ته انهيءَ ڏينهن کان سنڌ غير سنڌين جي قبضي ۾ آئي.
س: مرزا قليچ بيگ انهيءَ ڪوٽ کي ڇا سڏيو آهي؟
ج: ڪلياڻ ڪوٽ. يعني، امن ۽ راحت وارو ڪوٽ.
س: ڪلان ڪوٽ جي معنيٰ ڇا آهي؟
ج: وڏو ڪوٽ.
س: سنڌ ۾ ڪلان ڪوٽ ڪهڙي نمبر تي آهي؟
ج: ٻئي نمبر تي.
س: ڪلان ڪوٽ جو نالو هن ڪوٽ تي ڇاجي ڪري پيو؟
ج: ڪالڪا يا ڪالي ديويءَ جي مندر ڪري
س: ڪلان ڪوٽ تي تغلق آباد نالو ڪيئن پيو؟
ج: ڄام تغلق بن سڪندر هن ڪوٽ کي نئين سر تعمير ڪرايو ان ڪري مٿس اهو نالو پيو.
س: ڪلان ڪوٽ مٿان طغرل آباد نالو ڇو پيو؟
ج: طغرل دور جي هڪ امير طغرل بيگ، انهيءَ ڪوٽ جي مرمت ڪرائي ته سندس نالو پڻ هن ڪوٽ سان ڳنڍجي ويو.
س: موجوده وقت ۾ ڪلان ڪوٽ جي ڪهڙي حالت آهي؟
ج: زمين تي سرن جو هڪ ڍير آهي.
س: ڪلان ڪوٽ جي ڊيگهه ڪيتري آهي؟
ج: اٽڪل ٽي ڪلوميٽر.
س: ڪلان ڪوٽ کي ڪيترا برج هئا؟
ج: 58 برج.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ڪلان ڪوٽ جي هر هڪ برج جي ڊيگهه ۽ ويڪر ڪيتري هئي؟
ج: ڊيگهه ويهه فوٽ ۽ ويڪر به ويهه فوٽ.

## ڪوٽ ڏجي قلعو

س: "اڙي چاڙهيوس ڪوٽ تي!" اهو محاورو ڪهڙي ڪوٽ لاءِ آهي؟
ج: ڪوٽ ڏجي لاءِ.
س: اهو حڪم شروعات ڪنهن جي طرفان هوندو هو جو پوءِ محاورو بڻجي پيو؟
ج: خيرپور جي ٽالپور حڪمرانن طرفان ڪنهن ڏوهيءَ جي سزا ڏيڻ لاءِ.
س: ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو ڪنهن اڏايو؟
ج: ٽالپور حڪمران مير سهراب خان.
س: ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو ڪٿي واقع آهي؟
ج: خيرپور ميرس جي شهر کان ڏکڻ طرف 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي.
س: ڪوٽ ڏجي قلعو ڇا سان تعمير ٿيل آهي؟
ج: پڪين سرن سان.
س: ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو ڪنهن جي مٿان ٺهيل آهي؟
ج: ننڍين ننڍين ٽڪرين مٿان.
س: هن ڪوٽ تي ڪيتريون توبون رکيل هونديون هيون؟
ج: اٽڪل هڪ سئو.
س: ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي کي گهڻا دروازا آهن؟
ج: ٽي دروازا آهن.
س: ڪوٽ ڏجي جي قلعي اندر لشڪر، حڪمرانن ۽ ميرن کانسواءِ ٻيو ڪير هوندا هئا؟
ج: ڏوهي ماڻهو جن کي سزا ڏيئي ڪوٽ جي مٿان چاڙهيو ويندو هو.
س: ڪوٽڏجيءَ جي قلعي پرسان ڪيترا پراڻا آثار ڪوٽي لڌا ويا آهن؟
ج: پنج هزار سال.
س: اهي آثار ڪڏهن ڪوٽي لڌا ويا هئا؟
ج: 56 -1955ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هي ڪنڊرات ڊيگهه، ويڪر ۽ بلنديءَ ۾ ڪيترا وڏا آهن؟

ج: هي ڪنڊرات ڊيگهه ۾ ڇهه سو فوٽ، ويڪر ۾ چار سئو فوٽ ۽ زمين کان چاليهه فوٽ بلنديءَ تي آهن.

س: ڪنڊرات گهٽ ۾ گهٽ ڪهڙن حصن ۾ ورهايل آهن؟

ج: آثار ٻن حصن ۾ ورهايل آهن: هڪ حصي ۾ ڪوٽ جي بلند ديوار ۽ ٻئي هيٺاهين حصي ۾ شهر.

س: ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي جي اڏاوت ۾ حصو وٺندڙ ڪي روزانو ڪيترو معاوضو ڏنو ويندو هو؟

ج: هر روز جوئر جي اَن جي هڪ پاٽي.

س: ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي ٺاهڻ لاءِ مزدور ڪٿان ڪان آندا ويا هئا؟

ج: تر جي علائقي منجهان.

س: ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو ڪهڙي سن ۾ ٺهي راس ٿيو؟

ج: 1830ع ۾.

س: قلعي جو نالو پهريائين ڇا رکيو ويو؟

ج: قلعو احمد آباد.

س: ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي جي اوچائي ڪيتري آهي؟

ج: ستر فوٽ.

س: ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي ٺاهڻ ۾ ڪيترو وقت لڳي ويو؟

ج: هن قلعي جي اڏاوت 1803ع کان شروع ٿي ۽ 1830ع تائين مڪمل ٿي. يعني، هي قلعو اٽڪل ستاويهه سالن ۾ جڙي رياس ٿيو..

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب نائون

# سنڌ جا مشهور بندر

بندرگاهہ لفظ جي لغوي معنيٰ آهي، بندر ڪرڻ جي جاءِ. درياهہ يا سمنڊ جي ڪناري تي جهازن ۽ ٻيڙين وغيره جي بيهڻ ۽ ماڻهن، مال وغيره جي لهڻ، چڙهڻ جي جاءِ.

## الهيو بندر

س: هي بندر گاهہ ڪڏهن ۽ ڪٿي واقع هو؟

ج: اورنگ بندر ڪان اٽڪل پنجاهہ سال اڳ آباد ٿي چڪو هو. ٺٽي ضلعي جي جاتي تعلقي ۾ ڪلڪا چاٽي ڪان ارڙهن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ الهيي خواجي جي نالي پويان سڏاتو ويندو هو. هن بندر تان بحرين، مسقط ۽ بمبئيءَ سان سنڌ جو واپار هلندو هو.

## اورماڙ بندر

س: اورماڙ بند ڪٿي واقع هو؟

ج: اورماڙ هن وقت بلوچستان جو تعلقو آهي، جڏهن تہ ان نالي سان پراڻي زماني ۾ جڏهن هي علائقو سنڌ ۾ شامل هو تہ، ان لڳ سمنڊ ڪناري اورماڙ بندر واقع هو ۽ هي وقت جو مصروف ترين بندر هو.

س: هن بندر مان لس ۽ ٻيلي' جي حڪمران ڄام گهراڻي کي سالانہ ڪيتري آمدني ٿيندي هئي؟

ج: سالانہ ڇهہ هزار.

س. يونانين هن بندر تي ڪهڙو نالو رکيو هو؟

ج: باجيرا.

س: هن بندر تان ڪهڙن ملڪن سان واپار هلندو هو؟

ج: مسقط بمبئي ۽ ملبار سان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: هي بندر ڪراچي کان ڪيترو ڏور آهي؟
ج: 240 ڪلوميٽر پنڌ تي، گوادر طرف.

## اورنگا بندر

س: اورنگا بندر کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو هو؟
جواب: عڪرالابندر نالي سان.
س: اورنگا بندر ڪنهن جي نالي تي ٻڌل آهي؟
ج: مشهورمغل شهنشاهہ اورنگزيب عالمگير جي نالي سان.
س: هن بندر ۽ شهر جا دڙا ڪيترن ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهن؟
ج: پنجن ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾.
س: هن بندرگاهہ ذريعي سنڌ جو ڪهڙن ملڪن سان واپار هلندو هو؟
ج: هن بندرگاهہ ذريعي سنڌ جو افغانستان، خراسان، عربستان، ايران، ترڪي، ميسوپوٽيميا، چين ۽ ايشيا توڙي يورپ جي ٻين ملڪن سان واپار هلندو هو.
س: ڊٺل عمارتن منجهان ڇا محسوس ڪجي ٿو؟
ج: شاهي اميرن ۽ وزيرن جون حويليون.
س: اورنگابندر سنڌو درياءَ منجهان نڪرندڙ ڪهڙي واهہ تي آباد هو؟
ج: "سپر پڪا" واهہ تي، جيڪو ضلع ٺٽي ۾ واقع آهي.
س: اورنگا بندر ڪيئن تباهہ ٿيو؟
ج: سنڌو درياءَ جي رخ ڦيرائڻ سان.
س: اورنگا بندر تباهہ ٿيڻ ڪانپوءِ اتان جا ماڻهو ڪيڏانهن لڏي ويا؟
ج: اڪثر شاهہ بندر ڏانهن ۽ ڪجهہ ٻين شهرن ڏانهن، جتي انهن کي سهولتون مليون.
س: اورنگا بندر ڪهڙي ضلعي ۾ واقع آهي؟
ج: ٺٽي ضلعي ۾.

## بن قاسم

س: بن قاسم بندر جو بنياد ڪڏهن ۽ ڪنهن رکيو؟
ج: هن بندر جو بنياد 27 جون 1973ع ۾ پاڪستان جي تڏهوڪي سنڌ چائي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي رکيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: هن بندر جو نالو ڪهڙي خاص مسلمان فاتح جي پوئيان رکيو ويو؟
ج: مسلمان فاتح محمد بن قاسم جي پوئيان، جنهن سنڌ فتح ڪئي.
س: هي بندر ڪٿي واقع آهي؟
ج: هي بندر ڪراچيءَ کان 35 ميل تقريبن 57 ڪلوميٽر ڏور پپري واري علائقي ۾ واقع آهي.
س: هن بندر قائم ڪرڻ جو بنيادي مقصد ڇا هو؟
ج: هن بندر جو بنيادي مقصد پاڪستان اسٽيل مل جي مال جي آمدرفت هو ان ڪري خاص طور تي اسٽيل مل کان بندر گاهه تائين ريل سروس شروع ڪرڻ لاءِ نئين ريل پٽڙي پڻ وڇائي وئي.
س: ڇا هن وقت تائين هن بندر تي فقط اسٽيل مل جي مال جي آمد رفت مخصوص آهي؟
س: بلڪل نه. هن وقت هي بندر پڻ سڄي ملڪ جي درآمدي ۽ برآمدي هر قسم جي سامان لاءِ مصروفِ عمل آهي.

## ڀنڀور جو بندر

س: پراڻو قتل شهر ۽ ڀنڀور جو بندر موجوده ڪراچيءَ کان ڪيترو پري هو؟
ج: 62 ڪلوميٽر سمنڊ رستي ۽ 54 ڪلوميٽر خشڪيءَ رستي.
س: ڀنڀور جي بندر کي يوناني جاگرافيدان ٽالمي ڇا سڏيو آهي؟
ج: بار بري
س: ڀنڀور کي پيريپلس جي لکندڙن ڇا سڏيو آهي؟
ج: باربريڪان.
س: هن شهر جي نالي بابت ڪهڙي روايت آهي؟
ج: هن جو اصل نالو "بن هار" يا "ون هار" يا "ين پور" يعني سج جي ديوتا جو شهر هو جو مقامي طور ڀنڀور سڏجڻ ۾ آيو.
س: بطليموس، جنهن سڀ کان پهرين دنيا جو نقشو ناهيو. تنهن ڀنڀور کي ڇا سڏيو آهي؟
ج: باربريڪ ۽ هن جي چوڻ موجب هي دنيا جي وڏن واپاري مرڪزن مان هڪ هو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

س: ڀنڀور جي پهرين کوٽائي ڪڏهن ڪئي وئي؟
ج: 1930ع ۾.
س: ڀنڀور جي ٻي ۽ ٽين کوٽائي ڪڏهن ڪئي وئي؟
ج: 1951ع ۽ 1958ع ۾.
س: ڀنڀور جي کوٽائيءَ منجهان ڇا مليو آهي؟
ج: هر قسم جا ڪاشيءَ ۽ ٺڪر جا ٿانوَ شهر جي گهرن ۽ گهٽين ۾ انساني جسم جا ڍانچا، سڙيل سرون، رک ۽ ٻيو ڪافي ڪجهه.
س: ڀنڀور شهر جي تباهيءَ متعلق عام طرح ڇا چيو ويندو آهي؟
ج: ڀنڀور جو وسندڙ شهر ڪنهن مظلوم جي پٽ پاراتي ۽ ڌرتيءَ ڌٻڻ ڪري تباهه ٿيو.
س: عام مؤرخن ڀنڀور شهر جي اڏاوت بابت ڇا لکيو آهي؟
ج: ڀنڀور سنڌ جي هڪ هندو راجا ڀنڀوراءِ ٻڌايو هو ان ڪري سندس نالي پٺيان ان جو نالو "ڀنڀور" پيو.

## ديبل بندر

س: ديبل بندر متعلق مورخ ڇا لکن ٿا؟
ج: ديبل ڪڏهن آباد ٿيو ڪنهن آباد ڪيو. مٿس نالو ڪنهن وڌو ۽ ڪيئن سندس نالو پيو ان بابت ڪا چٽي خبر نه پئجي سگهي آهي. باقي ديبل جو نالو پنجين صدي عيسويءَ کان تاريخ جي ورقن تي موجود نظر اچي ٿو.
س: مشهور مؤرخ ابن بلخي ديبل بندر بابت ڇا لکيو آهي؟
ج: شاهه بهرام گور کي سنڌ جي راجا ديبل بندر سندس نياڻيءَ جي ڏاج ۾ ڏنو هو.
س: چچ نامي جي مصنف علي ڪوفي ديبل بابت ڇا ٿو لکي؟
ج: هي بندر راءِ گهراڻي جي حڪومت وقت هڪ وسندڙ آباد ۽ نالي وارو بندر هو ۽ انهيءَ وقت هي ساسانين جي قبضي هيٺ هو.
س: ساسانين جي قبضي کي ڪنهن ختم ڪري، هي بندر سنڌ ۾ شامل ڪري ڇڏيو؟
ج: 622ع ۾ سنڌ جي راجا چچ پٽ سيلائڄ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مشهور مورخ ابن جرير طبري ديبل بابت ڇا لکيو آهي؟
ج: ايراني جهاز سيلان سيرانديپ، ڏانهن واپار لاءِ ديبل بندر وٽان لنگهندا هئا. هڪ ڀيري شاهه بهرام گور ديبل ۾ آيو سنڌ جي راجا سان سڱابندي ڪيائين، راجا ديبل بندر ڪيس نياڻيءَ جي ڏاج ۾ ڏنو. پنڃين صديءَ کان وٺي يارهين صديءَ تائين سنڌ ۾ فقط هڪ ئي سامونڊي بندر هو ۽ اهو ديبل بندر هو.
س: تواريخ منجهان ديبل متعلق ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟
ج: راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ عرب گهراڻي جي دور حڪومت ۾ ديبل بندر عروج تي هو.
س: فتوح البلدان ۾ ديبل بندر بابت ڇا لکيل آهي؟
ج: ديبل بندر سنڌ جو هڪ قديم بندر آهي. هي مشهور بندر مهراڻ درياءَ جي اولاهين ڪپ تي واقع آهي ۽ ديبل سنڌ جو اهو شهر هو جنهن کي محمد بن قاسم سڀ کان پهريائين فتح ڪيو هو.
س: محمد بن قاسم ديبل کي ڪڏهن فتح ڪيو؟
ج: 93هه مطابق 712ع ۾.
س: ديبل بندر جي فتح لاءِ ڪهڙي ڏند ڪٿا مشهور هئي.
ج: مندر مٿان لڳايل جهنڊي کي جيڪو ڪيرائيندو، اهوئي ديبل بندر کي فتح ڪندو.
س: تاريخ يعقوبيءَ جي مصنف ديبل کي ڇا سڏيو آهي.
ج: هڪ وڏي شاندار حڪومت.
س: ابو ريحان البيرونيءَ جي وقت ديبل بندر جي ڪهڙي حالت هئي؟
ج: هي بندر پنهنجو عروج وڃائي چڪو هو.
س: ياقوت حموي ديبل بندر بابت ڇا لکيو آهي؟
ج: ديبل بندر عربي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي، جتي سنڌو درياءَ ڇوڙ ڪري ٿو. هن شهر سان رسول اڪرم ﷺ جن جي حديث جا راوي تعلق رکن ٿا.
س: ديبل جي تباهيءَ بابت مؤرخن جو ڪهڙو رايو آهي؟
ج: 280 هجري ڏاري، 14 شوال، چنڊ جي رات هڪ زبردست زلزلو آيو. چنڊ گرهڻ جي رات هئي، هڪ وڏو طوفاني مينهن آيو ۽ سارو شهر

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هن بندر پرسان ڪهڙي شهر جا آثار مليا آهن؟

ج: ڏاراجا شهر جا.

س: جاڪي بندر متعلق ماهرن جو ڇا رايو آيو؟

ج: هن بندر وٽ هڪ ڊٺل ڪوٽ جا آثار مليا آهن. جن جي کوٽائيءَ بعد ماهرن جي راءِ آهي تہ هتي وڏو شهر هو جيڪو واپاري مرڪز پڻ هو.

س: کوٽائيءَ دوران هتان ڪهڙيون شيون مليون آهن؟

ج: هتان ڪا شيءِ جون سرون، ٽامي جا سڪا مليا آهن. جن تي "محمد شاهہ" جو نالو اُڪريل آهي. جڏهن تہ هتي، شيشو جنڊيءَ جا ٽڪر، چوڙيون ۽ سونا زيور بہ ملن ٿا تہ هتان ٺڪر جي هڪ مورتي بہ ملي آهي.

س: جاڪي بندر لڳ جنهن ڪوٽ جا آثار مليا آهن، ان جي پکيڙ ڪيتري ٻڌائي وڃي ٿي؟

ج: 2580 چورس وال.

س: کوٽائي بعد لڌل چينيءَ جي ٿانون تي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا اکر لکيل مليا آهن؟

ج: چيني ٻوليءَ جا ـ جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن بندر رستي چين سان بہ واپار هلندڙ هو.

## علي بندر

س: علي بندر ڪٿي واقع آهي.

ج: ٿر جي علائقي ۾، ڳاڙهي پڙي جي ڪنڌرن جي اولهہ طرف تعلقي ڏيپلي، ضلع ٿرپارڪر ۾ واقع آهي.

س: آباد هجڻ دوران هن بندر جي جاءِ وقوع بيان ڪريو؟

ج: هي بندر پراڻ ۽ هاڪڙي درياهہ جي ميلاپ واري هنڌ آباد هو.

س: موجوده وقت ۾ علي بندر ڏانهن ڪهڙو رستو وڃي ٿو؟

ج: ڪوسڪي شگر مل کان ننڊو شهر کان لنواري شريف کان ڪيڻ شهر کان علي بندر.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: هن بندر تي رهمڪي بازار نالو ڪيئن پيو؟
ج: هن بند وٽ درياهي رستن کان ٻاهران ايندڙ مال تي واپارين کان محصول وصول ڪيو ويندو هو. اتي واپارين جي حفاظت لاءِ چونڪي قائم ڪيل هئي. حفاظت جي جوڳي بندوبست سبب هت واپاري ڏي وٽ ۾ نمايان واڌارو آيو ۽ ان لاءِ هڪ بازار وجود ۾ آئي، جنهن جو نالو رهمڪي رکيو ويو ۽ ان بازار تي اهو نالو پئجي ويو ۽ ان طرح هن بندر تي نالوئي رهمڪي بازار بندر پئجي ويو.
س: هن بندر تي محصول ڪهڙي دور ۾ وصول ڪيو ويندو هو؟
ج: سومرن جي دور ۾.
س: رهمڪي بندر جي اوج بابت ڇا ٿا ڄاڻو؟
ج: رهمڪي بندر پنهنجي اوج دوران هڪ وڏو تجارتي مرڪز هو. جتي سامونڊي ۽ درياهي رستي ڪيترائي ٻيڙا ۽ جاهز لنگر انداز ٿيندا هئا. سنڌ ۽ ڪڇ جو وڻ واپار هن بندر وسيلي قائم هو. بلڪ سنڌ ۽ ڪڇ وچ ۾ خشڪي رستي واپار جو مرڪز پڻ رهمڪي بازار هو.
س: هن بندر جو اوج ڪيستائين قائم رهيو؟
ج: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾ درياءَ پنهنجو رخ بدلايو ته پراڻ جو وهڪرو بند ٿي ويو ۽ هي بندر زوال پذير ٿي ويو.

## شاهه بندر

س: شاهه بندر ڪٿي واقع آهي؟
ج: ٺٽي ضلعي ۾.
س: موجوده وقت ۾ شاهه بندر جي ڪهڙي اهميت آهي؟
ج: هيءَ تعلقي ۽ سب ڊويزن جو هيڊڪوارٽر آهي.
س: مرزا قليچ بيگ جي چوڻ مطابق شاهه بندر ڪنهن ٻڌايو ۽ ان کي آباد ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيائين؟
ج: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، اورنگا بندر جا سڀ ماڻهو لڏائي شاهه بندر ۾ آباد ڪيائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: چوڙا ڇا مان ٺهيل هوندا آهن ۽ ان جي شڪل صورت ڪيئن هوندي آهي؟
ج: ڪکن ۽ ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن ۽ چوڙي جي شڪل گول ماناري يا پڪيءَ جي آڪيري جهڙي ٿئي ٿي.
س: ٿر ۾ جيڪڏهن ڪنهن سال برسات نہ پوندي آهي، تہ ٿر جي حالت ڪهڙي ٿيندي آهي؟
ج: ٿر ۾ ڏڪار پوندو آهي. ماڻهو ۽ مال بکن ۾ پاهہ ٿي ويندا آهن.
س: ٿر جو علائقو سنڌ جي ڪهڙي پاسي واقع آهي؟
ج: سنڌ جي ڏکڻ اوڀر جي ڪنڊ تي واقع آهي.
س: ٿرجو علائقو سنڌ جي ڪيتريءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي؟
ج: 21000 چورس ميلن ۾.
س: موجوده وقت ٿر جي آبادي اٽڪل ڪيتري ٿيندي؟
ج: اٽڪل 20 لک جي لڳ ڀڳ
س: پراڻيون روايتون ٿر جي علائقي متعلق ڪهڙيون آهن؟
ج: ٿر هزارين سال اڳ سمنڊ جو حصو هو. يعني هتي سمنڊ ئي سمنڊ هو.
س: ٿر جي پراڻن آثارن منجهان ڪهڙو پتو پوي ٿو؟
ج: هتان سنڌ رستي دنيا جي وڏن ملڪن سان وڻج واپار هلندا هئا.
س: ٿرجي پراڻن شهرن جا نالا ڪهڙا آهن؟
ج: آمراڻو هميراڻو پاري نگر، پٽڻ، دنگر، وڳهہ ڪوٽ، ڪيرتي، نهتو ڪن ليهور، پاتالبندر، وڃوٽو ويرا واهہ، ڏوتڙ، ڀلهياري، راهمڪي بازار، ڀوڏيسر، سيگاريو ۽ ڪڏي وغيره ٿر جا مشهور شهر هئا.
س: قديم آثارن منجهان ٿر واري علائقي تي ڪهڙن ڪهڙن گهراڻن جي حڪومت ڪرڻ جو پتو پوي ٿو؟
ج: قديم آثارن مان، هن خطي تي راءِ گهراڻو برهمڻ گهراڻو پرمار گهڙاڻو مڪواڻا گهراڻو سومرن، سوڍن، راڻن، رانوڙن، سمن، داسڙن، مهتن، ارباب نهڙين، ڪلهوڙن، ٽالپورن ۽ انگريزن جي حڪومت، هجڻ جو پتو پوي ٿو.
س: ٿرجي سرزمين تي دنيا جا ڪهڙا مشهور فاتح آيا؟
ج: سڪندر اعظم، سلطان محمود غزنوي، سلطان محمود بيگڙو علاؤالدين خلجي، نصير الدين همايون، نادر شاهہ افشار ۽ مدد خان پٺاڻ وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انگريزسان کهڙي ٿري سنڌي جوڌي جنگ جوٽي ۽ شهادت ماڻي؟
ج: روپلو ڪولهي.
س: ٿرجي علائقي جا موجوده وقت ۾ مکيہ شهر ڪهڙا آهن؟
ج: مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو، ننگرپارڪر، عمرڪوٽ، نارو، پٿورو، ڇور، گوگاسر، نئون ڪوٽ، ڇيلهار، ڏيرو محبت ۽ اسلام ڪوٽ.
س: ٿرجي علائقي کي جيڪو درياءَ آباد ڪندو هو ان جو نالو ڇا هو؟
ج: هاڪڙو درياءُ، جنهن کي سرسوتي، گهاگهرو، ڀهندو، سنڪارا، وهندو، ريتي، نارو ۽ مهراڻي جي نالي سان بہ سڏيو ٿي ويو.
س: هن وقت انهيءَ درياءَ کي ڇا چيو وڃي ٿو؟
ج: هندستان جو گم ٿيل درياءُ.
س: هاڪڙي درياءَ جي عروج وقت ٿر جا مکيہ بندر ڪهڙا هئا؟
ج: نهوتو، ويرا واهہ، رهمڪي بازار، پاري نگر ۽ ڪيت.
س: هاڪڙو درياهہ سنڌو درياهہ کان ڪيتري مفاصلي تي وهندو هو؟
ج: هي درياءَ، سنڌوءَ کان ويهن کان ستر ميل پري وهندو هو.
س: ٿرجي علائقي کي سڀ کان وڌيڪ تخت گاهہ ڪهڙن ڪهڙن گهراڻن بڻايو؟
ج: عربن، سومرن، سمن ۽ ٽالپر حڪمرانن.
س: ٿرجي علائقي ۾ اڪثر گهر ڪهڙي نموني جا ٺاهيا ويندا آهن؟
ج: ٿري ماڻهو اڪثر گهر چؤنرن جي صورت ۾ ٺاهيندا آهن.
س: ٿرجي علائقي ۾ ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون؟
ج: سنڌي ڍاٽڪي، گجراتي، مارواڙي، پارڪري ۽ ڪڇي.
س: ٿرجي ماڻهن جو عام گذر ڇا تي آهي؟
ج: مال ڌارڻ ۽ وسڪاري بعد پوکيءَ تي.
س: ٿرئي ڪهڙي نالي سان مشهور آهي؟
ج: مارئيءَ پنهنجي وطن ٿر ۽ ٿر ڄاون کي عمرڪوٽ جي قيد ۾ سارينديءَ هئي، قيد وارا ڏينهن ڪٽڻ ڪري ٿر کي مارئي جو ملڪ بہ سڏيو وڃي ٿو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب يارهون

# سنڌ جا مشهور دڙا

### موهن جو دڙو (سنڌ جي تهذيبي سڃاڻپ)

س: موهن جو دڙو ڪٿي واقع آهي؟

ج: لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري تعلقي ۾.

س: موهن جي دڙي جي کڏهن ۽ ڪنهن جي نگرانيءَ ۾ کوٽائي ڪئي وئي؟

ج: 1923ع ۾ سرجان مارشل جي نگرانيءَ ۾.

س: "آثار قديمه" جو کاتو ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور ۾ قائم ڪيو ويو؟

ج: انگريز دور ۾ 1908ع ۾ ادارو "آثار قديمه هندستان" قائم ڪيو ويو. جنهن بعد هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ آثارن جي ڳولا شروع ٿي.

س: ابتدائي طور موهن جي دڙي جي آثارن بابت سڌ ڪيئن پئي؟

ج: 1922ع ۾ لاڙڪاڻي کان ڪجهه ميل پري هڪ رستي تي اسٽوپا (ٿلهه) پرسان ڪشان گهراڻي جي راجا واسديو جا ڪجهه سڪا مليا. پوءِ ان ماڳ تان هڪ مهر ملي، جا هوبهو "تصويري رسم الخط" سان ملي ٿي، جيڪا 1856ع ۾ سرايليگزينڊر ڪنگهم لڌي هئي، ان بعد هن ماڳ کي خاص اهميت ڏني وئي.

س: موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان اڳ سنڌ جي ماڻهن متعلق ڇا سمجهيو ويندو هو؟

ج: هتان جا ماڻهوءَ اڻ سڌريل يا جهنگلي هئا.

س: موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ منجهان سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت ڇا معلوم ٿئي ٿو؟

ج: اڄ کان 5 هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو سڌريل ۽ تعليم يافته هئا ۽ سندن رهڻي ڪهڻي تهذيب يافته هئي، سندن گهرن جي تعميرات ۽ شهري رٿابندي جديد تقاضائن مطابق هئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: موهن جي دڙي منجهان اڏاوت بابت ڪهڙو پتو پوي ٿو؟
ج: هتي (سنڌ) جون جايون پڪيون، رستا ويڪرا ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون عام جام هيون. هتان جا ماڻهو صفائيءَ کي بيحد پسند ڪندڙ هئا ۽ سنڌ جي تهذيب بابل، مصر ۽ ايران جي تهذيب کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نہ هئي.
س: موهن جي دڙي مان ڪهڙي قسم جا ٽانوَ مليا آهن؟
ج: مٽي جا ٺهيل ۽ ان ڪانسواءِ ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانوَ پڻ مليا آهن.
س: موهن جي دڙي جي ماڻهن کي سنگ تراشيءَ جي فن بابت ڪهڙي ڄاڻ هئي؟
ج: کوٽائي مان مليل (11) پتلن مان، جن ۾ ٽي جانورن جا چار ماڻهن جا مليا آهن. ناچڻي جي ڪٽ جي پتلي ۽ پروهت جي لڏل پتلي مان پتو پوي ٿو تہ هنن جو سنگ تراشيءَ جي فن تي اوج حاصل هو.
س: موهن جي دڙي کي ماڻهن جا دنيا جي ڪهڙن ملڪن سان واپاري تعلقات هئا؟
ج: هتان جي ماڻهن جا هندستان، ايران، سمير، خراسان، ڪاٺياواڙ ۽ ڪشمير سان واپاري لاڳاپا هئا.
س: ان دور جي مذهب بابت ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟
ج: بت پرستي، وڻن جي پوڄا، جانورن جي پوڄا کان سواءِ ٻيا اوائلي عقيدا موجود هئا.
س: موهن جو دڙي وارو شهر ڪڏهن تباهہ ٿيو؟
ج: اٽڪل 5 هزار سال اڳ.
س: موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪنهن ۽ ڪڏهن ڪرائي؟
ج: جان مارشل، 1923ع ۾.

## ڪاهوءَ جو دڙو

س: ڪاهوءَ جو دڙو ڪٿي واقع آهي؟
ج: ميرپورخاص ضلعي ۾.
س: ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائي ڪنهن ڪرائي؟
ج: جنرل جان جيڪب.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪاھوءَ جو ڏڙو ڪيتريءَ ايراضيءَ تي پکڙيل آھي؟
ج: اٽڪل 30 ايڪڙ زمين تي.
س: چانھوءَ جو ڏڙو ڪٿي آھي؟
ج: نوابشاھ ضلعي ۾.
س: چانھوءَ جي ڏڙي جي کوٽائي ڪڏھن ڪرائي وئي؟
ج: 1936ع ڌاري.

## جھڪر جو ڏڙو

س: جھڪر جو ڏڙو ڪٿي واقع آھي؟
ج: لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اولھ طرف.
س: جھڪر ڪير ھو؟
ج: ھڪ ھندو راجا.
س: جھڪر جو ڏڙو لاڙڪاڻي شھر کان ڪيترو پري آھي؟
ج: اٽڪل 10 ڪلوميٽر.
س: جھڪر جو ڏڙو لاڙڪاڻي شھر کان ڪھڙي طرف آھي؟
ج: اولھ طرف.
س: جھڪر جو ڏڙو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪھڙي مشھور ڳوٺ جي رستي تي واقع آھي؟
ج: وڳڻ ڳوٺ ڏانھن ويندڙ رستي تي.
س: جھڪر جي ڏڙي کي ڪيترن حصن ۾ ورھائي سگھجي ٿو؟
ج: ٻن حصن ۾.
س: انھن ٻنھي حصن ۾ ڪيتري گھاري آھي؟
ج: 300 فوٽ.
س: ٻنھي منجھان اتاھون ڏڙو ڪيترا فوٽ اوچو آھي؟
ج: 63 فوٽ.
س: ھيٺ ڏڙو ڪيترا فوٽ اوچو آھي؟
ج: 17 فوٽ.
س: اتاھين ڏڙي کي ڪيترا دروازا آھن؟
ج: چار.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: جهڪر جي دڙي جي بيهڪ ٻڌايو؟
ج: ننڍڙي قلعي جهڙي آهي ۽ دڙو شڪل ۽ صورت ۾ گول نظر اچي ٿو.
س: جهڪر جي دڙي جي اوپر واري طرف ڇا ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟
ج: مسلمانن جا مقبرا، جيڪي ويجهي دور سان واسطو رکندڙ معلوم ٿين ٿا.
س: جهڪر جي دڙي جي کڏهن کوٽائي ڪئي وئي هئي؟
ج: 1921ع ۾.
س: جهڪر جي دڙي منجهان ڪهڙيون شيون لڌيون ويون آهن؟
ج: هر قسم جا سڪا، سرون، لوهه جا اوزار ۽ هٿيار، ڪاشيءَ ۽ ٺڪر جا ٿانوَ ۽ ٻيون هر قسم جون شيون وغيره.

## آمريءَ جو دڙو

س: آمريءَ جو دڙو ڪٿي واقع آهي؟
ج: سيوهڻ کان 28 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ سنڌو درياءَ جي ساڄي طرف.
س: مشهور انگريز مؤرخ برنس، آمريءَ جو دڙو ڪڏهن ڏٺو هو؟
ج: 1834ع ۾.
س: آمريءَ لاءِ ڇا چيو وڃي ٿو؟
ج: ڪڏهن هي وڏو شهر هو ۽ راجائن جي رهڻ جو دلپسند ماڳ هو.
س: آمري شهر جي تباهيءَ لاءِ ڇا چيو وڃي ٿو؟
ج: سنڌو درياءَ جي اُٿل (ٻوڏ) ڪري تباهه ٿيو.
س: آمريءَ جي دڙي جي اوچائي ڪيتري ٿيندي؟
ج: زمين جي مٿاڇري کان 40 فوٽ.
س: آمريءَ جي دڙي لاءِ ڪهڙيون زباني ۽ افسانوي روايتون آهن؟
ج: ڪنهن پراڻي دور ۾ هڪ راجا اچي داخل ٿيو ۽ پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو ته گهوڙن جي لڏ کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري رکو ۽ پوءِ انهيءَ لڏ منجهان آمريءَ جو دڙو ٺهي ويو.
س: آمريءَ جي دڙي جي پرسان جيڪي مقبرا آهن، اهي ڪهڙي دور سان واسطو رکن ٿا؟
ج: تازي دور سان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


## متفرق دڙا

1. داسرن جو دڙو: صالح پٽ ريلوي اسٽيشن کان ٽي ڪلوميٽر اولهه طرف واقع آهي.
2. حسن باغبان جو دڙو: ساماري شهر ۾ مين روڊ جي وچ تي.
3. ٽيھين جو دڙو: ساماري شهر کان اتر طرف.
4. سون پريءَ جو دڙو: ٽر واهه جي ڪرناموريءَ جي اوپر طرف.
5. امراڻوءَ جو دڙو: عمرڪوٽ کان پنج ڪلوميٽر اتر طرف.
6. خانپور جا دڙا: صالح پٽ ريلوي اسٽيشن لڳ.
7. چتروءَ جو دڙو: آريڙو جي لڳ اروڙ کان پنجويهه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي.
8. هاڪڙا دڙو: روهڙيءَ کان اٽڪل 6 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي.
9. ونجهڙ وٽ يا ونجڙ وٽ جو دڙو: اوٻاوڙي تعلقي ۾ ريتي ريلوي اسٽيشن کان 12 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، 7 ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي.
10. مئو مبارڪ جو دڙو: رحيم يار خان کان 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي. هي قلعو راءِ سهاسيءَ جي ڇهن قلعن منجهان هو. راءِ هنس ڪروڙ پنهنجي ماءُ جي رهڻ لاءِ ٺهرايو هو جيڪو حضرت عيسيٰ عليه السلام جو همعصر هو. هاڪڙو درياءُ هن جي پرسان وهندو هو.
11. سروهي يا سيوراهيءَ جو دڙو: صادق آباد تعلقي ۾ هي به راءِ سهاسيءَ جي ڇهن قلعن منجهان هڪ هو.
12. ماٿيلو جو دڙو: گهوٽڪي شهر کان ڏکڻ اوير ۾، 15 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. هي قلعو به راءِ سهاسيءَ جي ڏينهن ۾ تعمير ٿيو هو ۽ هاڻي دڙي جي صورت ۾ موجود آهي. هي قلعو شاهه حسن ارغون ڍهرايو هو جڏهن هي ملتان کان بکر ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ هاڻي دڙي جي صورت ۾ موجود آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب ٻارهون

# سنڌي ادب ۽ ٻولي

س: سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت ماهرن جي حتمي راءِ ڇا آهي؟

ج: سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد بابت وجوده دور جي ماهرن جي حتمي راءِ هيءَ آهي تہ: سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ کتل آهن، ۽ اڄ جي دور ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد سنڌوماٿريءَ واري ان قديم ٻوليءَ مان آهي، جيڪا قديم زماني ۾ هتان جا ماڻهو پنهنجي روزمره جي ڪاروهنوار، اُٿڻي وهڻي ۽ ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ ڪتب آڻيندا هئا ۽ سنڌي ٻولي هن سرزمين جي ايندڙ لاهن چاڙهن سان گڏ اُسري ۽ اُپري ۽ وڏي ويجهي آهي.

س: سنڌي ٻولي بابت ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن جا ڪهڙا نظريا آهن؟

ج: سنڌي ٻوليءَ بابت پهريون نظريو جنهن جو محرڪ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ آهي، جنهن نظريي سان ٿوري گهڻي فرق سان ڏيهي ماهرن، جهڙوڪ: مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪشنچند جيٽلي پڻ سهمت رهيا آهن. ان نظريي موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پراڪرت، پالي، شؤرسيني، اپڀرنش ۽ ان مان واريڊا ڀيرنش معرفت ٻارهين عيسوي صديءَ ڌاري هاڻوڪي صورت اختيار ڪئي. اصل مطلب تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل آهي.

جڏهن تہ ٻوليءَ بابت ٻئي نظريو اسان جي نامور ڏيهي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي آخري حتمي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ کي "سامي صفت" ٻولين مان قرار ڏيندي لکي ٿو تہ "سنڌ جو هي قديم تمدن هڪ قسم جو غير آريائي تمدن آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌي تمدن جي ٻولي بہ ڪا غير آريائي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



يا ”سامي صفت“ زبان هئي، جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبانن منجهان هئي. انهي جا مسخ شده نشان موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۾ موجود آهن.

جڏهن تہ سراج ميمڻ ”سنڌي ٻولي“ نالي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو ۽ هي نظريو قائم ڪيو تہ ”سنڌي ٻولي تہ پنهنجي اصلي متيءَ مان ڦوهجي نڪتي آهي، پر مشرق توڙي مغرب جي تهذيبن ۽ ٻولين جو بہ اصل مقام ۽ بنياد سنڌو ماٿر آهي.“

س: عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سنڌ ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي؟

ج: سنڌي ٻولي.

س: مٿيون احوال ڇا مان معلوم ٿئي ٿو؟

ج: عرب سياحن جي سفرنامن منجهان.

س: عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ سنڌ جي سرڪاري زبان ڪنهن کي بنايو ويو؟

ج: عربي زبان کي.

س: قرآن مجيد جو سڀ کان پهرين ترجمو ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ ۽ ڪڏهن ٿيو؟

ج: سنڌي ٻوليءَ ۾، عبدالله بن عمر هباريءَ جي دور ۾.

س: عبدالله بن عمر هباريءَ جو دور ڪهڙي دور سان تعلق رکي ٿو؟

ج: عربن جي دور سان.

س: سر هينري ڪزنس سنڌي علم ادب متعلق عربن جي دور بابت ڪهڙي راءِ ٿو رکي؟

ج: سر هينري ڪزنس موجب: عربن جي اچڻ بعد سنڌ جي علم ادب کي ويدڪ ۽ هندو ڌرم جو سرمايو قرار ڏئي تاراج ڪيو ۽ سڄو سنڌي علم ۽ ادب برباد ڪيو ويو.

س: عربن کانپوءِ سنڌ ۾ ڪنهن جو دور شروع ٿئي ٿو؟

ج: سومرن جو دور.

س: سومرن جي دور کي سنڌي ادب ۾ ڪهڙو درجو مليل آهي؟

ج: هن دور کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ سجاڳيءَ ۽ ترقيءَ جو دور سڏيو وڃي ٿو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سومرن جي دور ۾ اسلامي تبليغ لاءِ ڪهڙيءَ ٻوليءَ کي ذريعو بڻايو ويو؟
ج: سنڌي ٻوليءَ کي.
س: سومرن جي دور کي ٻيو ڪهڙي نالي سان سڏيو وڃي ٿو؟
ج: سنڌي ڪلاسيڪي ادب جو بنيادي دور.
س: سومرن جي دور ۾ سنڌي تمثيلي قصا ڪهڙيءَ صنف ۾ لکيا ويندا هئا؟
ج: شعري صنفن ۾.
س: سنڌ جا ڪهڙا رومانوي داستان، سومرن جي دور سان تعلق رکن ٿا؟
ج: سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار، سيف الملوڪ، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ مورڙو مانگر مڇ.
س: مٿين رومانوي داستانن کانسواءِ سومرن جي دور جا ڪهڙا نيم عشقيه داستان ڳايا ويا آهن ۽ جيڪي ايترو مشهور نه ٿيا؟
ج: مل محمود ۽ مهر نگار، ڏمڻ سونارو، خدا دوست ۽ محمود غزنوي.
س: سومر جي دوَر ۾ ڪهڙا رزميه داستان مشهور ٿيا؟
ج: سومرن ۽ گُجرن جون جنگيون، دودي ۽ چنيسر جي جنگ، چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ.
س: رزميه داستان سنڌ ۾ ڪيئن محفوظ رهيا؟
ج: ڀٽن، ڀانن ۽ چارڻن جي ذريعي، جن داستانن کي ڳايو.
س: ڀٽن، ڀانن ۽ چارڻن ڪهڙي طريقي سان داستانن کي محفوظ رکيو؟
ج: حافظي يا يادگيري سان محفوظ رکي ۽ ماڻهن کي بيتن جي صورت ۾ ڳائي ٻڌائي عام ڪيو.
س: مٿين بيتن کي ڪهڙي نالي سان سڏيو وڃي ٿو؟
ج: "ڳاهه" جي نالي سان.
س: "ڳاهه" ڪهڙي شڪل ۾ ڳايا ويا آهن؟
ج: دوهيڙي جي شڪل ۾.
س: مٿين بيتن ۾ عشقيه ۽ رزميه داستانن کانسواءِ سنڌ جو ٻيو ڪهڙو سرمايو مليو ٿو؟
ج: سنڌ جي ثقافت، ادب، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو سرمايو.
س: انهيءَ دور جو ڀٽن ۽ چارڻن ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور چارڻ ڪهڙو هو؟
ج: سمنگ چارڻ، 1050ع ـ 950ع وارو دور.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سومرن جي دور ۾ ڪهڙا بيت ملن ٿا؟
ج: واقعاتي بيت.
س: سومرن جي دور جا ڪهڙا واقعاتي بيت ملن ٿا؟
ج: بکر جي رضوي سيدن جا بيت. سنڌي بيت ۽ پير پٺي جا بيت.
س: واقعاتي بيتن کانسواءِ سنڌ ۾ ٻئي ڪهڙي ادب ترقي ڪئي؟
ج: مذهبي شاعريءَ ۽ گنان.
س: سومرن جي دور ۾ ڪهڙين مذهبي تحريڪن زور ورتو؟
ج: قادري، سهروردي ۽ اسماعيل مذهبي تحريڪن.
س: "ڳاهن" کانسواءِ سنڌي ادب جي ٻيءَ ڪهڙيءَ صنف ترقي ڪئي؟
ج: ڳيچ.
س: ڳيچ کي لاڙ ۾ ٻيو ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟
ج: 'ڳاج' ۽ 'ڳاڄ' جي نالي سان.
س: ڳيچ کي اتر سنڌ ۾ ڪهڙي نالي سان سڏيو ويجي ٿو؟
ج: سهرو.
س: مٿين صنفن کانسواءِ سومرن جي دور ۾ ٻيا ڪهڙيءَ صنف جا بيت ملن ٿا؟
ج: مدح (ساراهه) ۽ هجويہ (ملامت) وارا بيت.
س: اسماعيلي مبلغن جا چيل "گنان" ڪهڙي نوعيت جا ملن ٿا؟
ج: اهي گنان، وائيءَ يا شروعاتي نوعيت جي ڪافيءَ جي نشاندهي ڪن ٿا.
س: سومرن کانپوءِ سنڌ ۾ ڪنهن جي حڪومت قائم ٿي؟
ج: سمن جي.
س: سمن جي دور کي سنڌي ادب جو ڪهڙو دور سڏجي ٿو؟
ج: سونهري دور.
س: سمن جي دوري حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جون حدون ڪيستائين وڌي ويون؟
ج: ڪاٺياواڙ، گجرات، ماناوادر، راج ڪوٽ، جام ننگر، ڪڇ، قلات، سبي، ڪڇي، پاڳناڙي، لس ٻيلو مڪران، پسني، ٻهاولپور ۽ ملتان وغيره تائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سمن جي دور جا ڪهڙا اڳڪتيءَ وارا سنڌي بيت مشهور آهن؟
ج: ماموئي فقيرن جا بيت.
س: اهي بيت ڪيترن درويشن چيا؟
ج: ستن درويشن، جيڪي سيلاني هئا.
س: انهن سنڌي بيتن جو ڪجهه نمونو ٻڌايو؟
ج: ـ هاڪ وهندو هاڪڙو ٻجندي ٻنڌاروڙو
ٻهه ميچي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي
ـ وسي وسي آر، جڏهن ويجي ڦٽندو
تڏهن ٻارو چاڙو ٻار، پنجين دمين وڪبو.
ـ ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو ڪندو ڇهه پهر،
مرمچي ماري، سُک وسندي سنڌڙي
ـ نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر ڪئون ايندا،
گهاگهريون گسن تي، ورهائي ويندا.
س: مٿين بيتن کي ڇا چيو ويجي ٿو؟
ج: ماموئن جا بيت يا ماموئن جون پيشنگويون.
س: ماموئي بيتن کانسواءِ سمن جي دور جو سنڌي ادب جو ٻيو ڪهڙو
ذخيرو ملي ٿو؟
ج: جنگي رجز يا نعرو، دعائيه فقرو، چوهڙ شاهه جي مجسلن جا بيت،
مخدوم احمد ڀٽيءَ جا چيل سنڌي بيت وغيره.
س: سمن جي دور سان تعلق رکندڙ ڪهڙن سنڌي شاعرن جا نالا ملن ٿا؟
ج: شيخ حماد جمالي، نوح هوٿياڻي، اسحاق آهنگر، اسحاق لوهر،
راڄو ستيو دل، شيخ پراڙيءِ قاضي قادن وغيره.
س: اسان کي سمن جي دور جي ڪهڙي شاعر جو ڪلام قلمي صورت
۾ ملي ٿو؟
ج: قاضي قادن جو.
س: قاضي قادن جي ڪلام کي سنڌي ادب ۾ ڪهڙو مقام حاصل آهي؟
ج: سنڌي ادب جو پهريون مڪمل قلمي نسخو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: قاضي قادن جو ڪلام ڪهڙي سنڌي اديب ڪي ۽ ڪٿان هٿ آيو؟
ج: هيري ٺڪر کي، هندستان جي هرياڻه ڳوٺ منجهان.
س: سمن جي دور ۾ شاعرن ڪانسواءِ سنڌي ادب کي ڪنهن زور وٺرايو؟
ج: ڀٽن ۽ چارڻن.
س: سمن جي دور ۾ سنڌي دوهو ڪٿي پهتو؟
ج: هن دور ۾ سنڌي دوهو فني ۽ سٽا جي لحاظ کان تڪميل تي پهتو.
س: سمن جي دور ۾ سنڌي ادب ۾ ٻيو ڪهڙو واڌارو ٿيو؟
ج: تمثيلي شعر جو پختو پايو پيو. جنهن ۾ عشقيه، تصوف ۽ روحانيت بابت بيت چيا ويا. نظم ڪانسواءِ نثر ۾ به سمن سردارن جي سخاوت ۽ بهادريءَ جا داستان لکيا ويا. الف اشباح واري قافيي جو بنياد به هن دور ۾ پيو.
س: سمن ڪانپوءِ سنڌ ۾ ڪهڙي گهراڻي جو راڄ قائم ٿيو؟
ج: ارغونن جو.
س: ارغونن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ادب جو ڪهڙو حال هو؟
ج: ارغونن سنڌ سان هر طرح جا ظلم روا رکيا. جنهن ڪري امن سان گڏ سنڌ جو علم ۽ ادب به تباهه ٿي ويو هنن جي ظلمن کان تنگ ٿي، سنڌ جا عالم ۽ فاضل هجرت ڪري عربستان ۽ گجرات ڏانهن هليا ويا.
س: ارغونن جي مادري زبان ڪهڙي هئي ۽ هنن ڪهڙي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ زور وٺرايو؟
ج: ارغونن جي مادري زبان فارسي هئي ۽ هنن فارسي ٻوليءَ کي ئي سنڌ ۾ زور وٺرايو.
س: فارسيءَ جي مروج ٿيڻ ڪري سنڌ ۾ ڪهڙا بلند پائي جا فارسي شاعر پيدا ٿيا؟
ج: مولانا مير يوسف، غروري، غيوري، ڪليچ حيدر، مير معصوم بکري، مرزا غازي بيگ، طالب آملي ۽ امير ابوالمڪارم ٺٽوي وغيره.
س: ارغونن جي دور ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن ڪهڙو ڪم سرانجام ڏنو؟
ج: جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ڌارين جي حاڪميت هئي، تنهن هوندي به سنڌي اديبن ۽ شاعرن پنهنجو ڪم جاري رکيو ۽ انهن پنهنجي مادري زبان ۾ شاعري ڪئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ارغونن جي دور جي ڪهڙن مشهور سنڌي اديبن، عالمن ۽ شاعرن جا نالا ملن ٿا؟

ج: شيخ لاڏ جيو، مخدوم پير محمد لڪوي، مخدوم قاضي عثمان درٻيلائي، مخدوم ونهيو چانهيو، مخدوم عثمان اگهمي، مخدوم نوحؒ هالائي، سيد ابوبڪر لڪياري، شاهه خير الدينؒ، سيد شاهه ڪريمؒ بلڙي وارو، محمد رضا، سيد علي ثاني ٺٽوي، درس علاؤالدين سومرو، عثمان احساني لڪوي، شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت رضوي، فاضل بکري، سيد هارون، دادو ديال ۽ فقير پراٽناٿ وغيره.

س: شاهه ڪريمؒ بلڙيءَ جي ولادت ۽ وفات ڪڏهن ٿي؟

ج: 1537ع 1622ع.

س: شاهه ڪريمؒ بلڙي ۽ سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو هو؟

ج: شاهه عبدالڪريم، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پڙ ڏاڏو هو.

س: شاهه ڪريم بلڙي واري کي سنڌ جا سجاڻ ڇا سڏيندا آهن؟

ج: سنڌي ادب جو چاسر، سنڌي زبان جو وهائو تارو ۽ شاهه لطيف جو مبشر.

س: سنڌي ادب ۾ شاهه ڪريمؒ بلڙي واري جو ڪهڙو مقام آهي؟

ج: قديم سنڌي شاعرن ۾ هي پهريون شاعر آهي، جنهن جو سيني ڪان گهڻو شعر مليو آهي.

س: شاهه ڪريمؒ بلڙيءَ واري جا ڪيترا بيت سندس ڪاتب "بيان العارفين" منجهان مليا آهن؟

ج: 92 بيت.

س: شاهه ڪريمؒ بلڙي وارو ڪنهن جو مريد هو؟

ج: مخدوم نوحؒ هالائيءَ جو.

س: شاهه ڪريمؒ ڪانپوءِ ٻيو ڪهڙو ارغونن جي دور جو مشهور شاعر آهي، جنهن جا شعر اسان کي گهڻي انداز ۾ مليا آهن؟

ج: شاهه لطف الله قادري

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: شاهه لطف الله قادريءَ کانپوءِ اسان کي ان دور جو ڪهڙو وڏو شاعر ملي ٿو؟

ج: شاهه عنايت رضوي

س: شاهه عنايت رضويءَ جي شعرن جي ڪهڙي خوبي هئي؟

ج: هي سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جي شعر ۾ تصوف سان گڏ حسن، هجر ۽ وصال جو بيان ملي ٿو.

س: ارغونن ۽ مغلن جي دور ۾ اسان کي ٻيو ڪهڙو سنڌي مواد ملي ٿو؟

ج: نعتيه شاعري، حضور اڪرم ﷺ جن جي ثنا ۽ صفت جي شاعريءَ ۾ نيٺ سنڌي لفظن ملن ٿا.

س: مغلن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن جو راڄ قائم ٿيو؟

ج: ڪلهوڙن جو.

س: ڪلهوڙن جي دوري حڪومت ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان ڪهڙي هئي؟

ج: فارسي.

س: ڪلهوڙن جي دور ۾ فارسي جو ڪهڙو محاورو مروج ٿيو؟

ج: "فارسي گهوڙي چاڙهسي".

س: ڪلهوڙن جي دور ۾ گهڻا ڪتاب ڪهڙي نوعيت واري انداز ۾ لکيا ويا؟

ج: الف اشباع جي انداز ۾.

س: الف اشباع جي انداز کي ڇا سڏيو ويو؟

ج: سِنڌيون.

س: ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جا ڪهڙا وڏا عالم پيدا ٿيا؟

ج: مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياءَ الدين، مخدوم عنايت الله، مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ مولوي عبدالخالق، مولو محمد حسن، مخدوم محمد ابراهيم ٽيٽي، عبدالرئوف ٽيٽي، محمد شريف راڻيپوري، قاضي عبدالڪريم، خواجه محمد زمانؒ لواري وارو مخدوم عبدالله نرئي وارو مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيؒ مخدوم غلام محمد بگائي، مخدوم عبدالرحمان ڪهڙائي، ميون عيسيٰ ۽ مخدوم عبدالله واعظ عرف ميان موريو وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪهڙن عظيم شخصيتن سنڌي شعر و شاعريءَ کي عروج تي پهچايو؟

ج: شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ، پيرو ڪٽي، خواجه محمد زمان لنواري شريف وارورؒ سيد محمد بقا، روحل فقير، صاحبڏنو فاروقيؒ، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيؒ جلال ڪٽي، صابر موچي، شيخ حمر، شيخ ابراهيم، ڪبير شاهه، شاهه شريف ياڏائي، بنگو گوپانگ، سيد خير محمد شاهه فدائي، عنايت ڏيرو مدن ڀٽ، تماچي فقير، تمر فقير، صالح فقير گوهري ۽ عارف ڪلهوڙو وغيره.

س: سنڌ جي انهيءَ عظيم شاعر جو نالو ٻڌايو جيڪو ڪلهوڙن جي دور ۾ پيدا ٿيو ۽ انهيءَ کي شاعرن جي سرتاج جو لقب ڏنو ويو آهي؟

ج: شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ.

س: شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ کي غير ملڪي دانشورن ڪهڙو لقب ڏنو آهي؟

ج: دنيا جو سرتاج شاعر.

س: شاههؒ جي ڪلام جي مجموعي کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟

ج: شاهه جو رسالو.

س: شاهه صاحبؒ جي رسالي ۾ ڪهڙا ڪهڙا رنگ نظر اچن ٿا؟

ج: قرآن مجيد جي آيتن جي تشريح، سنڌي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي ترجماني ۽ تصوف جو رنگ.

س: شاهه صاحبؒ جي بيتن جي خصوصيت ڪهڙي آهي؟

ج: نج سنڌي زبان ۾ آهن ۽ هر پڙهيل، اڻ پڙهيل، ننڍو ۽ وڏو ڳوٺاڻو ۽ شهري، غريب ۽ امير، ڏنار ۽ آفيسر سندس بيتن کي جهونگار ۽ هنئين سان هنڊائي ٿو.

س: ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جو اهو ڪهڙو وڏو عالم پيدا ٿيو جنهن جهڙو اڄ تائين سنڌ ۾ ٻيو عالم پيدا ڪونه ٿيو آهي؟

ج: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ

س: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟

ج: اٽڪل 400 ڪتاب.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: تصنيف، تاليف ۽ تقرير سان گڏ مخدوم صاحبؒ ٻيو ڪهڙو اهم ڪم سرانجام ڏنو.

ج: پاڻ ڪيترن ئي مدرسن جو مهتمم اعليٰ رهيو.

س: مخدوم صاحبؒ ڪانسواءِ انهيءَ دور جي ٽين ڪهڙن سنڌي عالمن جو نالو مشهور آهي؟

ج: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيؒ، خواجه محمد زمان لواريؒ واري ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جو.

س: ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جي شاعرن شعر جي ڪهڙين نين صنفن کي عروج تي پهچايو؟

ج: وائيءَ ۽ ڪافيءَ کي.

س: ڪافيءَ ۽ وائيءَ کي سنڌ جي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيفؒ، ميان صاحبڏني فاروقي، روحل فقير، جلال کتي ۽ خليل لاشاريءَ.

س: سنڌي شاعريءَ ۾ ان دور منجهه واين ۽ ڪافين ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙين صنفن جو پايو وڌو ويو؟

ج: مولودن ۽ مداحن جو.

س: مولودن ۾ ڪهڙن شاعرن پاڻ ملهايو؟

ج: شاهه عنايت رضوي، مخدوم عبدالروف ڀٽي ۽ مخدوم غلام محمد بگائي.

س: مداح جي صنف کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: جمن چارڻ ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي.

س: شاهه جي رسالي ۾ ڪيترا سر آهن؟

ج: ٽيهه (30) سر.

س: شاهه جي شاعري ۾ ڪيترا سر سنڌ جي لوڪ داستانن تي آڌاريل آهن؟

ج: ست سر، سنڌ جي سرتن لوڪ داستانن تي آڌاريل آهن.

س: اهي ست لوڪ داستان ڪهڙا آهن؟

ج: سسئي پنهون، عمر مارئي، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلي چنيسر، مومل راڻو ۽ سورٺ راءِ ڏياچ.

س: سنڌ جي هڪ داستان تي شاهه جا 5 سر آڌاريل آهن، اهو لوڪ داستان ڪهڙو آهن ۽ اُهي سر ڪهڙا آهن؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: لوڪ داستان آهي: سسئي پنهون ۽ ان سان آڏاريل پنج سر آهن: سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسيني.

س: شاهه ڪهڙي سنڌ جي ڪردار کي تمثيل طور پنهنجي شاعريءَ ۾ "حب الوطني" جو اُهڃاڻ طور پيش ڪيو آهي؟

ج: مارئيءَ جي ڪردار کي.

س: شاهه سنڌ جي ڪهڙي سمي حڪمران کي ڪهڙيءَ باسيرت مهاڻيءَ جي محبت ۾ مجبور ڏيکاريو آهي.

ج: سمي حڪمران جام تماچيءَ کي ڪينجهر ڍنڍ ۾ مڇي مارينڊڙ مهاڻيءَ نوري جي عشق ۾.

س: شاهه سنڌ کان ٻاهر جي ڪهڙي واحد واقعي کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنايو آهي ۽ ان جي ڀرپور منظر نگاري ڪئي اٿس؟

ج: شاهه ڪربلا جي قضيي جڪي سر ڪيڏاري ۾ ڀرپور منظرنگاري ڪئي آهي.

س: ان دؤر ۾ مداحن ۽ مولودن کانسواءِ ٻين ڪهڙين صنفن جو بنياد پيو؟

ج: مناجات ۽ معجزن جو.

س: مناجات ۾ ڪهڙو شاعر سرفهرست آهي؟

ج: مخدوم عبدالله نرئي وارو.

س: معجزن کي ڪنهن عروج تي پهچايو؟

ج: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

س: مولود، مداح، مناجات ۽ معجزي جي معنيٰ ٻڌايو؟

ج: 1. مولود معنيٰ نئون ڄاول ٻار، جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي ولادت متعلق ۽ سندن صفت، ثنا متعلق شعر چيو ويندو آهي.

2. مداح معنيٰ ساراهه. مداح ۾ به حضور اڪرم ﷺ جن ۽ ٻين اڳواڻن جي ثنا ۽ ساراهه سمايل هوندي آهي.

3. مناجات، جايءَ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حال اورڻ، جنهن ۾ شاعر الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ سوالي هوندو آهي.

4. معجزو معنيٰ اڻ ٿيڻي ڳالهه. جيڪڏهن ڪا اڻٿيڻي ڳالهه ڪنهن نبيءَ سڳوري کان ٿئي ته ان کي معجزو سڏيو ويندو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مٿين صنفن کانسواءِ ٻيو ڪهڙيءَ صنف جا ڪلهوڙن جي دور ۾ اهڃاڻ ملن ٿا؟

ج: غزل جا.

س: ان دور جي ڪهڙن سنڌي شاعرن غزل لکيو؟

ج: نور محمد خسته، مرزا تقي، حافظ عالي، ميان چتن وغيره.

س: ڪلهوڙن جي دور کي مٿين ڳالهين کانسواءِ ٻيو ڪهڙو اعزاز پڻ حاصل آهي؟

ج: سنڌي رسم الخط ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ تيار ڪئي وئي.

س: سنڌي رسم الخط ڪهڙي عالم تيار ڪئي؟

ج: مخدوم ابوالحس ٺٽوي

س: مخدوم ابوالحسن ڪهڙو ڪتاب سنڌي رسم الخط ۾ لکيو؟

ج: مقدمة الصلاة

س: مقدمة الصلاة ڪتاب کي ڪهڙو اعزاز مليل آهي؟

ج: سنڌي رسم الخط جي پهرين ڪتاب جو اعزاز.

س: مقدمته الصلاة کي ڇا سڏيو ويندو آهي؟

ج: ابوالحسن جي سنڌي

س: سنڌي مداحن، مناقبن ۽ معجزن جو بنياد ڪنهن وڌو؟

ج: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ

س: مٿين صنفن کانسواءِ شاعريءَ جون ٻيون ڪهڙيون صنفون هن دور ۾ ملن ٿيون؟

ج: واقعاتي، رزميه شاعري ۽ سنڌي عروضي شاعري

س: واقعاتي بيت ڪنهن متعلق لکيا ۽ ڇيا ويا؟

ج: مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري ۽ مخدوم غلام محمد بگائي جي شهادت متعلق.

س: رزميه بيت ڪنهن متعلق لکيا ۽ ڇيا ويا؟

ج: هي بيت جمن چارڻ، ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان بروهيءَ وچ ۾ لڳل لڙائي متعلق لکيا.

س: ڪلهوڙن جي دؤر ۾ عروضي شاعريءَ جو بنياد ڪنهن وڌو؟

ج: مخدوم عبدالروف ڀٽي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944
Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: حضور اڪرم ﷺ جن جي معجزن بابت هن دور جو ڪهڙو شاهڪار ڪتاب آهي؟

ج: قوت العاشقين.

س: ڪتاب "قوت العاشقين" ڪنهن جو تصنيف ٿيل آهي؟

ج: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جو.

س: ڪلهوڙن کانپوءِ سنڌ تي ڪنهن جو راڄ قائم ٿيو؟

ج: ٽالپرن (ميرن) جو.

س: ميرن جي دور ۾ سنڌي ادب ڪهڙي ترقي ڪئي؟

ج: ميرن جي دور ۾ سنڌي شعر جي هر صنف تمام گهڻي ترقي ڪئي.

س: هن دور ۾ سنڌي شعر جي صنف ڪافيءَ جي ترقيءَ ۾ ڪهڙن شاعر ڪردار ادا ڪيو؟

ج: سنڌ جي هيٺين شاعرن ڪافيءَ کي عروج تي پهچايو:
سچل سرمستؒ، مراد فقير، فتح فقير، دلپت، صديق فقير سومرو، پير محمد اشرف ڪامارائي، صوفي بايزيد، سوهو فقير ۽ فقير نانڪ يوسف وغيره.

س: ميرن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ جي صنف بيت کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: سچل سرمستؒ، حمل فقير لغاري، خليفو نبي بخش "قاسم" لغاري، پير محمد راشد روضي ڌڻيؒ وغيره.

س: ميرن جي دور ۾ سلوڪ کي ڪنهن ترقي ڏياري؟

ج: ياڻي چين راءِ سامي لنڊ.

س: ميرن جي دور ۾ مولود جي صنف کي ڪنهن عروج تي پهچايو؟

ج: سچل سرمستؒ، پير محمد راشد روضي ڌڻيؒ، قائم الدين، نور محمد، امير بخش، عثمان فقير، فيض محمد سومري، الهه رکئي ۽ خليفي ڪرم الله.

س: ميرن جي دور ۾ مداح ۽ مناجات جي صنف ۾ ڪهڙن شاعرن ڀاڱو ملهايو؟

ج: فتح فقير، پير محمد راشد روضي ڌڻيؒ، ملان صاحبڏني شڪارپوري، آخوند محمد بچل "انور" ۽ صدر الدين چارڻ وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: حفيظ تيوٽي ڪنهن جو قصو نظم ۾ چيو؟
ج: مومل راڻي جو قصو.
س: حفيظ تيوٽي کانپوءِ ڪنهن "ليليٰ مجنون" جي قصي کي نظم ۾ چيو؟
ج: خليفي حاجي عبدالله مثنوي
س: مٿين صنفن کانسواءِ ڪهڙين صنفن ميرن جي دور ۾ روز ورتو؟
ج: شاعريءَ ۾ غزل ۽ نثر جي ڪجھ صنفن.
س: غزل جي صنف ۾ ڪهڙن شاعرن پاڻ ملهايو؟
ج: نور محمد خسته، مرزا تقي، ميان چتن، اويس شڪارپوري، سيد ثابت علي شاهه، محمد بچل انور، محمد عارف "صنعت"، ميان صاحبڏني، خليفي ڪرم الله، مير شهداد خان، مير حسن علي خان ۽ مير نصير خان وغيره.
س: نثر نويسيءَ جو ميرن جي دور ۾ ڪنهن رواج وڌو؟
ج: آخوند عزيز الله.
س: نثر نويسيءَ ۾ آخوند عزيز الله ڪهڙو ڪم سرانجام ڏنو؟
ج: قرآن مجيد جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.
س: ميرن جي دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪنهن کي شمار ڪيو وڃي ٿو؟
ج: ميان عبدالوهاب 'سچل سرمستؒ'.
س: سچل سرمستؒ کي هفت زبان جي لقب سان ڇو سڏيو وڃي ٿو؟
ج: ڇاڪاڻ تہ هن ستن زبانن ۾ شاعري ڪئي.
س: اهي ڪهڙيون ست ٻوليون آهن، جن ۾ سچل سرمستؒ شاعري ڪئي؟
ج: سنڌي، عربي، فارسي، پنجابي، سرائڪي، هندي ۽ اردو.
س: فارسيءَ ۾ سنڌس ڪهڙا ٻہ ديوان مشهور آهن؟
ج: ديوان آشڪار ۽ ديوان خدائي.
س: مضمونن جي لحاظ کان سچل سرمستؒ جو ڪلام ڪنهن جي ترجماني آهي؟
ج: سندس شاعري همہ اوست ۽ اناالحق جو پڙاڏو آهي.
س: سچل سرمستؒ کانسواءِ ٻئي ڪهڙي شاعر هندي، فارسي ۽ سرائڪي زبان ۾ بيت چيا؟
ج: مراد فقير.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سنڌي ٻوليءَ کي عربي رسم الخط ۾ لکڻ جي سر بارٽل فريئر کي صلاح ڪنهن ڏني؟

ج: رچرڊ برٽن.

س: انهن ٻن انگريز آفيسرن جا نالا ٻڌايو جيڪي 1847ع کان اڳ سنڌي ٻوليءَ کان واقف هئا؟

ج: رچرڊ برٽن ۽ ڪيپٽن اسٽينڪ.

س: سنڌي صورتخطي قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيءَ ۾ ڪهڙا ميمبر مقرر ڪيا ويا؟

ج: منشي اُڌارام، منشي ننديرام، مرزا صادق علي، قاضي غلام علي، ميان غلام حسين ۽ ميان محمد.

س: گهڻي بحث کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ڪهڙي رسم الخطيءَ ۾ آندو ويو؟

ج: عربي رسم الخط ۾.

س: موجوده سنڌي صورتخطيءَ کي رائج ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏو ڪنهن جو هٿ هو؟

ج: سر بارٽل فريئر جو.

س: سر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪهڙي عهدي تي فائز هو؟

ج: ان وقت هو سنڌ جو ڪمشنر هو.

س: موجوده سنڌي صورتخطيءَ کي ڪڏهن لاڳو ڪيو ويو؟

ج: 1853ع ۾.

س: سر بارٽل فريئر ان ڪميٽيءَ ۾ ڪهڙي عهدي تي فائز هو؟

ج: چيئرمين.

س: 1853ع ۾ صورتخطيءَ ٺهڻ کانپوءِ پهريون درسي ٻاراڻو ڪتاب ڪنهن لکيو ۽ ڪهڙو لکيو؟

ج: منشي ننديرام، نئين سنڌيءَ صورتختيءَ ۾ ڪتاب "باب نامو" لکيو.

س: هن نئين سنڌي صورتختيءَ ۾ نظم ۾ پهريون ڪهڙو ڪتاب لکيو ويو؟

ج: شاهه جو رسالو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: شاهه جو رسالو ڪنهن مرتب ڪيو؟
ج: جرمنيءَ جي اسڪالر ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ.
س: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڪٿان "شاهه جو رسالو" ڇپرايو؟
ج: جرمنيءَ جي شهر ليمبرگ منجهان.
س: جرمنيءَ جي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ "شاهه جو رسالو" ڪهڙي سن ۾ شايع ڪرايو؟
ج: 1866ع ۾.
س: هن صورتختيءَ ۾ شاهه جي رسالي کانپوءِ ڪهڙا ڪتاب شايع ٿيا؟
ج: 1875ع ۾ "ديوان گل"، 1876ع ۾ "بيان العارفين" ۽ 1878ع ۾ "ديوان قاسم".
س: انگريز دور جي شروعاتي سنڌي اديبن جا نالا ٻڌايو؟
ج: منشي ننديرام، قاضي غلام حسين، اڌارام ٿانورداس، ميران محمد شاهه اول، قاضي غلام علي، آخوند عبدالرحيم عباسي، ديوان ڪوڙومل ۽ ڏيارام گدومل.
س: هن صورتختيءَ ۾ تنقيد بابت ڪهڙو پهريون ڪتاب لکيو ويو؟
ج: 1883ع ۾ فاضل شاهه جو ڪتاب "ميزان الشعر".
س: انگريزن جي شروعاتي دور ۾ ڪهڙيون نيون نثري صنفون رائج ٿيون؟
ج: ناول، ڊرامو افسانو مضمون نگاري ۽ تنقيد نگاري
س: سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهريون ناول ڪهڙو ۽ ڪڏهن لکيو ويو؟
ج: راسيلاس، 1870ع ۾.
س: انگريزي ناول جو پلاٽ کڻي سنڌي حالت ۾ پيش ڪرڻ جو پهريون اعزاز ڪنهن کي حاصل آهي؟
ج: ديوان صاحب سنگهه کي.
س: ديوان صاحب سنگهه ان انداز ۾ ڪهڙو ناول لکيو؟
ج: بلو کوکر.
س: بلو کوکر ڪهڙي انگريزي ناول جو ترجمو آهي؟
ج: ميئر آف ڪاسٽريج جو.
س: سنڌيءَ ۾ پهريون طبعزاد ناول ڪنهن لکيو؟
ج: شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مرزا قليچ بيگ جي ان ناول جو نالو ٻڌايو؟
ج: دلارام.
س: سنڌي ڊرامن لکڻ جو پهريون اعزاز ڪنهن کي حاصل آهي؟
ج: مرزا قليچ ببيگ کي.
س: ڊرامن متعلق مرزا قليچ بيگ ڪهڙو اهم ڪم سرانجام ڏنو؟
ج: مشهور انگريز ليکڪ شيڪسپيئر جي سيني انگريزي ڊرامن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.
س: انگريزن جي شروعاتي دور ۾ ناول ۽ ڊرامي سان گڏ ٻيو ڪهڙو اهم ڪم شروع ڪيو ويو؟
ج: قديم انگريزي ڪهاڻين جو ترجمو ڪيو ويو.
س: انهن ابتدائي ڪهاڻين ترجمي ڪرڻ ۾ ڪهڙن اديبن جو نالو سرفهرست آهي؟
ج: مرزا قليچ بيگ، منشي اُڌارام، ديوان ڪوڙومل، ڏيارام ۽ ٻولچند جا نالا سرفهرست آهن.
س: انگريزن جي شروعاتي دور ۾ مضمون نگاريءَ ۾ ڪهڙن سنڌي اديبن پاڻ ملهايو؟
ج: مرزا قليچ بيگ ۽ لعل چند امر ڏني مل.
س: انگريزن جي وچين دور ۾ سنڌي ادب ۾ ڪهڙي انفراديت رائج ٿي؟
ج: سنڌي ليکڪن آزاديءَ کان متاثر ٿي، سماج جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصد کي آڏو رکي لکڻ شروع ڪيو.
س: انگريزن جي ٻئي دور ۾ سنڌ جي ڪهڙن ليکڪن پاڻ ملهايو؟
ج: شمس الدين "بلبل"، عبدالخالق خليق مورائي، مرزا قليچ بيگ، لعل چند امر ڏنومل، جيٺمل پرسرام، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، نرملداس، پرمانند تيجومل، ليکراج عزيز محمد صديق مسافر، ليلارام ولايت راءِ، آسانند مامتورا، امر لال ۽ جهمٽ مل ڀانواڻي.
س: انگريزن جي وچين دور ۾ ڪهڙن مسلمان ليکڪن جو نالو سرفهرست آهي؟
ج: شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ شمس الدين بلبل جو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مضمون نويسيءَ جو پهريون پندرهن روزه رسالو ڪڏهن ۽ ڪنهن جاري ڪيو؟

ج: هي رسالو 1866ع ۾ تعليم کاتي طرفان جاري ٿيو.

س: ادب ۾ تحقيق ڇا کي چيو ويندو آهي؟

ج: روايتن جي ڇنڊڇاڻ کي.

س: ادب ۾ تنقيد ڇا کي چيو ويندو آهي؟

ج: ادبي تخليق جي فني ۽ فڪري جاچ پڙتال کي.

س: سنڌي ادب ۾ تنقيد جو پهريون ڪتاب ڪنهن لکيو؟

ج: آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسي.

س: تنقيد جي پهرئين ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

ج: "عمر مارئي" جو قصو جيڪو 1871ع ۾ ڇپيو.

س: "عمرمارئي" ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪنهن تي تنقيد ٿيل آهي؟

ج: سنڌي شاعرن مٿان.

س: آخوند عبدالرحيم جي لکيل "عمر مارئي" ڪتاب جي ڪهڙي اهميت آهي؟

ج: انهيءَ ڪتاب جي مهاڳ کي پهريون تنقيدي ڪتاب ۽ پهريون تحقيقي ڪتاب سڏيو وڃي ٿو.

س: اصلي تنقيد جو پهريون ڪتاب ڪنهن ۽ ڪڏهن لکيو؟

ج: سيد فاضل شاهه 1875ع ۾.

س: سيد فاضل شاهه جي ڪتاب جو نالو ڇا هو؟

ج: "ميزان الشعر."

س: اصلي تحقيق جو پهريون ڪتاب ڪنهن لکيو؟

ج: سيد فاضل شاهه.

س: تحقيق جي ان ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

ج: ڪافين جو ڪتاب.

س: انهيءَ پهرين اخبار جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ تنقيدي ليک شايع ٿيندا رهيا؟

ج: پارتواسي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


ج: ديوان ننديرام ميراڻي، منشي اڏارام، ٿانور داس مير چنداڻي، سيد ميران محمد شاهه اول، ديوان ڪوڙو مل، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، لعل چند امر ڏنو مل، مرزا غلام رضا بيگ، محمد عثمان ڏيپلائي، رشي ڏيارام گدو مل، شمس الدين "بلبل"، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، امام بخش "خادم"، هدايت الله "مشتاق"، آخوند حاجي فقير محمد "عاجز"، پرمانند ميوارام، آخوند لطف الله، غلام محمد شاهواڻي، مولانا دين محمد وفائي، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي، احمد غلام علي چاڳلا، عبدالخالق خليق مورائي، علامه علي خان ابڙو، محمد بخش "واصف"، عبدالرزاق ميمڻ، مرزا نادر بيگ، صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻي، نارائڻ داس ڀنياڻي، خانچند دُرياڻي، عطا حسين شاهه موسوي، عثمان علي انصاري، عبدالحسين شاهه موسوي، سيد حسام الدين راشدي، پير علي محمد راشدي، الله بچايو يار محمد سمون، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وغيره.

س: انگريزن جي دور ۾ ڪافيءَ ۽ بيت جي صنفن ۾ ڪهڙن شاعرن پاڻ ملهايو؟

ج: پير علي گوهر شاهه "اصغر"، مولوي قادر بخش "بيدل"، محمد حسن "بيڪس"، فقير نانڪ يوسف، عثمان سانگي، صوفي خوش خير محمد هيسباڻي، مخدوم امين محمد، چتو سانگي، شاهه نصير، مصري شاهه، دريا خان جلباڻي، نشان علي فقير، پير رشد الله جهنڊي وارو، سيد قطب الدين شاهه، اميد علي شاهه، غلام شاهه راشدي، خواجه غلام فريد، بچل شاهه، پير صالح شاهه راڻيپور وارو، حاجي خانڻ چنجڻي، سيد حسن بخش ڊنڙائي، صاحبڏنو شاهه، جيوت سنگهه، موهن فقير، رمضان واڍو، ڀيرل فقير، محمد فقير ڪتياڻ، حسين فقير ديدڙ، شاهه محمد ديدڙ، فقير نواب ولي محمد لغاري، مير علي نواز علوي، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، هدايت علي نجفي تارڪ، ڀڏل فقير، سيد رکيل شاهه صوفي، مولوي غلام محمد خانزئي ۽ ياون شاهه وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انگريزن جي آخري دور ۾ غزل ۽ عروضي شاعريءَ کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: آغا غلام نبي صوفي، پير علي اصغر شاهه "اصغر"، هدايت علي "تارڪ" نجفي، محمد عاقل "عاقلي"، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، حاجي محمود "خادم"، ميان علي محمد قادري ۽ نواز علي "نياز" وغيره.

س: عروضي شاعريءَ لاءِ پهريون ڪهڙو ماهووار رسالو جاري ڪيو ويو؟

ج: ماهوار "گلدستو" لاڙڪاڻي مان ۽ پوءِ "اديب سنڌ".

س: ان دؤر ۾ عروضي شاعريءَ جون بيون ڪهڙيون صنفون لکيون ويون؟

ج: مرثيو، مثنوي، رباعي، مسدّس ۽ قصيده وغيره.

س: مرثيي جي صنف ۾ ڪهڙن سنڌي شاعرن پاڻ ملهايو؟

ج: مرزا قليچ بيگ، مير حسن علي خان حسن، قادر بخش بيدل، شاهه نصير، مرزا بنده علي ۽ محمد عالم پنهور وغيره.

س: انگريزن جي دور ۾ مثنويءَ جي صنف کي ڪهڙن اديبن عروج تي پهچايو؟

ج: محمد واصل درس، عبدالواحد سائل حيدرآبادي، حافظ محمد ابراهيم دل، مولوي غلام الله، محمد صالح عاجز، غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي، غلام محمد نظاماڻي، گل محمد رند، مير مرتضائي، واحد بخش مشتاق شڪارپوري، مير حسن علي خان حسن، مولوي محمد عثمان نورنگزاده، غلام محمد شاهه گدا، سيد فاضل شاهه، شمس الدين بلبل، بچل هميون ۽ مرزا قليچ بيگ

س: انگريزن جي دور ۾ قصيدي جي صنف کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: مرزا قليچ بيگ، مير حسن علي خان "حسن"، آخوند محمد قاسم هالائي، غلام محمد شاهه گدا، مير عبدالحسين سانگي، محمد هاشم مخلص ۽ هدايت علي نجفي تارڪ.

س: "مسدس" جي صنف ۾ پهريون ڪتاب ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج: مولوي الله بخش ابوجهي جو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سنڌ جو مشهور ادبي ادارو سنڌي ادبي بورڊ ڪڏهن قائم ٿيو؟
ج: 1951ع ۾
س: شيخ عبدالرزاق ”راز“ طرفان ”حبيب پبليڪيشن“ نالي اشاعتي ادارو ڪڏهن قائم ٿيو؟
ج: 1952ع ۾
س: سنڌي نوجوان اديبن ”سنڌي ادبي سنگت“ ڪڏهن قائم ڪئي؟
ج: 1956ع ۾
س: سنڌي ادبي سنگت جي شروعاتي دور ۾ سڀ کان سرگرميءَ سان ڪم ڪهڙي اديب ڪيو؟
ج: محترم اياز قادري
س: نئين زندگي ۽ مهراڻ کانسواءِ ڪهڙن مشهور رسالن سنڌي ادب جي خدمت ڪئي؟
ج: روح رهاڻ، ڳوٺ سڌار، مارئي، اديون، لطيف، تقاضا، روح ادب، اسان جي منزل، سارنگ، شعلو، پارس (سکر)، سنڌي ڊائجسٽ، ناري، لطيف ڊائجسٽ ۽ برسات وغيره.
س: ڇا هن وقت اهي مٿيان رسالا ڪم ڪري رهيا آهن؟
ج: نئين زندگي ۽ مهراڻ کانسواءِ ٻيا سڀ رسالا بند ٿي چڪا آهن.
س: موجوده دور ۾ ڪهڙا رسالا ادبي ڪم ڪري رهيا آهن؟
ج: مهراڻ، پرک، نئون نياپو ۽ سارنگا وغيره.
س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ڪهڙو نئون رخ اختيار ڪيو آهي؟
ج: نون شاعرن تقليدي شاعري ترڪ ڪري، شاعريءَ جي مضمون ۾ جدت ۽ مقصديت پيدا ڪئي آهي ۽ فني سٽاءَ ۾ به نوان تجربا ڪيا ويا آهن. بيت، وائي ۽ ڪافيءَ ۾ نئون رنگ پريو ويو آهي. مغربي صنفن، جهڙوڪ: آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل، جاپاني صنف هائيڪو ۽ نثري نظم لکيو پيو وڃي. زبان جي لحاظ کان ٺيٺ سنڌي لفظن، تشبيهن ۽ تمثيلن تي زور ڏنو ويو آهي. وطن دوستي ۽ وطن پرستي وڏي اهميت اختيار ڪئي آهي. جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ننديو ويو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ورهاڱي کانپوءِ ٽئين دور ۾ ڪهڙن ڪهاڻيڪارن سنڌي ڪهاڻين کي عروج تي پهچايو؟

ج: منير احمد ميمڻ (مانڪ)، نورالهديٰ شاهه، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، قاضي خادم، مدد علي سنڌي، شوڪت شورو، شوڪت کيهر، رزاق مهر، بادل جمالي، ممتاز مهر، زيب پيٽي، طارق عالم ابڙو، مشتاق شورو محمد دائود بلوچ، زيب سنڌي، سليم ڪورائي، شرجيل، رسول بخش ميمڻ، نور گهلو ضراب حيدر، ڪرم الاهي چنو، عبدالستار شيخ، مشتاق باگاڻي، نصير اعجاز اختر جانوري، امان ميمڻ، اخلاق انصاري، عابد مظهر، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، وهاب سهتو ملڪ آگاڻي، ممتاز عباسي، ماڪن شاهه رضوي، نذير ميمڻ، زينت عبدالله، نذير احمد ناز خيرالنساءَ جعفري، ليليٰ بانو تبسم مهتاب قريشي، تنوير جوڻيجو ثميره زرين، خديجه شيخ، نيلوفر جويو زبيده ميتلو مهتاب منور عباسي، زيب النساءَ مسرت، سڪينه ميمڻ، ثريا ياسمين، جميله نرگس، نسرين جوڻيجو فهميده حسين، شبنم موتي، شبنم گل، جهان آرا ثريا سوز ڏيپلائي، رشيده شيخ، حسن بانو ميمڻ ۽ تبسم عروج قاضي وغيره.

س: موجوده دور ۾ جنسيات تي افسانا ڪهڙن اديبن لکيا؟

ج: تبول ابڙو غلام نبي مغل، مانڪ ۽ نورالهديٰ شاهه.

س: سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح ۾ افسانا ڪهڙن سنڌي اديبن لکيا؟

ج: علي احمد بروهي، محمد حسين ڪروڙ پتي، نور عباسي، رشيد پٽي، حليم بروهي، غلام رسول ڪلهوڙو ۽ عبدالفتاح صديقي.

س: ورهاڱي کانپوءِ هندستان جي ڪهڙن سنڌي اديبن افساني کي عروج تي پهچايو؟

ج: گوبند مالهي، رام پنجواڻي، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، سگن آهوجا، گوردن محبوباڻي، گنوسامتاڻي، آنند گولاڻي، ڪشور جيون، آنند کيماڻي، ايشور چندر، آنچل، جڳديس لڇاڻي، بروج موهن، ڪي ايس ٻالاڻي، وشنو ڀاٽيا، ڪلا پرڪاش، پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتم چنداڻي، ڪماري پوپٽي، ڪرپشن راهي، موتي پرڪاش، شيام جئسنگهاڻي، ڪرشن ڪتواڻي، موهن ڪلپنا،

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



مولانا دين محمد وفائي، لطف الله بدوي، مخدوم امير احمد کهڙائي،
ج: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد
حسام الدين راشدي، مير رحيم داد خان مولائي شيدائي، محبوب
علي چنه، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ڊاڪٽر غلام علي الانا،
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي،
لڇمڻ خوبچنداڻي، سراج ميمڻ، عبدالحسين شاهه موسوي،
ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر جهمٽ مل، سائين جي ايم سيد، ڊاڪٽر
الهداد ٻوهيو، بدر ابڙو ڊاڪٽر فهميده حسين، احسن ڪربلائي،
محمد حنيف صديقي، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ڊاڪٽر ميمڻ
عبدالمجيد سنڌي، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر شيخ
محمد ابراهيم خليل، مولانا غلام محمد گرامي، رشيد احمد
لاشاري، شمس الدين ”بلبل“، محمد سومار شيخ، معمور
يوسفاڻي، ڊاڪٽر تنوير. عباسي، خادم حسين شاهه، محمد
ابراهيم جويو محمد اسماعيل عرساڻي، ڪريم بخش خالد،
پروفيسر هرومل، تيرٿ وسنت، ڊاڪٽر جيرامداس، لالسنگ
اجواڻي، بولچند راجپال، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام
نبي سڏايو نياز همايوني، عبدالله مگسي، قريشي حامد علي
خانائي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، عبدالقيوم صائب، بدر ڏامراهو
اظهر گيلاني، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، غلام مصطفيٰ مشتاق،
غلام رسول بلوچ ۽ خير محمد ٻرڙو وغيره.

س: ورهاڱي کانپوءِ ڪهڙن سنڌي شاعرن ”بيت“ کي عروج تي پهچايو؟

ج: شيخ اياز هري دلگير، نارائڻ شيام، مخدوم محمد زمان طالب
المولیٰ، استاد بخاري، تاجل بيوس، امداد حسيني، سرڪش سنڌي،
محمد هاشم تالپر، غلام نبي عاجز رشيد احمد لاشاري، نثار بزمي،
محسن ڪڪڙائي، منشي ابراهيم، ولي دائود پوٽو منصور ويراڳي،
ذوالفقار راشدي، محمد خان غني، عبدالفتاح عبد، ايوب کوسو
عاصي کهڙائي، عبدالغفار تبسم، تنوير عباسي، سليم ڳاڙهوي،
سرويچ سجاولي، نياز همايوني، قمر شهباز راشد مورائي ۽ اسحاق
راهي وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي جا ڪهڙا وڏا شاعر آهن، جن جو شعر گهڻو پڙهيو وڃي ٿو؟

ج: شيخ اياز، مخدوم طالب المولى، استاد بخاري، نياز همايوني، تنوير عباسي، آڪاش انصاري، تاجل بيوس ۽ ايوب کوسو.

س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي "وائي" جي صنف کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: شيخ اياز، استاد بخاري، شيخ عبدالرزاق راز، امداد حسيني، تنوير عباسي، ادل سومرو، سرڪش سنڌي، سروپچ سجاولي، نارائڻ شيام، عبدالقيوم طراز، هري دلگير، محسن ڪڪڙائي، رحيم بخش قمر ۽ احمد خان آصف، وغيره.

س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي صنف "ڪافي" کي ڪهڙن سنڌي شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: مخدوم محمد زمان طالب المولى، رشيد احمد لاشاري، سائل آزاد، شمشير الحيدري، احمد خان آصف، عبدالڪريم پلي، ولي سروري، سليم ڳاڙهوي، محمد خان غني، بيخود تڪڙائي، سرشار عقيلي، جعفر علي پنهور، محمد جمن هالو، حسين بخش خادم، ارجن سڪايل، شام جئسنگهاڻي، ذوالفقار راشدي، صابر نظاماڻي ۽ مختيار نقوي وغيره.

س: ورهاڱي کانپوءِ ڪافيءَ جو وڏوي ۾ وڏو شاعر ڪهڙو آهي؟

ج: مخدوم محمد زمان طالب المولى.

س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ۾ "غزل" جي صنفن کي ڪهڙن شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي "غزل" جي صنفن کي هيٺين شاعرن عروج تي پهچايو.

## پهريون دور:

حافظ عبدالله "بسمل"، نواز علي "نياز"، محمد بخش "واصف"، غلام احمد نظامي، قادر بخش "بشير"، مراد علي "ڪاظم"، غلام "سرور"، صفي الله "فدا"، عبدالرحمان "انجم" هالائي، غلام سرور غلام عباس

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


"جوش"، لطف الله بدوي، الله بخش سرشار عقيلي، عبدالفتاح عبد "عاقلي"، شيخ عبدالله "عبد"، سرور علي "سرور"، ضياءُ الدين "ضيا"، انور علي شاهه، اظهر گيلاني، حافظ محمد احسن چنه، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"، عبدالله "اثر"، محمد صديق مسافر، ليکراج ڪشچند "بيوس" ۽ رشيد احمد لاشاري وغيره.

**ٻيو دور:**

شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، ڊاڪٽرعطا محمد حامي، اياز قادري، سليم ڳاڙهوي، مظفر حسين "جوش"، سيد منظور نقوي، عبدالحليم "جوش"، علي محمد "مجروح"، احمد خان "آصف"، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، فيض بخشاپوري، نثار بزمي، منصور ويراڳي، راز بلڙائي، اميد خيرپوري، جوهر بروهي، سوز چچڙائي، گل حسن "گل" ٻرڙو، حاجي علي بخش جمالي، رحمت الله "شوق"، هزارو خان "مجاهد" عباسي، ميمڻ غلام مصطفيٰ "مشتاق"، گل حسن گوپانگ "شاد"، سيد سردار علي شاهه "ذڪر"، وفا ناٿن شاهي ۽ استاد بخاري وغيره.

**ٽيون دور:**

وفا ناٿن شاهي، اياز گل، ادل سومرو، عبدالغفار تبسم، ايوب کوسو سعيد ميمڻ، مشتاق بخاري، امان راهي، ملڪ نديم، قاضي مقصود گل، امين اڏيرائي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ مختيار گهمرو وغيره.

س: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي صنف "گيت" کي ڪهڙن سنڌي شاعرن عروج تي پهچايو؟

ج: شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق "راز"، هري دلگير، نارائڻ شيام، بردو سنڌي، عبدالڪريم "گدائي"، تنوير عباسي، ڪرشن راهي، خادم رفيقي، امداد حسيني، عارف المولىٰ، عبدالقيوم "صائب"، ڪمل پياسي، نثار بزمي، الحاج رحيم بخش "قمر"، سرويچ سجاولي، سليم ڳاڙهوي، راز ناٿن شاهي، قيوم طراز، بلاول پرديسي، نياز همايوني، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، مير محمد پيرزادو، قاضي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


مقصود گل، امتياز گل، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ادل سومرو، مختيار گهمرو، سرمد چانڊيو، نور شاهين، نصير مرزا، ۽ استاد بخاري وغيره.

س: انگريزي شاعريءَ جي صنف "سانيٽ" کي ڪهڙن سنڌي شاعرن سنڌي ادب ۾ شامل ڪيو؟

ج: شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، استاد بخاري ۽ بشير موريائي.

س: "ترائيل" جي صنف کي ڪهڙن سنڌي اديبن لکيو آهي؟

ج: هري دلگير، شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، اياز گل، ج۔ ع منگهاڻي، امداد حسيني، موتي پرڪاش، عبدالقيوم "صائب" ۽ هري ڪانت.

س: هائڪو جي صنف ۾ ڪهڙن سنڌي شاعرن شعر لکيو آهي؟

ج: نارائڻ شيام، شيخ اياز، استاد بخاري، طارق عالم ابڙو، تاج جويو، قاضي مقصود گل، مختيار گهمرو، اياز گل، ادل سومرو، ولي دائود پوٽو، ذوالفقار راشدي، سلميٰ پنهور، تسليم زنئور ۽ ثريا منير سولنگي.

س: "آزاد نظم" جي صنفن ڪهڙن سنڌي شاعرن لکي آهي؟

ج: شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، امداد حسيني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، شيخ عبدالرزاق راز، راز ناٿن شاهي، هري دلگير، پروانو سيوهاڻي، قمر شهباز، عنايت بلوچ، فتاح ملڪ، ادل سومرو، بشير موريائي، آثم ناٿن شاهي، نورالهدي شاهه ۽ شبنم گل وغيره.

س: "بي قافيه" صنف ۾ ڪهڙن سنڌي شاعرن شاعري ڪئي آهي؟

ج: شيخ عبدالرزاق "راز" ۽ شعبان بخت.

س: "نثري نظم" ڪنهن ڪنهن لکيا؟

ج: شيخ اياز، اياز گل، قاضي مقصود گل، ادل سومرو، نور الهدي شاهه، ارم محبوب، شبنم گل، شگفته شاهه، حبدار سولنگي، نثار ڀانيڻ ۽ مصطفيٰ نانگراج وغيره.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

باب تيرهون

# سنڌ جون عظيم ادبي ۽ سياسي شخصيتون

## استاد بخاري

س: استاد بخاري جو اصل نالو ٻڌايو؟
ج: سيد احمد شاهه بخاري ۽ تخلص اٿس "استاد بخاري".
س: استاد بخاري ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟
ج: 1930ع ۾، ڳوٺ غلام قادر چانڊيئي، ضلعي دادوءَ ۾.
س: استاد بخاريءَ جا وڏا ڪٿان هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا؟
ج: اچ شريف منجهان.
س: استاد بخاري سنڌي فائنل پاس ڪري ڪهڙي نوڪري اختيار ڪئي؟
ج: پرائمري ماستري.
س: استاد بخاري مئٽرڪ، انٽر ۽ بي. اي جا امتحان ڪڏهن پاس ڪيا؟
ج: 1959ع کان 1962ع دوران.
س: استاد بخاري مٿين امتحانن کان اڳ ڪهڙا امتحان پاس ڪيا؟
ج: اديب سنڌي، اديب فاضل ۽ اديب عالم جا.
س: استاد بخاري ايم. اي جي ڊگري ڪڏهن حاصل ڪئي؟
ج: 1964ع ۾.
س: 1967ع ۾ استاد بخاريءَ کي ڪهڙي نوڪري ملي؟
ج: ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌي شعبي جو ليڪچرار مقرر ٿيو.
س: استاد بخاريءَ شاعريءَ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي؟
ج: ٻارهن سالن جي عمر ۾، پنجين ڪلاس جي تعليم دوران.
س: هن پنهنجو تخلص "استاد بخاري" ڪڏهن اختيار ڪيو؟
ج: 1947ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khan Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ”ڪانپوءِ سنڌي عوام ۾ ڪهڙي شاعر کي عوامي مقبوليت حاصل آهي؟

ج: استاد بخاريءَ کي.

س: استاد بخاري جا ڪل ڪيترا شعري مجموعا ڇپيا آهن؟

ج: اٽڪل 25.

س: استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ڪهڙو ڇپيو ۽ اهو ڪڏهن ڇپيو؟

ج: ”گيت اسان جا جيت اسان جي“ سال 1971ع ۾.

س: استاد بخاريءَ جي ڪجهه مشهور ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟

ج: استاد بخاري جي مشهور ڪتابن ۾ شامل آهن: ”نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو“، ”گيت اسان جا جيت اسان جي“، ”اوتون جوتون“، ”لهري لهري ۾ لالاڻ“، ”لهر لهر دريا“، ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“، ”ڪاري ڪکر هيٺ“، ”زندگي زندگي“، ”ميلها ملهالا“، ”ڳائي پيو جاڳائي پيو“، ”سوچون ڀٽڪا واڪا“ ۽ ”ڌرتي سرتي“ وغيره.

س: استاد بخاريءَ ڪڏهن وفات ڪئي ۽ هن کي ڪهڙي مرض اسان کان جدا ڪيو؟

ج: استاد بخاري نائين آڪٽومبر 1992ع تي، ڪينسر جي موذي مرض سبب اسن کان جدا ٿيو.

## امر جليل

س: امر جليل جو اصل نالو ڇا آهي. سندس جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

ج: سندس اصل نالو آهي عبدالجليل قاضي. سندس جنم 8 نومبر 1936ع ۾ روهڙي شهر (ضلع سکر) ۾ ٿيو.

س: سندس والد جو نالو ڇا آهي؟

ج: سندس والد جو نالو عبدالغني قاضي آهي.

س: ابتدائي تعليم کان اعليٰ تعليم ڪٿان ڪٿان حاصل ڪيائين؟

ج: ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾ ئي حاصل ڪيائين. مئٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي، بي. اي گورنمنٽ ڪاليج نواب شاهه ۽ ايم. اي (تاريخ ۾) 1942ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان، پوسٽ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



گريجوئيٽ پروگرام ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي جي ڊگري فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين.

س: امر جليل هڪ ليکڪ جي حيثيت سان ادب ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن پير پاتو؟

ج: امر جليل جي گورنمنٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ پڙهڻ دوران قمر شهباز سان دوستي ٿي، جيڪو ادبي طور اڳ ئي سرگرم هيو. ان معرفت سنڌس ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ مٿس ادبي رنگ چڙهيو پر هن لکڻ تڏهن شروع ڪيو جڏهن هن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم. اي انگلش ادب ۾ داخلا ورتي، هت به قمر شهباز جو ساٿس ساٿ رهيو.

س: هن پنهنجو ادبي نالو "امر جليل" ڪنهن کان متاثر ٿي لکيو؟

ج: هن پنهنجي دوست "قمر" جي ادبي نالي کان متاثر ٿي پنهنجو نالو "امر" رکيو. منڍ ۾ هو "جليل پريمي" جي نالي سان لکڻ لڳو هو.

س: سنڌس پهرين لکڻي ڪهڙي ۽ ڪٿي ڇپي؟

ج: سنڌس پهرين لکڻي هئي ڪهاڻي "اِندرا" جيڪا 1956ع ۾ نواب شاهه مان نڪرندڙ رسالي "ادا" ۾ ڇپي.

س: امر جليل پهريون اسٽيج ڊرامو ڪهڙو لکيو؟

ج: هن پهريون اسٽيج ڊرامو "انسان" لکيو جيڪو 1963ع ۾ نيشنل ٿيٽرس ڪراچيءَ ۾ اسٽيج ٿيو.

س: امر جليل ريڊيو لاءِ پهريون ڊرامو ڪهڙو ۽ ڪڏهن لکيو؟

ج: ڊرامو "درياءَ توکي دانهن" سال 1967ع ۾ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد لاءِ لکيائين.

س: امير جليل سڀ کان پهريان ڪهڙيءَ سنڌي فلم جا ڊائيلاگ لکيا؟

ج: امر جليل سڀ کان اول سنڌي فلم "نوري ڄام تماچي" لاءِ ڊائيلاگ لکيا.

س: امر جليل جو پاڪستان جي ڪهڙي ٽيلي ويزن اسٽيشن تان پهريون ڪهڙو ڊرامو ۽ ڪڏهن ٽيلي ڪاسٽ ٿيو؟

ج: سنڌس "ماءُ" ڊرامو ڪراچي سينٽر تان 1967ع ۾ ٽيلي ڪاسٽ ٿيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: سنڌي ادبي رسالي "سهڻي" 1973ع ۾ "امر جليل نمبر" نالي سان امر جليل جي فن ۽ شخصيت جي حوالي سان نمبر ڪڍيو.

س: امر جليل جون ڪهاڻيون دنيا جي ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ ترجمو ٿيون آهن؟

ج: انگريزي، اردو، پنجابي وغيره ٻولين ۾.

## آغا سليم

س: آغا سليم جو اصل نالو ڇا هو ۽ سندس والد جو نالو ڇا هو؟

ج: سندس اصل نالو آغا خالد سليم هو. سندس والد جو نالو آغا عبدالڪريم هو.

س: آغا سليم ڪڏهن ۽ ڪٿي جنم ورتو؟

ج: آغا سليم 7 اپريل 1935ع ۾ شڪارپور ۾ جنم ورتو.

س: هن تعليم ڪٿي ۽ ڪهڙي حاصل ڪئي؟

ج: هن ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. 1948ع کان پنهنجي والد سان گڏ حيدرآباد ۾ رهڻ ڪري مئٽرڪ هائير ايجوڪيشن گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان ۽ بي. اي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي جام شورو مان حاصل ڪيائين.

س: آغا سليم گذرمعاش جي سلسلي ۾ ڪهڙي گورنمنٽ جي اداري ۾ نوڪري ڪئي؟

ج: آغا سليم 1963ع ۾ پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن (ريڊيو پاڪستان) ۾ گورنمنٽ جي نوڪري اختيار ڪئي. جتي پروگرام مئنيجر کان ترقي ڪندو اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان 6 اپريل 1995ع ۾ رٽائر ٿيو.

س: هن ادبي دنيا ۾ ڪنهن جي سنگت سبب پير پاتو؟

ج: سندس چواڻي ته تنوير عباسيءَ ۽ سراج ميمڻ سان پهريان بطور ڪاليج فيلو ملاقات ۽ بعد ۾ سنگت سبب سندن رنگ ۾ رنگجي ويس ۽ اهڙي طرح پوءِ هن 1952ع ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون.

س: سندس پهرينءَ ڪهاڻي جو نالو ڇا هو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


## فقير قادر بخش بيدل

س: فقير قادر بخش بيدل ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو؟
ج: 1230هه مطابق 1814ع ۾ روهڙيءَ ۾.
س: فقير قادر بخش جو اصلي نالو ڇا هو؟
ج: عبدالقادر.
س: فقير قادر بخش جي والد بزرگوار جو نالو ڇا هو؟
ج: خليفو محمد محسن.
س: فقير قادر بخش بيدل پنهنجي والد کانپوءِ ڪنهن کان تعليم حاصل ڪئي؟
ج: مولوي عبدالرحمان سکر واري کان.
س: فقير قادر بخش جو تخلص ڪهڙو هو؟
ج: "بيدل" يعني بي دل، جنهن مان سندس مطلب هو ته منهنجي دل محبوب ورتي آهي ۽ هاڻي مان دل کانسواءِ آهيان.
س: پير ڳوٺ ۾ فقير صاحب راشدي خاندان جي ڪهڙي صاحبزادي کي پڙهايو هو؟
ج: علي گوهر شاهه "اصغر" کي.
س: فقير بيدل ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج: 1872ع ۾.
س: فقير بيدل هڪ بيت ۾ هڪ وقت گهڻيون ٻوليون استعمال ڪيون هيون؟
ج: پنج ٻوليون.
س: ديوان بيدل، عبدالحسين شاهه موسوي ڪڏهن ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو هو؟
ج: 1941ع ۾.
س: بيدل فقير جي لکيل خاص ڪتابن جا نالا ڪهڙا آهن؟
ج: 'پنج گنج'، 'تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب'، 'وحدت نامه'، 'فرائض صوفيه' ۽ 'سرور نامه'.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: بيدل فقير جي پٽ جو نالو ڇا هو جيڪو پڻ نالي وارو شاعر ٿي گذريو آهي؟
ج: محمد حسن "بيڪس".

## ذوالفقار علي ڀٽو

س: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟
ج: 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي شهر جي المرتضيٰ هائوس ۾.
س: ذوالفقار علي ڀٽي جي والد صاحب جو نالو ڇا هو؟
ج: سر شاهنواز ڀٽو.
س: ذوالفقار علي ڀٽي صاحب ابتدائي تعليم ڪٿي ۽ ڪڏهن حاصل ڪئي؟
ج: ڪئٿڊرل ۽ جان ڪونن هاءِ اسڪول بمبئي ۾ 1937ع ۾.
س: ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ هن اعليٰ تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟
ج: 1947ع ۾ لاس اينجلس يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا آمريڪا، 1950ع ۾ برڪلي يونيورسٽي ڪيليفورنيا، 1952ع ۾، 1953ع ۾ لنڪن يونيورسٽي لنڊن.
س: پهريون ايشيائي شخص هجڻ جي نسبت سان ڀٽي کي ڪهڙو اعزاز حاصل آهي؟
ج: برطانيا جي هڪ يونيورسٽي "سائوٿ مپٽن" ۾ بين الاقوامي قانون جو استاد هجڻ جو.
س: ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي پهريون ڀيرو جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڪنهن جي دوري حڪومت ۾ موڪليو ويو هو؟
ج: سڪندر مرزا جي دورِ حڪومت ۾.
س: جنرل محمد ايوب خان جي دوري حڪومت ۾ ڀٽو صاحب ڪهڙن ڪهڙن وزارتن تي فائز رهيو؟
ج: وزير تجارت، اقليتي معاملن جو وزير، قومي تعمير ۽ اطلاعت جو وزير، وزير صنعت ۽ قدرتي وسيلا، امور ڪشمير جو وزير ۽ وزير خارجه پاڪستان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



جنرل صدر محمد ايوب خان سان هن جا اختلاف ڪڏهن ٿيا؟

س: جنرل صدر محمد ايوب خان سان هن جا اختلاف ڪڏهن ٿيا؟
ج: 1966ع ۾ "تاشقند جي معاهدي" ڪانپوءِ.
س: ڀٽي صاحب پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد ڪڏهن وڌو؟
ج: 30 نومبر 1967ع ۾.
س: ڀٽي صاحب جنرل محمد ايوب خان جي حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪڏهن ڪيو؟
ج: سيپٽمبر 1968ع ۾.
س: 1970ع جي پاڪستان جي عام اليڪشن ۾ ڪهڙيءَ پارٽيءَ اڪثريت سان کٽيو؟
ج: پيپلزپارٽي اولهه پاڪستان ۾ ۽ عوامي ليگ اوڀر پاڪستان ۾.
س: اوڀر پاڪستان جي الڳ ٿيڻ بعد باقي بچيل پاڪستان جو صدر ۽ پهريون سول چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڀٽي صاحب کي ڪڏهن مقرر ڪيو ويو؟
ج: 20 ڊسمبر 1971ع تي.
س: ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ڪيترو وقت موجوده پاڪستان جو حاڪم رهيو؟
ج: 20 ڊسمبر 1971ع کان 5 جولاءِ 1977ع تائين.
س: ڀٽي صاحب اقتدار ۾ هجڻ دوران ڪڏهن اليڪشن ڪرائي؟
ج: 7 مارچ 1977ع ۽ 10 مارچ 1977ع.
س: ڀٽي صاحب جي دور کي عام طور ڪهڙو دور سڏيو ويجي ٿو؟
ج: پاڪستان جو جمهوري ۽ سونهري دور.
س: ڀٽي صاحب اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪوٺائي؟
ج: لاهور ۾ 22، 23 ۽ 24 فيبرور1974ع ۾.
س: مارچ 1977ع تي اليڪشن ڪانپوءِ ڇا ٿيو؟
ج: مخالف پارٽين اليڪشن ۾ ڌانڌليءَ جو الزام لڳائي، تحريڪ هلائي ۽ ان ڇڪتاڻ کي سبب بنائي ملڪ تي مارشلا لاڳو ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ڀٽي صاحب کي اقتدار تان هٽايو.
س: ڀٽي صاحب جو موت ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



هو اديب ۽ شاعر به هو.

ج: سندس شاعريءَ جي مشهور مجموعي جو نالو ڇا آهي؟
س: جيئي سنڌ جيئي سنڌ.
ج: حيدر بخش جتوئي ڪڏهن وفات ڪئي؟
س: 21 مئي 1970ع تي.
ج: ڪيس ڪٿي دفن ڪيو ويو؟
س: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبري جي ٽلهي تي.
ج:

## حسام الدين راشدي سيد

س: سيد حسام الدين راشديءَ جي ڪڏهن ۽ ڪٿي ولادت ٿي؟
ج: 20 سيپٽمبر 1911ع ۾ ڳوٺ بهڻ، تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾.
س: سيد حسام الدين راشدي جي ٻئي ڀاءُ جو نالو ڇا هو جيڪو مفڪر ۽ مصنف هو؟
ج: پير علي محمد راشديءَ.
س: سيد حسام الدين راشدي ڪهڙين ڪهڙين خوبين جو مالڪ هو؟
ج: سيد حسام الدين راشدي اسڪالر، محقق، مؤرخ، اديب، صحافي ۽ ٻين اڻ ڳڻين خوبين جو مالڪ هو.
س: سيد حسام الدين راشدي ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟
ج: سيد حسام الدين راشدي ڪنهن اسڪول يا ڪاليج منجهان باقاعده تعليم حاصل ته ڪانه ڪئي، ليڪن خانگي طور مولوي محمد سومار ڏڪڻ، مولوي محمد الياس ۽ مولوي سيد علي شاهه لڪياري کان تعليم حاصل ڪيائون ۽ انگريزيءَ جي تعليم نصرت اسٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر کان ورتائون. اهڙيءَ طرح هن سنڌ جي اسڪالر کي ڪوبه سرٽيفڪيٽ ۽ ڊگري نه هئي، ليڪن اعليٰ ڊگري حاصل ڪرڻ وارن کان گوءِ کٽي ويو.
س: سيد حسام الدين راشدي صحافت جي ميدان ۾ ڪڏهن پير پاتو؟
ج: 18 سالن جي عمر ۾.
س: سيد حسام الدين راشدي جو پهرين ڪهڙي اخبار سان وابسطه پيو؟
ج: "جاڳو" اخبار سان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: راشدي صاحب ڪهڙين ڪهڙين اخبارن ۽ رسالن سان وابسطا رهيو؟

ج: "المنار" اخبار جو ايڊيٽر، هفتيوار اخبار "ستاره سنڌ" پاڻ جاري ڪيائين: اخبار "الوحيد"، "قرباني"، رسالي "مهراڻ" ۽ "نئين زندگي" ۾ ڪم ڪيائين.

س: سيد حسام الدين راشدي ڪهڙي اردو اداري جو باني بڻيو؟

ج: "انجمن ترقي اردو".

س: سيد حسام الدين راشدي ڪهڙي سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي ادارن جو سرگرم ميمبر رهيو؟

ج: سيد حسام الدين راشدي صاحب، سنڌي ادبي بورڊ، اردو ڪاليج، اردو ٽرسٽ، يادگار غالب، اقبال اڪيڊمي، سينٽر اردو ڊولپمينٽ بورڊ لاهور، سنڌ يونيورسٽي، نيشنل ميوزيم، حاجي عبدالله هارون ڪاليج، پنجاب يونيورسٽي، سنڌ الاجي، پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، بين الاقوامي ڪانگريس، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ۽ يونيسڪو جي صلاحڪار ڪميٽي وغيره جو سرگرم ميمبر رهيو.

س: سيد حسام الدين راشدي صاحب ادبي لحاظ کان ڪهڙن ملڪن جو سفر ڪيو؟

ج: راشدي صاحب هانگ ڪانگ، چين، عراق، ايران، لبنان، شام، برطانيا، افغانستان ۽ فلپائن ملڪن جي ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت لاءِ الڳ الڳ وقتن تي ويندو رهيو.

س: 1963ع ۾ سنڌ جو هن اسڪالر کي عراق ملڪ جي ڪهڙن شهرن منجهه ڪهڙي خاص موقعي تي مدعو ڪيو ويو؟

ج: کيس بغداد جي ٻارهن سؤ سالا جشن ۽ الڪنديءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي مدعو ڪيو ويو.

س: حسام الدين راشدي صاحب کي سال 1963ع ۾ ايران جي حڪومت طرفان ڪهڙو "تمغو" مليو؟

ج: "نشان سپاس" جو تمغو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سيد حسام الدين راشدي صاحب تي 1964ع ۾ پاڪستان حڪومت طرفان ڪيڏانهن موڪليو ويو؟
ج: روس ڏانهن علمي ڪوجنا لاءِ.
س: سال 1964ع ۾ ٻئي ڪيس ٻئي ڪهڙي ملڪ موڪليو ويو؟
ج: هانگ ڪانگ ڏانهن.
س: ساڳي سال حڪومت پاڪستان طرفان راشدي صاحب کي ڪهڙو تمغو مليو؟
ج: صدر طرفان "تمغہ امتياز".
س: حسام الدين راشدي کي 1965ع ۾ ڪهڙيءَ حڪومت دعوت ڏئي گهرايو؟
ج: ايران جي حڪومت.
س: انهيءَ دعوت دوران کيس شهنشاهہ ايران ڪهڙو تمغو ڏنو؟
ج: "نشان سپاس درجہ اول".
س: ساڳي سال هن کي ٻيو ڪهڙو اعزاز ڪهڙي ملڪ طرفان ڏنو ويو؟
ج: کيس روس جي ڪلچر ايسوسيئيشن جو نائب صدر چونڊيو ويو.
س: 1966ع ۾ هن کي حڪومتِ پاڪستان طرفان ڪهڙن ملڪن ڏانهن موڪليو ويو؟
ج: چين ڏانهن بعد ۾ ايران ڏانهن ۽ انهيءَ کانپوءِ افغانستان.
س: سنڌ جي هن سپوت جو ادب جي ڪهڙي ڪهڙي شعبي سان گهرو چاهہ هو؟
ج: تاريخ سان.
س: شروعات ۾ هي ڪهڙي نالي سان لکندو هو؟
ج: سيد فدائي راشديءَ جي نالي سان.
س: هن ڪهڙي شعبي ۾ اعليٰ ڪم سرانجام ڏنو؟
ج: سنڌ جي تاريخ تي تمام وڏو ڪم ڪيائين.
س: راشدي صاحب ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ اهي ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ لکيائين؟
ج: ايڪيتاليهہ. جن منجهان ٻارنهن سنڌي ۽ پنجويهہ فارسيءَ ۽ چار اردوءَ ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انهيءَ وقت انگريزن خلاف ڪهڙي هنڌ جنگ هلي رهي هئي؟
ج: دُبي واري هنڌ.
س: دُبي واري جنگ ۾ هوش محمد ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو؟
ج: هن پنهنجي تلوار سان انگريزن جي ڪيترن سپاهين کي جهنم رسيده ڪيو.
س: جنرل هوش محمد شيديءَ جي شهادت ڪانپوءِ سنڌ جي فاتح انگريز سپهه سالار هن جي مڙهه سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟
ج: شهيد هوش محمد جي لاش کي ٽوپي لاهي سلام ڪيو فوجي اعزاز ۽ توپن جي سلامي ڏيئي ڪيس دفن ڪيو ويو.
س: جنرل هوش محمد شيديءَ کي فوجي اعزاز سان ڪٿي دفن ڪيو ويو؟
ج: حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ جڏهن ته ٻي راءِ آهي ته دبي جي جنگ واريءَ جاءِ تي، جتي 2016ع ۾ سندس قبر مٿان موجود سنڌ سرڪار مقبرو جوڙايو آهي.
س: وڙهڻ وقت هوش محمد شيديءَ جي زبان تي ڪهڙو نعرو هو؟
ج: "مرويسون، پر سنڌ نه ڏيسون."
س: مرڻ ڪانپوءِ به جنرل هوش محمد شيديءَ جو هٿ ڪٿي هو؟
ج: هن جو هٿ مضبوطيءَ سان تلوار جي مُٺئي ۾ ڦبيل هو.
س: هوش محمد شيدي جي شهادت ڪڏهن ٿي؟
ج: 1843ع ۾.

## جي ايم سيد

س: جي ايم سيد جو اصل نالو ڇا آهي؟
ج: سيد غلام مرتضيٰ شاهه.
س: جي ايم سيد ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟
ج: 17 جنوري 1904ع ۾ ڄامشورو ضلعي جي سن شهر ۾.
س: جي ايم سيد شروعاتي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟
ج: ماستر ڌرمداس ريواچند ۽ ماستر وسٽمل وٽان.
س: جي ايم سيد عربي ۽ فارسي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

س: ان بعد جي ايم سيد ڪهڙي پارٽي ٺاهي؟
ج: پهريائين عوامي پارٽي ۽ پوءِ عوامي محاذ.
س: جي ايم سيد کي جيل ۾ ڪڏهن اماڻيو ويو ۽ ڇو اماڻيو ويو؟
ج: 1955ع ۾ ون يونٽ خلاف آواز اٿارڻ تي.
س: جي ايم سيد "سنڌوديش" جو نعرو ڪڏهن هنيو؟
ج: 14 مارچ 1972ع تي حيدرآباد جي هڪ وڏي جلسي ۾.
س: جي ايم سيد "سنڌو ديشن" جو نعرو ڇو هنيو؟
ج: پنجاب جي بالادستي کي ختم ڪرڻ لاءِ، هن ڪيترائي جتن ڪيا. هن اول صوبائي خودمختياريءَ جي گهر ڪئي ۽ ان لاءِ ڪيترائي سال اڪيلي سر توڙي بلوچن ۽ پشتونن سان ملي جدوجهد ڪيائين. آخر محسوس ڪيائين تہ پاڪستان جا حڪمران صوبن کي صوبائي خودمختياري ڏيڻ لاءِ راضي ناهن. هن سمجهيو تہ پاڪستان جي روپ ۾ پنجاب سنڌ ۽ ٻين ننڍين صوبن جي ماڻهن جي حقن مٿان ڌاڙا هڻي ٿو ۽ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ان ڪري آخر لاچاريءَ جو اظهار ڪندي هن اهڙو نعرو هنيو ۽ عملي جدوجهد ڪيائين.
س: جي ايم سيد کي زندگيءَ ۾ ڪيترو وقت جيل ۾ يا گهر ۾ نظر بند رهڻو پيو؟
ج: 28 سال ڇهہ مهينا.
س: جي ايم سيد جي سياستدان هجڻ سان گڏ ٻي ڪهڙي سڃاڻپ آهي؟
ج: سنڌي ادب ۽ ثقافت جو وڏو ڄاڻو. تاريخ جو ماهر. وطن عزيز سان بي انتها محبت ڪندڙ صوفي. فقير طبيعت جو مالڪ. ڪيترن ڪتابن جو مصنف. محقق ۽ اسڪالر هو.
س: جي ايم سيد اٽڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟
ج: پنجاهہ کان وڌيڪ.
س: جي ايم سيد جو هن دنيا منجهان ڪڏهن لاڏاڻو ٿيو؟
ج: 25 اپريل 1995ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



## ڊاڪٽر غلام علي الانه

س: غلام علي الانه ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪنهن جي گهر ۾ جنم ورتو؟

ج: اسان جي هن مانواري محقق 15 مارچ 1930ع تي ڳوٺ ٽڙ خواجه تعلقه جاتي، ضلع ٺٽي جي هڪ غريب گهراڻي جي فرد الهه ڏتي خواجه جي گهر ۾ جنم ورتو.

س: الانه صاحب تعليم ڪٿي ڪٿي حاصل ڪئي؟

ج: ابتدائي تعليم ٽڙ خواجه جي پرائمري اسڪول ۾ جڏهن ته ثانوي تعليم ميرپور بٺوري ۽ ٽنڊو محمد خان جي اسڪول ۾ ۽ ميٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي مان 1947ع ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. بي. اي گورنمنٽ ڪاليج حيدرآباد جڏهن ته ايم. اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪيائين.

س: غريب گهراڻي سان تعلق هوندي اعليٰ تائين سلسلو ڪيئن جاري رکيائين؟

ج: سندس تعليم سان چاهه ۽ هوشياريءَ کي ڏسندي ميرپوربٺوري کان ويندي ڪراچيءَ تائين تعليمي خرچ ۽ ٻيو خرچ پکو سيٺ محب علي خواجه برداشت ڪيو جيڪو تر جو نيڪ انسان ۽ شاعر هجڻ سان گڏ راڳ جو ڄاڻو به هو.

س: الانه صاحب ڪهڙيون سرڪاري نوڪريون ڪيون؟

ج: الانه صاحب سڀ کان اول ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو ان بعد سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو ان بعد 27 جنوري 1958ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو.

س: ڇا الانه صاحب اعليٰ تعليم لاءِ ملڪ کان ٻاهر به ويو؟

ج: بلڪل. الانه صاحب اعليٰ تعليم لاءِ آغا خان اسڪالرشپ تي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ويو. هن لنڊن يونيورسٽي جي مشهور اداري "اسڪول آف اورينٽيل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز" مان 1963ع ۾ ايم. اي لسانيات جي ڊگري ورتي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: بلوچ صاحب ہيءَ کھڙي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڪڏھن کان ڪڏھن تائين رھيو؟

ج: بلوچ صاحب 1980ع کان 1982ع تائين اسلام آباد يونيورسٽيءَ جو پھريون باني وائس چانسلر رھيو.

س: بلوچ صاحب سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين ڪھڙن ادارن جو سربراھہ رھيو؟

ج: بلوچ صاحب "تاريخي ۽ ثقافتي تحقيق جي قومي ڪميشن" جو چيئرمين رھيو. 1983ع کان 1990ع تائين ھجره ڪائونسل اسلام آباد جو صلاحڪار رھيو جڏھن تہ ھو 1990ع ۾ "سنڌ لئنگويج اٿارٽي" جي قائم ٿيڻ تي ان جو پھريون چيئرمين مقرر ٿيو ۽ 1994ع تائين ان عھدي تي رھيو.

س: بلوچ صاحب جو پھريون ڪتاب ڪھڙو ڇپيو ۽ ان جي موضوع بابت ڇا ڄاڻو؟

ج: سندن پھريون ڪتاب "گڏھہ" 1946ع ۾ ڇپيو. سنڌي نثر ۾ طنز مزاح تي ھي ڪتابڙو نھايت اھم آھي.

س: بلوچ صاحب جو ٻيو مشھور ڪتاب ڪھڙو ڇپيو ۽ ان بابت ڇا ٿا ڄاڻو؟

ج: سندن مشھور ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ڇپيو جيڪو 1950ع ۾ ڇپيو ۽ اھو بلوچستان جي ٻيلي واري علائقي جي سنڌي شاعرن جي شاعريءَ تي مشتمل آھي.

س: بلوچ صاحب سنڌ جي جن اساسي ڪلاسيڪل شاعرن جو ڪلام سھيڙي ۽ تشريحي نوٽ لکي ڇپرايا، انھن مان خاص ڪھڙا آھن؟

ج: بلوچ صاحب ڪيترن ئي اساسي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام کي سھيڙيو ۽ تشريحي نوٽ لکيا، جن مان ڪجھہ ھي آھن: ڪليات حمل، ميين شاھہ عنايت جو ڪلام، شاھہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري، ڪليات سانگي، شاھہ شريف ياڏاٽيءَ جو رسالو راڳ نامون (صوفي صادق جو ڪلام)، خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو، قاضي قادن جو ڪلام، جڏھن تہ سندس شاھہ لطيف جي رسالي تي ڪيل ڪم

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


جو ڪم سونپيو ويو. جيڪو بلوچ صاحب پنهنجي ٽيم سان گڏ سرانجام ڏنو.

س: بلوچ صاحب عام استعمال لاءِ ڪهڙي لغت ترتيب ڏني ۽ اها ڪيترن جلدن تي مشتمل آهي؟

ج: بلوچ صاحب عام استعمال لاءِ "هڪ جلدي سنڌي لغت" 1991ع جو هٿ ۾ ڪنيو ۽ 1998ع ۾ هي لغت ڇپجي پڌري ٿي.

س: بلوچ صاحب جو سنڌ جي تاريخ بابت ڪيل ڪم ڪهڙو آهي، سو ٻڌايو؟

ج: بلوچ صاحب سنڌ جي تاريخ جي تحقيق لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو هن سنڌ جي تاريخ سان واسطيدار عربي ۽ فارسي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرايا ۽ انهن تي پاڻ تشريحون ۽ تعليقات لکيائون. ان سلسلي ۾ هي ڪتاب: 1. بيگلار نامو 2. تاريخ طاهري، 3. لبِ تاريخ سنڌ، 4. چچ نامون، 5. تاريخ معصومي ۽ 6. تحفة الڪرام خاص اهميت وارا آهن.

س: بلوچ صاحب کي پاڪستان گورنمنٽ ڪهڙا خاص اعزاز ڏنا؟

ج: بلوچ صاحب کي پاڪستان گورنمنٽ "تمغه پاڪستان" ۽ "ستاره قائداعظم ايوارڊ" جڏهن ته کين صدارتي ايوارڊ "حسن ڪارڪردگي" پڻ مليو.

س: بلوچ صاحب ڪڏهن وفات ڪئي ۽ کين ڪٿي دفن ڪيو ويو؟

ج: بلوچ صاحب 6 اپريل 2011ع تي وفات ڪئي ۽ کين سندس وصيت موجب سنڌ يونيورسٽيءَ اندر علامه آءِ آءِ قاضي جي پير ۾ دفن ڪيو ويو.

## عبدالرحيم گرهوڙيؒ

س: عبدالرحيم گرهوڙيؒ جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟

ج: مگريه قبيلي سان.

س: عبدالرحيم گرهوڙيؒ جي والد جو نالو ڇا هو؟

ج: سعدالله.

س: عبدالرحيم گرهوڙيؒ ڪڏهن پيدا ٿيو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


ج: سال 1154 هجري مطابق 1739ع.
س: گرهوڙي صاحبؒ شاهہ عنايت شهيدؒ جي خليفي ميان ابن سهول جي صحبت ۾ جهوڪ شريف جي درگاهہ ۾ ڪيترو وقت گذاريو؟
ج: هڪ سال.
س: ميان سرفراز ڪلهوڙي، گرهوڙي صاحبؒ سان مناظري لاءِ ڪيترا عالم گڏ ڪيا هئا؟
ج: 240 عالم.
س: مناظرو ڪهڙي طريقي سان ڪيو ويو؟
ج: عالم سڳورا ڪتاب ڏسي سوال پيا ڪن، جڏهن تہ گرهوڙي صاحب زباني جواب پيو ڏئي.
س: مناظري جو منصف ڪير هو؟
ج: سيد جمال شاهہ پريالوي
س: مناظري بعد سيد جمال شاهہ پريالوي ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
ج: بدعت هن شخص وٽ ڪتان آئي، هي تہ سچو مسلمان آهي.
س: گرهوڙي صاحبؒ مهاديو جي مڙهي ٽوڙي ان جاءِ تي ڇا ٺاهڻ پيو چاهي؟
ج: مسجد.
س: ڪيتريءَ عمر ۾ گرهوڙي صاحبؒ کي شهيد ڪيو ويو؟
ج: 40 سالن جي عمر ۾.
س: گرهوڙيؒ صاحب جي طرفان گهڻا ماڻهو هئا؟
ج: 72 ماڻهو.
س: گروهڙي صاحب جون ڪهڙيون مشهور تصنيفون آهن؟
ج: "ڪلام گرهوڙي"، "فتح الفضل"....
س: گروهڙي صاحب جو مرشد ڪير هو؟
ج: لنواري وارو بزرگ حضرت سلطان اولياء خواجہ محمد زمانؒ.

## محمد ابراهيم جويو

س: محمد ابراهيم جوئي ڪڏهن ۽ ڪٿي جنم ورتو؟
ج: هن 13 آگسٽ 1915ع ۾ تيرٿ لڪيءَ پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ "آباد" ۾ جنم ورتو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سندس والد جو نالو ڇا هو؟
ج: محمد خان جويو.
س: سندس پرورش پيءُ بجاءِ ڏاڏي ڇو ڪئي؟
ج: سندس والد ننڍي هوندي ئي گذري ويو ان ڪري سندس ڏاڏي ئي سندس پرورش ۽ سار سنڀال ڪئي.
س: محمد ابراهيم جوئي تعليم ڪٿي پرائي؟
ج: هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري "آباد" اسڪول ۾ پرائي ۽ اُتي چار درجا سنڌي پڙهيو پوءِ لڪيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتي ٻه درجا وڌيڪ پڙهي 1928ع ۾ سن اسڪول ۾ داخل ٿيو اُتان وڌيڪ ٽي درجا پاس ڪري 1930ع ڌاري ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ اچي پڙهڻ وينو. جتان 1934ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ اُتان 1938ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيائين.
س: محمد ابراهيم جوئي تعليم پرائڻ بعد ڪهڙيون ڪهڙيون نوڪريون ڪيون؟
ج: بي. اي ڪرڻ بعد سنڌ مدرسي ۾ اُستاد مقرر ٿيو جتان هو 1940ع ۾ بمبئي بي ٽي ڪرڻ ويو. واپسيءَ تي سنڌ مدرسي ۾ نوڪري دوران هن هڪ ڪتاب نالي "سيوَ سنڌ سيو سب ڪانٽينينٽ" لکيو جنهن تان ڪاوڙجي مدرسي جي صدر پير الاهي بخش کيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ان بعد 1948ع ۾ ٺٽي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ورتائين. اُتان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد بدلي ٿيس ۽ پوءِ رٽائرمينٽ تائين تعليم واري پيشي سان وابسطه رهيو.
س: محمد ابراهيم جوئي ڪهڙي سرڪاري ادبي اداري کي اوج تي رسايو؟
ج: جوئي صاحب 1951ع کان وٺندي 1973ع تائين سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت ڪندي اڻ ٿڪ محنت ڪئي ۽ دوراندیشي ذريعي هن اداري کي اوج تي رسايائين. انگريزي زبان جي چونڊ ڪتابن جا ترجما ڪرائي شايع ڪرايائين. سچ پچ ته ادبي بورڊ حقيقي اوج محمد ابراهيم جوئي جي زماني ۾ ئي ڏٺو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.Fa...com/groups/Kutabkhano



س: جوڻي صاحب جا طبع زاد ڪتاب ڪهڙا آهن؟
ج: شاهه سچل سامي، سيو سنڌ سيو سب ڪانٽينيٽ، ماڻهوءَ جو ياڳ، سنڌ منهنجي سپنن جي، ادب ٻوليءَ ۽ تعليم، سنڌ جا مون سپنن ۾ سوچي، وغيره.
س: جوڻي صاحب جا ترجما ٿيل ڪجهه اهم ڪتاب ٻڌايو؟
ج: وحشي جيوت جا نشان ٻارن جو مسيح، فرينچ انقلاب، گليلو علم تدريس مظلومن لاءِ ايملي عرف تعليم فلسفي جو ابتدائي ڪورس وغيره
س: ناليواري دانشور سراج ميمڻ، محمدا براهيم جوڻي جي ترجمن لاءِ ڇا لکيو آهي؟
ج: سراج لکيو آهي ته: "ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ جوڻي صاحب جي فڪر ڪي وڏو دخل آهي ۽ اهو فڪر آهي ته جيڪي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمون ٿين، سي نه رڳو ادب ۾ اضافو آڻين، بلڪ سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان ڪي ذهني سفر ۾ ٻه ٻه قدم اڳتي وٺي وڃن."
س: سنڌ جا ڪهڙا چوٽيءَ جا اديب ۽ ڏاها ڪيس پنهنجي ادبي ۽ سياسي سفر جو سونهون ۽ استاد تصور ڪن ٿا ۽ ان جو اظهار پڻ ڪن ٿا؟
ج: شيخ اياز، رسول بخش پليجو، جامي چانڊيو، ڊاڪٽر آزاد قاضي، تنوير عباسي ۽ ٻيا ڪيترائي ٽن پيڙهين جا اديب سندس ڏاهپ مان چسڪيون ڀري چڪا آهن.

## مولوي احمد ملاح

س: مولوي احمد ملاح ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟
ج: مولوي احمد ملاح 1896ع ۾ روپاهه ماڙي لڳ ڳوٺ ڪنڊي، ضلع بدين ۾ ڄائو.
س: مولوي احمد ملاح ننڍي هوندي ڇا ڪندو هو؟
ج: مال چاريندو هو.
س: هن ديني تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟
ج: هن پهريائين بدين جي مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪئي ۽ ان بعد ٻين علائقن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: هن ڪهڙين ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪئي؟
ج: سنڌي، فارسي، اردو ۽ عربيءَ ۾.
س: تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڇا ڪيو؟
ج: مدرسه مظهر العلوم بدين جو بنياد وڌائين ۽ پوءِ غريب آباد ۾ مدرسو قائم ڪيائين، جتي هن وقت اسڪول غريب آباد موجود آهي.
س: انهن مدرسن قائم ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڇا ڪيو؟
ج: انهن مدرسن جو معظم اعليٰ رهيو ۽ انهيءَ سان گڏ منتظم به رهيو.
س: انهيءَ درس ۽ تدريس جي دوران هن ٻيو ڪم سرانجام ڏنو؟
ج: خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ هترادو حج خلاف به تحريڪ هلايائين ۽ انهيءَ کي بند ڪرائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ آهي.
س: مولوي احمد ملاح جو انهن ڪمن ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو منفرد ڪم آهي، جيڪو قيامت تائين ياد رکيو ويندو؟
ج: قرآن مجيد جو "نور القرآن" جي نالي سان سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪيو اٿائين. جيڪو دنيا ۾ هڪ منفرد ترجمو آهي.
س: هن ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ شعر چيا آهن؟
ج: هن فارسي، عربي، سنڌي، اردو ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ شعر چيا آهن.
س: مولوي احمد ملاح سنڌي ٻولي جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪو شعري مجموعو ڇپيل آهي؟
ج: سندس ننڍا ننڍا پنج شعري مجموعا جهڙوڪ: گلزار احمد، گلشن احمد، هيڪڙائي حق، بياض احمد، پيغام احمد ۽ ديوان احمد غزلن جو مجموعو ڪيتري عرصي کان مارڪيٽ ۾ موجود رهيا. پر هن وقت سندس ڪل ڪلام تي مشتمل ڪتاب "ڪليات احمد" ٻن جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.
س: اهو ڪليات ڪنهن مرتب ڪيو آهي؟
ج: مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جي شيدائي پروفيسر زرار رستماڻي صاحب.
س: مولوي احمد ملاح هن دنيا منجهان ڪڏهن لاڏاڻو ڪيو؟
ج: 19 جولاءِ 1969ع ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


## مولانا سيد تاج محمد امروٽيؒ

س: مولانا سيد تاج محمد امروٽيؒ جو شجرو ڪنهن سان ملي ٿو؟
ج: سيد عبدالقادر جيلانيؒ سان.
س: مولانا امروٽيؒ جي والد صاحب جو نالو ڇا هو؟
ج: سيد عبدالقادر عرف پورل شاهه.
س: مولانا امروٽيؒ جي ولادت ڪٿي ٿي هئي؟
ج: خيرپور رياست جي پريالو شهر پرسان، ڳاڙهي موري
س: مولانا امروٽيؒ جي ولادت ڪڏهن ٿي؟
ج: 1276هه مطابق 1857ع.
س: مولانا امروٽيؒ سڀ کان پهريائين ڪنهن جي هٿ تي بعيت ڪئي؟
ج: حافظ محمد صديق پرچونڊيؒ جي هٿ تي.
س: مولانا عبيدالله سنڌي "جنود ربانيه" نالي جيڪا اسلامي فوج ٺاهي هئي، سنڌ ۾ ان جو ڪمانڊر ڪنهن کي بنايو هئائين؟
ج: مولانا امروٽيءَ کي.
س: مولانا تاج محمد امروٽيؒ جي هٿ تي ڪيترن غير مسلمن اسلام قبول ڪيو هو؟
ج: سندس هٿ تي ست هزار کان مٿي ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو.
س: مولانا امروٽيؒ علم ۽ ادب جي لحاظ کان سنڌ ۾ اهم ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو؟
ج: هن هڪ آزاد اسلامي پريس جو بنياد رکيائين.
س: انهيءَ پريس جو نالو ڇا رکيو ويو؟
ج: محمود المطبع.
س: مولانا امروٽيؒ پنهنجي ڳوٺ منجهان ڪهڙو سنڌي ماهوار رسالو جاري ڪيو هو؟
ج: ماهنامه "اخوان المسلمون".
س: اخوان المسلمون رسالي جاري ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪهڙي تبديلي آئي؟
ج: سنڌ جي مسلمانن ۾ مذهبي ۽ سماجي شعور پيدا ٿيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مولانا دين محمد وفائي صاحب سڀ کان پھريائين ڪنھن وٽ تعليم حاصل ڪئي؟

ج: پنھنجي والد حڪيم گل محمد وٽ.

س: مولانا وفائي پنھنجي والد کانپوءِ ڪنھن وٽ تعليم حاصل ڪئي؟

ج: مولانا محمد عالم وٽ.

س: مولانا وفائي، محمد عالم کانپوءِ ڪھڙي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي؟

ج: مدرسي سونا خان جتوئيءَ ۾.

س: مدرسي سونا خان جتوئي ۾ مولانا وفائيءَ جو استاد ڪير ھو؟

ج: مولوي غلام عمر جتوئي.

س: تعليم کان فارغ ٿيڻ بعد پاڻ ڪھڙي مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو؟

ج: سنڌ مدرسته السلام ڪراچي ۾.

س: مولانا وفائي انگريزن جي خلاف ڪھڙيءَ اخبار ۾ لکندو ھو؟

ج: سکر منجھان نڪرندڙ اخبار "اخبار الحق" ۾.

س: مولانا وفائي کي "الوحيد" اخبار جو سب ايڊيٽر ڪڏھن مقرر ڪيو ويو؟

ج: 1920ع کان، جڏھن کان الوحيد اخبار جاري ٿي.

س: مولانا وفائي توحيد نالي رسالو ڪڏھن جاري ڪيو؟

ج: 1935ع ۾.

س: مولانا وفائيءَ ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيا؟

ج: 48 ڪتاب.

س: مولانا وفائي جي ڪجھ اھم ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟

ج: لطائف الطيف، تذڪره مشاھير سنڌ.

س: مولانا وفائيءَ ڪڏھن وفات ڪئي؟

ج: 1950ع ۾.

س: سيد حسام الدين راشدي مولانا وفائيءَ لاءِ ڇا چوندو ھو؟

ج: "تاريخ سنڌ جو امام".

## مولانا عبيدالله سنڌيؒ

س: مولانا عبيدالله سنڌيؒ ڪڏھن ۽ ڪٿي ڄائو؟

ج: 10 مارچ 1874ع ۾ سيالڪوٽ جي ڳوٺ چيانوالا ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مولانا سنڌيؒ ڪهڙي مذهبي گهراڻي ۾ ڄائو؟
ج: سک مذهبي گهراڻي ۾.
س: سندس والد جو نالو ڇا هو؟
ج: رام سنگهه.
س: مولانا سنڌيؒ شروعاتي تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟
ج: ڄام ڳوٺ جي مڊل اسڪول ۾.
س: اسلام قبول ڪرڻ لاءِ مولانا سنڌيؒ ڪي ڪهڙن ٻن ڪتابن متاثر ڪيو؟
ج: تحفته الهند ۽ تقويت الايمان.
س: مولانا سنڌيؒ اسلام جي دائري ۾ ڪڏهن قدم رکيو؟
ج: 13 سالن جي عمر ۾ سال 1887ع منجهه.
س: اسلام آڻڻ کانپوءِ مولانا سنڌيؒ ڪيڏانهن هليو ويو؟
ج: مظفر ڳڙهه ڏانهن.
س: سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ ڪهڙيءَ درگاهه ۾ قدم رکيائين؟
ج: ڀرچونڊيءَ واريءَ درگاهه ۾.
س: ڀرچونڊيءَ کانپوءِ ڪيڏانهن هليو ويو؟
ج: هندستان جي مشهور علمي درسگاهه ديوبند ڏانهن.
س: مولانا سنڌيؒ "ريشمي رومال تحريڪ" جو روح روان ڪڏهن بڻيو؟
ج: 1914ع ۾.
س: مولانا سنڌيؒ سنڌ کان هجرت ڪري ڪيڏانهن ويو؟
ج: ڪابل ڏانهن.
س: مولانا سنڌيؒ ڪهڙو رسالو جاري ڪيو هو؟
ج: هدايت الاخوان.
س: مولانا سنڌيؒ ڪهڙي ڪميونسٽ اڳواڻ کي اسلام جي دعوت ڏني؟
ج: مولانا سنڌيؒ لينن کي اسلام جي دعوت ڏني هئي.

## مير معصوم شاهه بکري

س: مير معصوم شاهه جو اصلي نالو ڇا هو؟
ج: سيد نظام الدين محمد معصوم.
س: مير معصوم شاهه جي والد جو نالو ڇا هو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



ج: سيد صفائي حسيني.

س: سلطان محمد خان جي حڪومت ۾ مير معصوم شاھ جي والد کي ڪهڙو عهدو هو؟

ج: مفتي اعظم جو.

س: مير معصوم شاھ پنهنجي والد ڪانپوءِ، ڪنهن وٽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي؟

ج: ملان محمد سيوهاڻيءَ وٽ.

س: مير معصوم شاھ بکريؒ ڪڏهن پيدا ٿيو هو؟

ج: 7 رمضان 944ھ.

س: اڪبر بادشاھ مير معصوم شاھ بکري کي ڪهڙو عهدو ڏنو هو؟

ج: ڪيس دربيلي ۽ چانڊڪي پرڳڻي جو گورنر مقرر ڪيو هئائين.

س: مير معصوم شاھ بکري سنڌ تي ڪهڙو ڪتاب لکيو هو؟

ج: "تاريخ معصومي" نالي ڪتاب، جيڪو سنڌ جي تاريخ تي لکيل آهي.

س: تاريخ معصومي سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ ڪهڙو مقام رکي ٿيو؟

ج: هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ تي مستند دستاويز شمار ڪيو وڃي ٿو.

س: تاريخ معصوميءَ جي ڇهن نسخن کي اڳيان رکي نئين طريقي سان انهيءَ جي ترتيب ڪئي وئي هئي، ٻڌايو تہ اهو ڪم سنڌ جي ڪهڙي محقق سرانجام ڏنو؟

ج: ڊاڪٽر شمس العلماءَ عمر بن محمد دائودپوٽي صاحب.

س: تاريخ معصوميءَ جا نسخا سنڌ ڪانسواءِ ٻيو ڪٽي موجود آهن؟

ج: انڊيا آفيس لائبريريءَ، برٽش ميوزم ۽ تهران يونيورسٽي ۾.

س: مير معصوم شاھ بکري ڪهڙيون ڪهڙيون عمارتون تعمير ڪرايون هيون؟

ج: : سيتامر، اڪبر آباد جو دروازو، فتح پور سيڪري، سکر جو معصوم شاھ منارو ۽ فيض محل.

س: مير معصوم شاھ مرزا عبدالرحيم خان خانان ڪهڙو علائقو فتح ڪيو؟

ج: گجرات.

س: مير معصوم شاھ کي اڪبر بادشاھ ڪهڙا علائقا جاگير ڏنا؟

ج: ڪاڪڙي، دربيلو ۽ چانڊڪا (لاڙڪاڻو).

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مير معصوم شاهہ کي اڪبر بادشاهہ جي حڪومت ۾ ڪهڙا ڪهڙا عهدا مليا؟

ج: ايران ۾ سفير بہ رهيو ۽ گورنر سنڌ پڻ رهيو.

س: قنڌار ۾ مير معصوم شاهہ گهڻو وقت رهيو؟

ج: ٽي سال.

س: اڪبر بادشاهہ جي وفات کانپوءِ جهانگير، مير معصوم شاهہ کي ڪهڙو عهدو ڏنو هو؟

ج: اڪبر جو امين الملڪ.

## مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ

س: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جا وڏا عرب جي ڪهڙي قبيلي سان تعلق رکندا هئا؟

ج: قريش جي حارث خاندان.

س: مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جي والد جو نالو ڇا هو؟

ج: مخدوم عبدالغفورؒ.

س: مخدوم صاحبؒ جن ڪٿي پيدا ٿيا هئا؟

ج: بٺوري ۾.

س: مخدوم صاحبؒ شروعاتي تعليم ڪنهن کان حاصل ڪئي؟

ج: پنهنجي والد کان.

س: والد کانپوءِ هن ڪنهن ڪنهن کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي؟

ج: مخدوم محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءَ الدين کان.

س: مخدومؒ محمد هاشم پهريائين مدرسو ڪٿي قائم ڪيو؟

ج: بٺوري ۾.

س: بٺوري کانپوءِ هن مستقل رهائش ڪٿي اختيار ڪئي؟

ج: ٺٽي ۾.

س: مخدومؒ صاحب ٺٽي ۾ پهريون ڪهڙو ڪم سرانجام ڏنو؟

ج: هن غير شرعي ڪمن کي روڪڻ لاءِ وقت جي حاڪم کان پروانو جاري ڪرايو جنهن سان سڀ سرڪاري آفيسر عمل ڪرڻ لاءِ پابند هئا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: انهيءَ وقت سنڌ جو حاڪم ڪير هو؟
ج: ميان غلام شاهه ڪلهوڙو.
س: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي مخدوم صاحبؒ کي ڪهڙو عهدو ڏنو؟
ج: قاضي القضاه (چيف جسٽس) جو.
س: مخدوم صاحبؒ جن حج بيت الله جي خيال کان ڪڏهن روانا ٿيا هئا؟
ج: 1135 ۾.
س: حج کان واپس ٿيڻ وقت پاڻ ڪهڙي بندرگاهه ڏانهن ويا هئا؟
ج: سورت جي بندرگاهه ڏانهن.
س: مخدوم صاحبؒ جن ڪڏهن سنڌ ۾ واپس آيا؟
ج: 1137هه ۾.
س: مخدوم صاحبؒ جن ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ ڪتاب لکيا هئا؟
ج: سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾.
س: مخدوم صاحبؒ جن اٽڪل گهڻا ڪتاب لکيا هئا؟
ج: اٽڪل 400 ڪتاب.
س: مخدوم صاحبؒ جا خاص ڪتاب ڪٿي پڙهايا وڃن ٿا؟
ج: مصر جي جامع الازهري يونيورسٽيءَ ۾.
س: سنڌيءَ ۾ مخدوم صاحبؒ جن ڪتاب ڪهڙيءَ صنف ۾ لکيا هئا؟
ج: قديم سنڌي نظم ۾.
س: مخدوم صاحبؒ جن جو لاڏاڻو ڪڏهن ٿيو هو؟
ج: 1174 هه مطابق 1761ع ۾.
س: مخدوم صاحبؒ جن جي مزار ڪٿي واقع آهي؟
ج: ٺٽي جي ڀرسان مڪليءَ جي مشهور قبرستان ۾.
س: مخدوم صاحبؒ جا مکيه ڪتاب ڪهڙا آهن؟
ج: فرائض الاسلام، زادالفقير، قوت العاشقين، ذريعته الوصول في الیٰ جناب الرسول، تفسير هاشمي، وسيلته الغريب، بذل القوه، راحت المومنين، بياض هاشمي ۽ عروج سنڌ وغيره.
س: بياض هاشمي گهڻن جلدن تي مشتمل آهي؟
ج: چئن جلدن تي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khan Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: سچل سرمستؒ جو اصلي نالو ڇا هو؟
ج: عبدالوهاب.
س: سچل سرمستؒ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟
ج: 1152 هجري مطابق 1732ع درازا شريف ۾ لڳ راڻي پور ضلع خيرپور ميرس ۾.
س: سچل سرمستؒ کي شاعريءَ جي لحاظ کان ڪهڙو لقب ڏنو ويو آهي؟
ج: هفت زبان شاعر.
س: حضرت سچل سرمست کي "هفت زبان" جو لقب ڇو ڏنو ويو؟
ج: ستن زبانن ۾ شعر چوڻ ڪري.
س: مرزا علي قلي بيگ جي تحقيقات مطابق سچل سرمستؒ جي سنڌي، اردو سرائڪي ۽ فارسي شعرن جو ڪل تعداد گهڻو آهي؟
ج: 9216 ابيات.
س: سچل سرمستؒ جي مکيه فارسي ڪتابن جا نالا ڪهڙا آهن؟
ج: ديوان آشڪار راز نامه، رهبر نامه، گداز نامه، تارنامه ۽ ساقي نامه.
س: ديوان آشڪار جو پهريون ڇاپو ڪنهن شايع ڪرايو هو؟
ج: مير علي مراد خان.
س: سچل جو سرائڪي ڪلام متعلق ڇا ٿا ڄاڻو؟
ج: سچل جو سرائڪي ڪلام، مولانا محمد صادق راڻي پوريءَ سهيڙيو ۽ "سچل جو سرائڪي ڪلام" نالي سان ڇپيو.
س: تار نامه، ساقي نامه جو منظوم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪنهن ڪيو هو؟ جيڪو مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو؟
ج: پروفيسر عطا محمد حامي.
س: سچل جو سنڌي ڪلام ڪنهن سهيڙيو ۽ ڪهڙي نالي سان شايع ٿيو؟
ج: سچل جو سنڌي ڪلام عثمان علي انصاري سهيڙيو. "سچل سرمست جو رسالو" نالي سان.
س: سچل اڪيڊميءَ جو بنياد ڪهڙي شهر ۾ رکيو ويو؟
ج: خيرپور ميرس ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ڪهڙي سال پهريون دفعو سچل سرمستؒ جي تقريب کي ريڊيو حيدرآباد کان سنئون سڌو نشر ڪيو ويو؟
ج: 1974ع ۾.
س: ايم ڊي بالا سچل جو ”ديوان آشڪار“ مجموعو ڪڏهن شايع ڪرايو هو؟
ج: 1947ع ۾.
س: انهيءَ اداري کي ڪهڙي نئين نالي ۾ ۽ ڪڏهن تبديل ڪيو ويو؟
ج: ”سچل يادگار ڪميٽي“ جي نالي ۾ 1970ع ۾.
س: حڪومت سچل سرمست ميله ڪميٽي ڪڏهن قائم ڪئي؟
ج: 1975ع ۾.
س: سچل گولڊ ميڊل ۽ سچل ايوارڊ پهريون دفعو ڪڏهن ڏنو ويو؟
ج: 15 جولاءِ 1981ع ۾.
س: سچل سرمستؒ کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟
ج: منصور ثاني.
س: سچل سرمستؒ کي ٻئي ڪهڙي لقب سان سڏيو ويندو آهي؟
ج: سلطان الشعراءِ.
س: سچل سرمرستؒ جو مقبرو ڪٿي واقع آهي؟
ج: درازا ڳوٺ گمبٽ ۽ راڻي پور جي وچ, ضلع خيرپورميرس ۾.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

س: شاهه لطيف جي وڏڙن مان پهريان سنڌ ۾ ڪير ۽ ڪٿان آيو؟
ج: سيد حيدر بن عليؒ هرات کان سنڌ ۾ آيو.
س: سيد حيدر بن عليؒ هرات کان ڪڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيو هو؟
ج: محرم 801 هجري مطابق سيپٽمبر 1398ع ۾.
س: سيد حيدرؒ سنڌ جي ڪهڙي شهر کي پنهنجو آرام گاهه بڻايو؟
ج: هالا ڪنڊي (پراڻو هالا).
س: سنڌ ۾ انهيءَ وقت ڪنهن جي حڪومت هئي؟
ج: سمن جي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سيد حيدرؒ ڪيترو وقت سنڌ ۾ رهيو؟
ج: سترهن مهينا.
س: شاهه عبداللطيفؒ جي پڙ ڏاڏي جو نالو ڇا هو؟
ج: شاهه عبدالڪريمؒ بلڙيءَ وارو.
س: شاهه عبدللطيفؒ ڀٽائي جي والد جونالو ڇا هو؟
ج: شاهه حبيبؒ.
س: شاهه عبداللطيفؒ ڪڏهن تولد ٿيو هو؟
ج: 1689ع مطابق 1101هه.
س: شاهه عبداللطيفؒ پاڻ سان گڏ ڪهڙا ٻه ڪتاب کڻندو هو؟
ج: قرآن مجيد ۽ مثنوي مولانا روم.
س: شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي رسالي ۾ جيڪي 30 باب ڇاپايل آهن، انهن کي ڇا سڏيو ويندو آهي؟
ج: "سُر".
س: شاهه صاحبؒ پنهنجي بيتن لاءِ ڇا فرمايو آهي؟
ج: جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.
س: شاهه عبداللطيفؒ ڪهڙي استاد وٽ قرآن شريف پڙهيو هو؟
ج: آخوند نور محمد ڀٽيؒ وٽ.
س: شاهه صاحبؒ سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ ٻين ڪهڙين ٻولين ۾ مهارت رکندو هو؟
ج: عربي ۽ فارسي زبانن ۾.
س: شاهه صاحبؒ مسلمان صوفي بزرگن جي ڪهڙي سلسلي سان تعلق رکندو هو؟
ج: قادري سلسلي سان.
س: شاهه صاحبؒ جي شادي گهڻن سالن جي عمر ۾ ٿي؟
ج: چوويهن سالن جي عمر ۾.
س: شاهه صاحبؒ جي شادي ڪنهن وٽان ٿي؟
ج: مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ سان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: شاهه صاحبؒ سنڌ کان علاوه ڪهڙن ڪهڙن هنڌن تي گهمڻ ويو؟
ج: ملتان، ڪڇ، لس ٻيلي ۽ هنگلاج.
س: شاهه صاحبؒ جوانيءَ ۾ ڪهڙين جاين تي وڃي الله جي ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو؟
ج: شاهه جو لڪ، شاهه جو ڪنڊو ۽ ڀٽ شاهه واري ماڳ وٽ.
س: شاهه صاحبؒ موجود ڀٽ شاهه واري ڀٽ ڪيتريءَ عمر ۾ ۽ ڪڏهن وسائي؟
ج: 41 سالن جي عمر ۾، 1142 هجري، مطابق 1730ع ڌاري
س: ڪوٽڙيءَ منجهان لڏي اچي ڀٽ تي ڪهڙي سال ويٺا؟
ج: 1143هه ۾.
س: شاهه صاحبؒ جي والد شاهه حبيبؒ ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج: 1144 هجريءَ ۾.
س: شاهه صاحبؒ جن گهڻو وقت ويهي ڀٽ تي گذاريو؟
ج: اٽڪل ويهه سال.
س: شاهه صاحبؒ جو ٺٽي جي ڪهڙي عالم سان روحاني تعلق هو؟
ج: صوفي بزرگ مخدوم محمد معين ٺٽويؒ سان.
س: شاهه صاحبؒ جو هن دنيا منجهان ڪڏهن لاڏاڻو ٿيو؟
ج: 14 صفر 1165 هجري مطابق 24 ڊسمبر 1752ع ۾.
س: شاهه صاحبؒ ڪيتريءَ عمر ۾ وفات ڪئي؟
ج: اٽڪل ٽيهٺ سالن جي عمر ۾.
س: شاهه صاحبؒ جو مقبرو ڪلهوڙن جي ڪهڙي حڪمران ٺهرايو؟
ج: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي
س: ميان غلام شاهه، شاهه صاحبؒ جو مقبرو ڪڏهن تعمير ڪرايو هو؟
ج: 1754ع ۾.
س: شاعرن جو سرتاج ڪنهن کي سڏيو ويندو آهي؟
ج: شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ کي.

## شاهه عنايت شهيدؒ

س: شاهه عنايت شهيدؒ جا وڏا ڪٿان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا؟
ج: اُچ شريف کان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/KutabKhano


س: شاهه عنايت شهيدؒ ڪٿي پيدا ٿيو هو؟
ج: ميرانپور ۾.
س: حيدرآباد دکن ۾ شاهه عنايت شهيدؒ ڪنهن جي بعيت ڪئي هئي؟
ج: سيد عبدالملڪ شاهه جي.
س: سنڌ ۾ شاهه عنايت شهيدؒ ڪهڙو مقام حاصل ڪيو؟
ج: ڪيترائي عالم فقير ۽ عام ماڻهو هن جا مريد بنجي ويا.
س: شاهه عنايت شهيدؒ کي ڪنهن شهيد ڪرايو؟
ج: مغل گورنر اعظم خان ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي
س: ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ شاهه عنايتؒ جا فقير ڪهڙي ذڪر ۾ مصروف هئا؟
ج: فقير الله جي ذڪر ۾ مصروف هئا.
س: شاهه عنايت شهيدؒ جو گهڻو وقت گهيراءُ جاري رهيو؟
ج: چار مهينا.
س: شاهه عنايتؒ جو نعرو ڪهڙو هو؟
ج: جيڪو کيڙي سو کائي.
س: انهيءَ نعري جو نتيجو ڇا نڪتو؟
ج: سنڌ جا هزارين مظلوم هاري شاهه عنايت شهيدؒ جا طرفدار بڻيا. جڏهن تہ جا زميندار ۽ سنڌ جا حڪمران توڙي دهليءَ جو بادشاهه سندس دشمن ٿي بيٺو.
س: جنگ جي وقت شاهه عنايت شهيدؒ جي اڳيان ڪهڙو خاص شرط رکيو ويو؟
ج: هارين کي واپس زميندارن ڏانهن موڪليو وڃي.
س: شاهه عنايتؒ ڪهڙو جواب ڏنو؟
ج: شاهه عنايتؒ هارين کي واپس ڪرڻ کان انڪار ڪيو.
س: شاههؒ جي انڪار کانپوءِ حڪمرانن ڇا ڪيو؟
ج: شاههؒ جي انڪار کانپوءِ فتويٰ جاري ڪرائي وئي تہ شاهه عنايتؒ کي مارڻ جائز آهي.
س: شاهه عنايتؒ کي ڪڏهن شهيد ڪيو ويو؟
ج: 229 هجري ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: شاهہ عنايت شهيدؒ جي مزار ڪٿي آهي؟

ج: جهوڪ شريف ۾.

س: شاهہ عنايت سان گڏ ڪيترن هارين کي دوکي سان شهيد ڪيو ويو؟

ج: چاليهہ هزار هارين کي.

## شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ

س: مرزا قليچ بيگ جا وڏا ڪٿان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا؟

ج: مرزا قليچ بيگ جو والد مرزا فريدون بيگ ڏهن سالن جي عمر ۾ ايران جي حڪومت پاران 1797ع ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر کي سوکڙِ ڪري موڪليو ويو. سندس عيسائي نالو "سبني" هو جو بدلائي "فريدون" رکيو ويو.

س: مرزا قليچ بيگ ڪڏهن پيدا ٿيو هو؟

ج: 4 محرم 1270هہ مطابق 7 آڪٽوبر 1853ع.

س: مرزا قليچ بيگ ڪٿي ڄائو هو؟

ج: حيدرآباد جي پاڙي ٽنڊي ٺوڙهي ۾.

س: تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ مرزا قليچ بيگ ڪهڙو ڌنڌو اختيار ڪيو؟

ج: سرڪاري ملازمت.

س: مرزا صاحب ۽ ان جي زال گڏجي ڪهڙا ٻہ ڪتاب لکيا؟

ج: زينت ۽ صحت النساءِ.

س: مرزا قليچ بيگ اٽڪل گهڻا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا؟

ج: اٽڪل چار سئو ڪتاب.

س: مرزا صاحب جي ڪتاب لکڻ جو طريقو ڪهڙو هو؟

ج: مرزا صاحب صبح جو هڪ ڪتاب، منجهند جو ٻيو ۽ رات جو ٽيون ڪتاب لکندو هو سي بہ الڳ الڳ هنڌن تي ويهي لکندو هو.

س: مرزا قليچ بيگ گهڻا شعر لکيا هئا؟

ج: 22 هزار شعر.

س: مرزا صاحب ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون ڳالهائيندو هو؟

ج: سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، اردو، سرائڪي، پنجابي، مرائي، گجراتي، بلوچي، پشتو، براهوي ۽ هندي ٻوليون ڳالهائيندو هو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: مرزا صاحب جي شاعري جي ڇپيل ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

ج: ”ديوانِ قليچ“.

س: مرزا صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ڪهڙِ نالي سان لکي؟

ج: ”سائو پن ڪارو پن“.

س: مرزا صاحب ڪڏهن رٽائرڊ ٿيو؟

ج: 1909ع ۾ 57 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو.

س: مرزا صاحب کي شمش العلماءَ جو خطاب ڪڏهن ۽ ڇو مليو؟

ج: مرزا صاحب کي انگريز سرڪار پاران علمي ادبي خدمت عيوض اول 1924ع ۾ ۾ ”خان بهادر“ جو لقب مليو ۽ پوءِ کيس ”شمس العلماءُ“ جو خطاب پڻ مليو.

س: مرزا صاحب هن جهان منجهان ڪڏهن لاڏاڻو ڪيو؟

ج: 3 جولا 1929ع ۾.

## شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه

س: محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائي؟

ج: 21 جون 1953ع تي ڪراچيءَ ۾.

س: محترمه بينظير ڀٽو صاحبه تعليم ڪٿي ڪٿي حاصل ۽ ڪٿي مڪمل ڪئي؟

ج: شروعاتي تعليم ڪراچي ۾ ۽ بي. اي هارورڊ يونيورسٽي منجهان ۽ پوسٽ گريجوئيٽ آڪسفورڊ يونيورسٽي لنڊن منجهان پاس ڪيائين. ان بعد پاڪستاني سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين.

س: 1976ع ۾ بينظير صاحبه آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جي ڪهڙيءَ سيٽ تي اليڪشن ۾ بيٺي ۽ ان جي رزلٽ ڪهڙي آئي؟

ج: صدارتي اليڪشن بيٺي ۽ کٽيائين.

س: شهيد محترمه ڪڏهن تعليم مڪمل ڪري پاڪستان ڏانهن واپس آئي؟

ج: 25 جون 1977ع تي.

س: پاڪستان ۾ پهچڻ تي هن کي ڪهڙو سرڪاري عهدو ڏنو ويو؟

ج: کيس وزارت خارجه ۾ انڊر سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: بينظير صاحبہ جي والد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪڏهن حڪومت ختم ڪئي وئي؟

ج: 5 جولاءِ 1977ع تي.

س: ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ بعد بينظير ڀٽو صاحبہ کي پيپلزپارٽيءَ ۾ ڪهڙو عهدو ڏنو ويو؟

ج: کيس پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ شريڪ چيئرپرسن مقرر ڪيو ويو.

س: بينظير صاحبہ ڪيترو وقت جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رهي؟

ج: لاڳيتو ساڍا 5 سال.

س: بينظير صاحبہ ڪهڙي سبب ملڪ کان ٻاهر هلي وئي هئي؟

ج: ٻاهرين ملڪ علاج لاءِ وئي، ڇاڪاڻ تہ جيل ۾ هيءَ سخت بيمار ٿي پئي هئي.

س: بينظير صاحبہ ملڪ کان ٻاهر رهڻ بعد ڪڏهن واپس وطن ڏانهن وري؟

ج: ڏهين اپريل 1986ع تي لاهور ايئرپورٽ تي لٿي، جتي سڄي ملڪ جي چئني صوبن کان آيل بي شمار ماڻهن سندس شاندار استقبال ڪيو.

س: بينظير صاحبہ ڪڏهن آصف علي زرداري سان شادي ڪئي؟

ج: 18 ڊسمبر 1987ع تي.

س: بينظير ڀٽو صاحبہ پهريون دفعو اليڪشن جي ذريعي ڪڏهن پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم بڻي؟

ج: 2 ڊسمبر 1988ع تي.

س: پهرين عورت هجڻ ناتي کيس ٻيو ڪهڙو اعزاز حاصل رهيو؟

ج: هوءَ اسلامي دنيا جي پهرين عورت حڪمران هئي.

س: 1988ع جي اليڪشن ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ گهٽيون سيٽون حاصل ڪيون؟

ج: 92 سيٽون.

س: بينظير ڀٽو صاحبہ ٻيو دفعو پاڪستان جي وزير اعظم ڪڏهن بڻي؟

ج: 19 آڪٽوبر 1993ع تي.

س: بينظير ڀٽو صاحب جي پهرين حڪومت ڪڏهن ۽ ڪنهن ختم ڪئي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: بينظير صاحبہ جي والد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪڏهن حڪومت ختم ڪئي وئي؟

ج: 5 جولاءِ 1977ع تي.

س: ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ بعد بينظير ڀٽو صاحبہ کي پيپلزپارٽيءَ ۾ ڪهڙو عهدو ڏنو ويو؟

ج: کيس پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ شريڪ چيئرپرسن مقرر ڪيو ويو.

س: بينظير صاحبہ ڪيترو وقت جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رهي؟

ج: لاڳيتو ساڍا 5 سال.

س: بينظير صاحبہ ڪهڙي سبب ملڪ کان ٻاهر هلي وئي هئي؟

ج: ٻاهرين ملڪ علاج لاءِ وئي، ڇاڪاڻ تہ جيل ۾ هيءَ سخت بيمار ٿي پئي هئي.

س: بينظير صاحبہ ملڪ کان ٻاهر رهڻ بعد ڪڏهن واپس وطن ڏانهن وري؟

ج: ڏهين اپريل 1986ع تي لاهور ايئرپورٽ تي لٿي، جتي سڄي ملڪ جي چئني صوبن کان آيل بي شمار ماڻهن سندس شاندار استقبال ڪيو.

س: بينظير صاحبہ ڪڏهن آصف علي زرداري سان شادي ڪئي؟

ج: 18 ڊسمبر 1987ع تي.

س: بينظير ڀٽو صاحبہ پهريون دفعو اليڪشن جي ذريعي ڪڏهن پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم بڻي؟

ج: 2 ڊسمبر 1988ع تي.

س: پهرين عورت هجڻ ناتي کيس ٻيو ڪهڙو اعزاز حاصل رهيو؟

ج: هوءَ اسلامي دنيا جي پهرين عورت حڪمران هئي.

س: 1988ع جي اليڪشن ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ گهٽيون سيٽون حاصل ڪيون؟

ج: 92 سيٽون.

س: بينظير ڀٽو صاحبہ ٻيو دفعو پاڪستان جي وزير اعظم ڪڏهن بڻي؟

ج: 19 آڪٽوبر 1993ع تي.

س: بينظير ڀٽو صاحب جي پهرين حڪومت ڪڏهن ۽ ڪنهن ختم ڪئي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


صدر غلام اسحاق خان.

ج: 6 آگسٽ 1990ع تي پاڪستان جي صدر غلام اسحاق خان.
س: بينظير ڀٽو صاحبہ جي ٻيو دفعو حڪومت ڪڏهن ۽ ڪنهن ختم ڪئي؟
ج: 4 نومبر 1996ع تي پاڪستان جي صدر فاروق احمد لغاري
س: 1997ع تي پاڪستان پيپلزپارٽي ڪيتريون سيٽيون کٽيون؟
جواب: فقط 17 سيٽون.
س: محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي ٻنهي حڪومتي دورن ۾ ملڪ اندر ڪهڙا اهم ڪم ٿيا؟
ج: شاگرد تنظيمن تان پابندي ختم ڪئي وئي، هزارين ڳوٺن کي بجلي ۽ گئس ڏني وئي، نوان اسڪول کوليا ويا. مختلف کاتن ۾ نوڪريون ڏنيون ويون. پورٽ قاسم وٽ ورلڊ ٽريڊ سينٽر قائم ڪيو ويو ٺٽي ۾ ڪيٽي بندر گاهہ ۽ گوادر پورٽ جو قيام لاءِ ڪوششون ٿيون.
س: ڇا محترمہ بي نظير ڀٽو صاحب ليکڪ بہ هئي؟
ج: بلڪل. محترمہ بي نظير ڀٽو ناميارِي ليکڪ بہ هئي. سندس ڪجهہ ڪتاب هي آهن. جيڪي اصل تہ انگريزي ۾ آهن. پر سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيا آهن: 1. ڌرتيءَ ڌي 2. سرچاءُ.
س: بينظير ڀٽو صاحبہ کي ڪڏهن ۽ ڪٿي شهيد ڪيو ويو؟
ج: لياقت باغ راولپنڊيءَ ۾ تقرير ڪرڻ کان بعد 7 ڊسمبر 2007ع تي هڪ وڏي هجوم ۾ کيس شهيد ڪيو ويو.
س: شهادت کان بعد بينظير ڀٽو صاحبہ کي ڪٿي دفنايو ويو؟
ج: ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سندس اباڻي ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ کيس پنهنجي والد ۽ ڀين ڀائرن سان گڏ دفنايو ويو.
س: شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ کي مشهور ڪهڙو خطاب ڏنو ويو آهي؟
ج: Daughter of Est. يعني اوڀر جي ڌيءَ.

## شيخ اياز

س: شيخ اياز ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟
ج: 23 مارچ 1923ع تي شڪارپور ۾.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: شيخ اياز جو اصل نالو ڇا آهي؟
ج: مبارڪ علي شيخ.
س: شيخ اياز جي والد جو نالو ڇا هو؟
ج: شيخ غلام حسين.
س: شيخ اياز انٽر تائين ڪٿي پڙهيو؟
ج: شڪارپور شهر ۾.
س: شيخ اياز بي. اي ۽ ايل. ايل. بيءَ جي ڊگري ڪٿان حاصل ڪئي؟
ج: ڪراچي يونيورسٽيءَ مان.
س: شيخ اياز کي ڪهڙين زبانن جي ڄاڻ هئي؟
ج: سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي، پنجابي ۽ سرائيڪي زبانن جي.
س: شيخ اياز ڪهڙي شهر مان وڪالت شروع ڪئي؟
ج: ڪراچيءَ مان.
س: ڪراچيءَ کانپوءِ مستقل طور تي هن ڪٿي رهائش اختيار ڪئي؟
ج: پراڻي سکر ۾.
س: شيخ اياز کي ڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو؟
ج: 23 جنوري 1976ع تي.
س: کيس وائيس چانسلريءَ تان ڪڏهن هٽايو ويو؟
ج: جنوري 1980ع ۾.
س: شيخ اياز مستقل طور رهائش ڪٿي اختيار ڪئي؟
ج: ڪراچيءَ ۾.
س: شيخ اياز جو شاعريءَ کانسواءِ ٻين ڪهڙين صنفن ۾ اوچو مقام آهي؟
ج: نثر نويسيءَ، خطن، مقالن، تقريرن ۽ افسانن ۾.
س: شيخ اياز جو پهريون شعر ڪڏهن ڇپيو؟
ج: ڏهن سالن جي عمر ۾ جڏهن چوٿون درجو پڙهندو هو.
س: شيخ اياز باقاعدي شاعريءَ ۾ ڪڏهن پير پاتو؟
ج: 1946ع ۾.
س: شيخ اياز شعر لکڻ جي ابتدائي دور ۾ ڪنهن کان تصحيح ڪرائي؟
ج: ڪيئلداس "فاني" کان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: شيخ اياز 1947ع ۾ ڪهڙي ماهوار رسالي جو ايڊيٽر بڻيو؟
ج: "اڳتي قدم" رسالي جو.
س: شيخ اياز جا ڪهڙا دوست ۽ هم ڪلاسي ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان ڏانهن هليا ويا؟
ج: ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، حشو ڪيولراماڻي، نارائڻ شيام ۽ اُتم.
س: شيخ اياز جي ڪهڙن ڪتابن تي پاڪستان حڪومت پاران بندش وڌي وئي؟
ج: ڀؤنر ڀري آڪاش، ڪلهي پاتم ڪينرو ۽ سفيد وحشي.
س: شيخ اياز آل پاڪستان ادبي ڪانفرنس ڪڏهن ۽ ڪٿي گهرائي؟
ج: 1958ع ۾ سکر ۾.
س: شيخ اياز شاعريءَ جي ڪهڙين صنفن تي لکيو؟
ج: وائي، ڪافي، غزل، گيت، نظم، قطعو چوسٽو هائيڪو آزاد نظم، نثر نظم ۽ ڇيڄ بلڪ هن شعر جي هر صنف کي نهايت خوبصورتيءَ سان نڀايو آهي وغيره.
س: شيخ اياز جي وفات وقت سندس ڪيترا ڪتاب ڇپجي چڪا هئا؟
ج: 43.
س: شيخ اياز ڪڏهن وفات ڪئي؟
ج: 28 ڊسمبر 1997ع تي.
س: شيخ اياز جي ڪجهه مشهور ڇپيل ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟
ج: "وڄون وسڻ آيون"، "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، "پتڻ ٿو پور ڪري"، "ڀونر ڀري آڪاس"، "چنڊ چنبيلي ول"، "لڙيو سج لڪن ۾"، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" "ڪتين ڪر موڙيا"، "ڪٿي ته پيجبو ٽڪ مسافر" (آتم ڪٿا)، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" (خط)، "سفيد وحشي" (ڪهاڻيون)، "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۽ "ساهيوال جيل جي ڊائري" وغيره.
س: شيخ اياز کي سنڌي ادب ۾ ڪهڙو مقام آهي؟
ج: ويهين صديءَ جو سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ نثر نويس.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## باب چوڏهون

# سنڌ جا پکي، جانور ۽ بلائون

س: سنڌ ۾ تترن جا گھڻا قسم آهن ۽ ڪهڙا آهن؟
ج: ٻه قسم: (1) ٻگڙو ۽ (2) ڪارڙو.
س: سنڌ ۾ عام طور ڪهڙا پکي عام ملن ٿا؟
ج: ڪانءُ، ڪبر، هيڙو ٻتر، ڳيرو جهرڪي، چتون، ڪاٺ ڪٽو سرڻ، باز، چٻرو ڪٽڇي، ڦوسڙي، پٽ ڳيري، بلبل، تتيهر، ڳجهه، ڪوئيل ۽ تر طرف مور عام آهن.
س: عربي تواريخدان جاحظ سنڌ جي ڪڪڙين لاءِ ڇا لکيو آهي؟
ج: الله تعاليٰ سنڌ جي ڪڪڙين کي خاص خصوصيتن سان خلقيو آهي.
س: چڪور کي سنڌ ۾ ڇا سڏيو ويندو آهي؟
ج: سنڌ جي مٿاهين پٽ جو تتر.
س: ڪومب بدڪ سنڌ جي ڪهڙن علائقن ۾ ملي ٿي؟
ج: سنڌ جي ڏکڻ ـ اوير وارن علائقن ۾.
س: مور سنڌ جي ڪهڙن ضلعن ۾ ملي ٿو؟
ج: ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن ۾.
س: اڳاٽي دور ۾ سنڌ ۾ ڪهڙو جانور مشهور هو؟
ج: گهوڙو.
س: گهوڙن جون سنڌ ۾ ڪيتريون ذاتيون موجود آهن؟
ج: ڏهه: مشڪي، سرخ، صمد، ڪوئل، مکڙو صمد، ڪميت، مکڙو بور، پنج ڪلياٽي بور ۽ نکرو ۽ پير پنو.
س: سنڌ ۾ گهوڙا ڪيترن قسمن جا ٿين ٿا؟
ج: ٽن قسمن جا. بلوچي يا جيڪب آبادي، ڪاٺياواڙي ۽ عربي گهوڙا.
س: قديم سنڌ ۾ دولتمند ڪنهن کي ڇيو ويندو هو؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944
Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: سنڌ ۾ خاص جانور ڪهڙا آهن؟
ج: ڳئون، مينهون، ٻڪريون، رڍون، گهوڙا، اُٺ ۽ گڏھ.
س: سنڌ ۾ ڳئون ڪيترن نسلن جون آهن؟
ج: ٽي قسم: ٿاڙهي، ٿري ۽ ڀاڳناڙي
س: ٿاڙهي نسل جون ڳئون سنڌ جي ڪهڙن ضلعن ۾ آهن؟
ج: بدين، ٺٽو ڪراچي، دادو حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوالهيار ۽ مٽياري ضلعن ۾.
س: ٿري نسلن جون ڳئون سنڌ جي ڪهڙن ضلعن ۾ آهن؟
ج: ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ سانگهڙ ضلعن ۾.
س: ڀاڳناڙي نسلن جون ڳئون سنڌ جي ڪهڙن ضلعن ۾ آهن؟
ج: دادو، لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد.
س: ٿاڙهي نسل جي واڌاري لاءِ سنڌ ۾ فارم ڪٿي قائم ڪيل آهي؟
ج: ڪراچيءَ ۽ ٽنڊو محمد خان ۾.
س: ٿري نسل جي ڳئونءَ جي واڌاري لاءِ سنڌ ۾ فارم ڪٿي قائم ڪيل آهي؟
ج: ميرپورخاص ضلعي جي نبي سر روڊ تي.
س: سنڌ ۾ موجود ڳئن جون ذاتيون گهٽيون آهن؟
ج: نَو: بگي، پولي، ٿاڙهي ملهيري، ٿاڙهي ڪڪڙي، چوٺري، ڪٽڪ رنگي، ڪڪڙي، ڪبري ۽ مشڪڻ ڇهي.
س: ٿر ۾ عام طرح ڪهڙي مال جي گهٽائي آهي؟
ج: ڳائي مال جي گهٽائي آهي.
س: سنڌ ۾ ۾ مينهن جو مشهور نسل ڪهڙو آهي؟
ج: ڪنڊي مينهن.
س: ڪنڊيءَ مينهن جي نسل جي واڌاري لاءِ سنڌ ۾ ڪٿي فارم قائم ڪيل آهي؟
ج: روهڙيءَ ۾.
س: سنڌ ۾ مينهن جون ڪيتيريون ذاتيون آهن؟
ج: نَو: ماڻڪي، چال، ڪنڊي، گوشي، ڪب، ٻنبل، ڦاڏي، ٿوڙهي ۽ گهنج.
س: سنڌ ۾ رڍون ڪيترن قسمن جون ٿين ٿيون؟
ج: ٻن قسم جون: (1) دنبي رڍ ۽ (2) عام رڍ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano


س: ڪارو ريڇ سنڌ جي ڪهڙن علائقن ۾ رهي ٿو؟
ج: کير ٿر جبل.
س: سنڌ ۾ نانگن ۽ بلائن جا ڪيترا قسم آهن؟
ج: 43 قسم.
س: نانگ جو زهر انسان جي ڪهڙن عضون تي اثر ڪري ٿو؟
ج: دل ۽ رت تي.
س: ننگر پارڪر تعلقي جي مشهور بلا ڪهڙي آهي؟
ج: پيئڻ بلا. اها ستل ماڻهوءَ جي وات ۾ زهر هاريندي آهي.
س: سنڌ ۾ نانگن جا ڪهڙا مشهور قسم آهن؟
ج: سنڌ ۾ اڪثر ڪري ڪاريهر، واسينگ، گدا، ڪپر، گهوڙيوال، ڪوراڙيون، ڪنيارا، لهارا، ٻه منهيون، ارڙ ڪلاڏاري، پيئڻيون، هڻ ڪڻ، سرنگهه، لُنبڊي ۽ ڪتياڻ وغيره قسمن جا نانگ مشهور آهن.
س: ڪهڙو نانگ سڀ کان تيز ڊوڙندو آهي؟
ج: گهوڙيوال، جنهن لاءِ چون ٿا ته گهوڙي وانگر تيز ڊوڙندو آهي.
س: ڪهڙي نانگ جي اکين ۾ ڪشش ٿيندي آهي؟
ج: ارڙ نانگ جي.
س: ڪهڙي نانگ ۾ زهر نه ٿيندو آهي ۽ جيڪو ماڻهوءَ کي ڳهي ختم ڪندو آهي؟
ج: ارڙ نانگ.
س: ڪهڙو نانگ سڀ کان وڌيڪ زهريلو آهي ۽ ڦوڪ ڏيڻ سان سامهون سڀ ڪجهه ساڙيو ڇڏي؟
ج: ڪلاڏاري نانگ.
س: ڪهڙي نانگ کي پير ٿيندا آهن ۽ سانڊي وانگر ٿيندو آهي؟
ج: هڻ ڪڻ.
س: ڪهڙو نانگ رستي تي ويهندو آهي ۽ واٽهڙن کي ڏنگيندو آهي؟
ج: ڪپر يا لنبڊي نانگ.
س: ڪهڙو نانگ رات جي وقت ساهه پيئندو آهي؟
ج: پيئڻ بلا يا پيئڻ نانگ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano



س: ڪهڙو نانگ سيد عبدالقادر جيلانيؒ (پيران پير دستگير) جي ڏوهيءَ جي امر ۾ هوندو آهي؟

ج: ڪاريهر نانگ

س: ٻئي ڪهڙي پير لاءِ مشهور آهي تہ نانگ ان جي ڏوهيءَ جي امر ۾ آهن؟

ج: گوگي پير جي ڏوهيءَ جي امر ۾.

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري

سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي
مفت ونڊ جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات

١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
۴. مصروفيت
۵. تصوير

ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽
برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو
جو فيسبڪ گروپ جوائن
ڪرڻ لازمي آهي...!!
faccbook.com/kutabkhano

گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944 Scanned by CamScanner